امرتا پریتم



تیرھون سج

سنڈیکار
ستار

تيرهون سج

ليکڪ

امرتا پريتم

سنڌيڪار

ستار



سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي

مڙئي حق ۽ واسطا سنڌ يڪار وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو : تيرهون سج
ليکڪا : امرتا پريتم
سنڌ يڪار : ستار
ڪتاب نمبر : ڏهون
ايڊيشن : پهريون
تعداد : هڪ هزار
سال : سيپٽمبر 1999ع
ڇپائيندڙ : سنڌ ادبي اڪيڈمي
542 سي، سينٽرل ڪمرشل ايريا
پي-اي-سي-ايڇ-ايس بلاڪ-2،
ڪراچي-75400
ڪمپوزر : پيس ڪمپوزرس
5/11 فلور رمپا پلازه بندر روڊ
ڪراچي فون: 7762272
ڇپائيندڙ : جنت پريس ڪراچي
قيمت : -/70رپيا

اڻپنا

سمجهو هوم ته منهن جو،
ڪوئي ناهي زماني ۾-
گهر- گهاٽ
مٽ- مائٽ
يار- اغيار
اڙي ڇوڙ وارو به ناهي مون کي-
پر نه ڇاڙ
ڪتان هُوءَ آئي
اُتر پار کان سرد جهوڪو ٻڌجي.
سڄو سرهاڻ سان واسيل-
جو ويو مون کي ڳڳائي
زندگيءَ جي نٽهڻ ۾ رلندي-
جنهن سڏيو مون کي پرين!
ءِ ڏنئين هٿ تي چمي
پنهنجو ڪري مون کي وئي
تنهن کان پوءِ پانيان پيو
ڪنهن لءِ مان پي ڪجهه آهيان
تنهن کي ڪيئن نه مان چاهيان
تنهن لءِ
جوت جلائڻ ڏو چاهيان
ءِ پنهنجون ساريون محنتون
ان کي اڻپڻ ڏو چاهيان،
جو هن لءِ مان پي ڪجهه آهيان-

ستار

13 اپريل 1997

پيٽا

ادب سچ آهي ۽ اديب سچ جو پرچارڪ.

ادب تاريخي حقيقت آهي ۽ اديب ان جو صحيح محقق.

دنيا ۾ جتي به سچائي آهي، ان کي نج ۾ نروار ڪرڻ جو ڪم اديب پنهنجي سِر کڻندو آهي. پوءِ ان کي تڪميل تائين پهچائڻ ۾، هر ڏاڍ کي ڏارڻ لاءِ جِدوجهد ڪندو آهي.

اکنڊ پارت جي تاريخ جنهن نموني ۾ تاريخدانن لکي آهي، ان کي پڙهڻ سان پتو پوي ٿو ته ان ۾ ڪيترن ئي نه ۾ سمورن دؤرن ۾ تاريخدانن تاريخ سان ناانصافيون ڪيون آهن. ڪنهن به تاريخدان ڪيترائي سچا پچا واقعا جيئن جو تيئن پيش ئي نه ڪيا آهن. انهن لاءِ ڪهڙيون مجبوريون هيون، ڪهڙيون رندڪون هيون، جن جي ڪري هنن انهن کي پيش ڪرڻ کان لنوايو آهي.

اهي مجبوريون ۽ صورتن ۾ نظر اچن ٿيون. هڪ اها صورت آهي ته ڪين ملڪي انتظام هلائيندڙن پاران کي دٻاءُ هجن، جنهن ڪري هو سچ لکڻ بدران نه لکي سگهيا هجن. ٻي صورت آهي سندن مسئلن ۽ تاريخي حقيقتن جي اهميت کان اڻ ڄاڻائي.

نندي کنڊ جي تاريخي حقيقتن کي جيترو قرات العين حيدر اُجاگر ڪيو آهي، اوترو شايد ئي ڪنهن لکڻ جي سگهه ساري هجي. سندس ناول "آگ

کا درياءَ" "آخرِ شب کي همسفر" ۽ "سيتاهرن" پوري هندوستان جي تاريخ آهن، جنهن ۾ کابي سچائي ڇڏيل ناهي. ناول "سيتاهرن" ۾ سنڌي شرنارٿين جي مسئلن جي پروڙ پوي ٿي. انهيءَ ڏس ۾ موهن کلپنا جو ناولٽ "جلاوطني" پڻ قابلِ ذکر آهي.

قراٽ العين حيدر جو ناول "آخرِ شب کي همسفر" پوري بنگال جي انگريزن جي خلاف کيل جدوجهد جي تاريخي حيثيت رکي ٿو. اهو ناول ايتري سچائيءَ تي منحصر آهي، جو اڳتي کنهن به تاريخي محقق کي ان مان تاريخي حقيقتون ڳولي هٿ ڪرڻ ۾ ڏاڍي آساني ٿيندي.

ننڍي کنڊ ۾ سچائيءَ جي ساکي اديبن جو ڪڏهن به کال نه ٿيو آهي. اديب هوليءَ جا وينجهر هوندا هوندا آهن ۽ ذهني حساس هئڻ ڪري، پنهنجي ملڪ، هولي، ثقافت ۽ رسم و رواج جا پارکو هوندا آهن. هُو کوبه ڏاڍ، کابه اوٽائي پنهنجي ديس ۽ ديس واسين واسطي برداشت ڪرڻ جي لاءِ بنهه تيار نه هوندا آهن. نه صرف ديس جي لاءِ، پر دنيا جي کنهن به خطي ۾، جيڪو به ظلم ٿئي ٿو، جتي به ڏاڍ ڪري ماڻهن کي هيسايو وڃي ٿو، اديب ان لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو ۽ اهو سڀ ڪجهه پاڻ لاءِ پائڻ ٿو.

"جوبه ٿيو، جنهن جاءِ ٿيو، سو ظلم مون تي ٿيو آهي."

امرتا پريتم هونءَ ته پنجابي زبان جي ليکڪا آهي، جنهن ناولن کانسواءِ کهاڻيون به لکيون ۽ شاعري به ڪئي آهي.

اديب پل کنهن به هوليءَ، نسل، ديس ۽ تهذيب سان واسطو رکندڙ هجي، پر جيڪڏهن هو سچو آهي، سندس رويو پنهنجي ئي قوم، هولي، تهذيب ۽ ملڪي مسئلن ڏانهن مثبت آهي ته اهو ليکڪ رڳو ان قوم جو ليکڪ ناهي، پر هو دنيا جي گولي جي کنڊ ڪڙڇ ۾ وسندڙ هر قوم جو ليکڪ آهي. اهڙيءَ طرح امرتا پريتم کي جيڪا شهرت، مانُ ۽ مرتبو هندوستان ۾ يا پنجابي هوليءَ جي ڄاڻ ۾ حاصل آهي، ان جيتري ئي شهرت هن، سنڌ جي ٻين قومن ۽ خطن ۾ به آهي. انهيءَ کانسواءِ کيس هند-سنڌ کان ٻاهر به عزت جي نگاهه سان ڏٺو ٿو وڃي.

امرتا پريتم وٽ جيڪي موضوع آهن، اهي صرف هندوستان يا پنجابي قوم جا ناهن، پر اهي موضوع، خاص ڪري اسان سنڌ جي ماڻهن جا پنهنجا

موضوع آهن، ۽ اهوئي سبب آهي جو اسان وٽ امرتا پريتم کي وڌ ۾ وڌ پڙهيو وڃي ٿو، پرکيو وڃي ٿو. مون امرتا پريتم جو نندڙو ناولٽ "بند دروازو" ولي رام ولپ جو ترجمو کيل پڙهيو ۽ پروڙيو. ان کان پوءِ مون کي آس جاڳي انهيءَ مها ساگر مان، پنهنجي پياس ٻجهايان. پر ادب جي پياس اهڙي آهي:

"پچان، کامان، پجران، لچان ۽ لوچيان،
سندي سڪ پرين جي، پيان نہ ڏاپان،
سمنڊ منهن کيان، تہ سُرکيائي هيکڙي."

جيئن جيئن سندس ڪتاب پڙهندو ويس، تيئن تيئن پڙهڻ جي پياس ايڏا ن بہ وڌندي وئي. ايئن ڪندي مان سندس ڳچل ڪتاب پڙهي ويس. جڏهن انهن جو چَسَ چِتَ سان چُهٽي پيو، تڏهن هڪ ڳالهہ من ۾ ڪَرَ ڪنيو تہ چو نہ انهيءَ مُهانَ ليکڪا کي سنڌي پڙهندڙن وٽ روشناس ڪرايان. ۽ ڏسندي ئي سندي مون سندس هي ناول "تيرهوان سورج" کي سنڌي ٻوليءَ ۾ آڻي ڇڏيو.

ناول جي باري ۾ مان ڪجهہ لکڻ نہ ٿو گهران، چو تہ مون اڳ ئي اقرار ڪيو آهي تہ هي ناول مون کي بيحد پسند آيو. انڪري اهو پڙهندڙن تي ڇڏي ٿو ڏيان تہ هُو پاڻ پڙهڻ کان پوءِ ان جي اهميت جي ڪٽ ڪن، پرک ڪن. پڙهندڙ وڏو پارکو آهي، باقي هن ناول جو هيرو بہ ليکڪ آهي ۽ ان جو قدردان جڏهن هن سان ملڻ اچي ٿو تہ هن جا تاثرات، اسان جا پنهنجا تاثرات آهن، جيڪي اسان پنهنجي مُهان ليکڪن سان ملڻ کان پوءِ اظهاريندا آهيون.

هڪ ڳالهہ ٻڌائيندو هلان تہ هي ناولٽ ۷۵- ۱۹۷۴ع ۾ ترجمو ڪيو هوم. هڪ دوست ڇپڻ جو واعدو بہ ڪيو ۽ نيٺ ڏهہ سال پاڻ وٽ رکي واپس ڪيائين. هاڻ ۱۹۹۷ع يعني ۱۸ سالن کان پوءِ ڇپجي اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي.

ستار

ڪراچي
۱۷ جنوري ۱۹۹۷

○

جملو ذهن ۾ ڪهي رهجي ويو ۽ سامهون ڪاغذ ڏانهن ڏسندي قلم مان مس ختم ٿي وئي.

سنجي جي اکين اڳيان اوندهه ڇانئجي وئي، صرف ڪنن ۾ هڪ آواز گونجڻ لڳس. خبر ناهي ڪٿان ائين جيئن ڪوئي هوريان هوريان ٽاڻ ۾ ڪجهه گهمائيندو هجي..... پوءِ اکيون اونداهه ۾ ڪجهه هري ويس..... آڏو هڪ جهلڪ ڏسڻ ۾ آئي.... هٿ جي جهلڪ جيڪو اوندهه ۾ هوريان هوريان لڏي رهيو هو.

نہ ڄاڻ ڪنهن جو هٿ آهي، سچائپ ۾ نہ ٿو اچي. صرف ايترو ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ ان هٿ ۾ هڪ ڪائي آهي، ۽ ان سان اهو هٿ ان ٽاڻ ۾ ڪجهه ملائي رهيو آهي. سنجي پنهنجون اکيون اوندهه ۾ ڪپائي ڇڏيون. لڳس، ها، ٽاڻ هٿ ڪان وڏي، اوندهه ۾ چمڪي رهيو آهي.... شايد ان لاءِ جو اهو ٽامي جو آهي.....

هن کي محسوس ٿيو، تہ ڪجهه ياد اچي رهيو آهي..... هڪ نسخو- ڪجل هڪ سير، ڪاراڻ ۽ هو سوچڻ لڳو..... سير ڪاراڻ، اها سير ڪاراڻ ڪهڙي بلا آهي. ها، ياد آيو، سير ڪاراڻ هڪ وزن هوندو آهي، شايد ٻہ تولا-

۽ هن کي هڪ نسخو ياد آيو. ڪجل ٻہ تولا، بيل ٻہ تولا،ٻير جو ڪوئر چار تولا، هڪ رتي لاجورد، هڪ رتي سون ۽ جلبسار جوپاڻي..... ۽ انهن سيني کي ٽامي جي ٽاڻ ۾ وجهي، نہ جي ڪائيءَ سان ويهن ڏينهن تائين ملائيندا رهو.....

خدايا! هي سڀ تہ مس ناهڻ جو نسخو هو..... ۽ لڳس.... آڏو لڏندڙ هٿ شايد منهنجو آهي. سنجي ڪيتري دير تائين ماڻ ويٺو رهيو. شايد سوچن ۾ ٻڏي ويو. پوءِ هن هڪ اونهون ساهہ ڪنيو. اهو شايد مان هوس جو ڪجهہ لکڻ لاءِ مس ناهي رهيو هوس ۽ پوءِ.... شايد مان اوچتو مري ويس .... ۽ منهنجي هٿ جي چرپر اتي ئي ٻيهي وئي. سنجي جي چپن تي مرڪ جي هڪ ڏکهي ليک نڪري وئي. جيئن هڪ غار مان لنگهندي، غار جي آخري ڇيڙي تائين روشنيءَ جي ليک ٻئيل هجي. هو حيران سوچڻ لڳو. اڄ هي ڪئي صديون چيري منهن جو من ڪهڙيءَ جاءِ تي پهتو آهي؟ شايد اُتي جتي پني نوع انسان پهريون پيرو لفظن کي لکت جو ويس ڏڪائڻ جي لاءِ مس ناهي هئي.

من ۾ ڪئين صديون هيٺ مٽي ٿي ويون، پر سنجي لاشعور مان ايري ڪجهہ سوچي ڏسڻ چاهيو.....

هي شايد ڪيترن جنمن کان هٿ ۾ ڪنيل قسم جو اشارو آهي.... يا صرف منهن جي خودي‌ءَ سان پريل هڪ تصور. وقت جي وهاءَ تي ماضيءَ جي تهن کي چيريندي ايندڙ هڪ جهلڪ، تہ دنيا ۾ جنهن ماڻهوءَ زبان جو پهريون حرف لکيو، اهو مان ئي هوس.....

سنجي کلي ويٺو. جهڙو هو ڪنهن اونداهي غار مان نڪري ٻاهر ڪليل روشنيءَ ۾ اچي ويو هجي ۽ ڪلندي ڪلندي هو پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو: "سنجي صاحب نئين ناول ڇپجڻ سان وڏي شهرت ملي وئي اٿئي نہ، اها ئي مٽي تي چڙهي وئي آهي. سائينءَ جن کي لڳي رهيو آهي تہ جڏ دنيا جو پهريون مصنف پاڻ ئي آهي. سٺو نہ ٿو لڳي." هو وري اونداهو غار ڪولڻ لڳو، جتي هو پاڻ سان اڪيلو ٿوري دير ويهي سگهي.

غار جي شايد ڪائي مراد نہ هوندي آهي، اها گهرڻ سان ملي ويندي آهي، سنجي جي پيرن هيٺان پل ۾ دؤر گذري ويا ۽ هو هڪ غار جي منهن وٽ ٻرندڙ ڏياٽي هٿ ۾ ڪٽي غار ۾ گهڙي ويو. هن پيري، هن جي ڪوشش شعوري هئي. هن سوچيو ڏياٽيءَ جي روشنيءَ ۾ هو غار جي رازن کي ڪولڻ هٿ ڪندو.

۽ هو غار جي چت تي هٿوراڙيون ڏيندو ۽ ٻئي هٿ ۾ ڏياٽي جهلي، مٽي

انٽرويو چيڄڻ کانپوءِ هو تصويرون واپس ڪندا، پر اخباري واعدہ ڪير پورا ڪندو آهي.

هن وقت تصوير نہ ملڻ تي سنجي کي ڏاڍي ڇڙ لڳي، گڏو گڏ ٽڪاوٽ پڻ، ۽ اهو احساس تہ هن وقت هو نيگيٽو ڪٽي ڪنهن فوٽو گرافر جي دڪان تي وڃي نہ سگهندو..... اڄ هو صرف ڪهاڻي موڪلي سگهي ٿو تصوير نہ.

ڪاغذن کي ان ئي ميز تي ڇڏي هو بستري تي ليٽي پيو. عضون ۾ ٽڪ ۽ هڪ سڪ گاڏڙ احساس ٿيس ۽ هن کي خيال آيو: "ڪنهن شاعر هڪ نظم لکيو هو تہ خدا ڇهہ ڏينهن لڳاتار دنيا جي پيدائش ڪري ايترو ٽڪجي پيو جو ستين ڏينهن هو ڏينهن رات ستو ئي رهيو..... خدا کي بہ آرام جي ضرورت پئي. هن کي لڳو تہ هر پيري ڪهاڻي يا ناول لکڻ کان پوءِ هن کي بہ خدا جيان ٽڪاوٽ ٽيندي آهي، ۽ هن کي پاڻ تي ڪل آئي. اڄ منهنجو ستون ڏينهن آهي..... اڄ مان ڪهاڻي پوسٽ ڪرڻ بہ نہ ويندس.....

پر سمهڻ کان پهريائين هن کي سگريٽ جي گهرج ٿي ۽ هڪ بيئر جي گلاس جي بہ. هن وٽ ڪمري ۾ نہ بيئر هو ۽ نہ سگريٽ. هن دل ۾ خدا سان شڪايت ڪئي. "يار! توکي تہ مون جيان پاڻ ئي بازار وڃي سگريٽ آڻڻا نہ ٿا پون ۽ نہ ئي بيئر لاءِ پئسن جو بندوبست ڪرڻو پوندو آهي.....

پر زندگيءَ جي مقابلي ۾ هن کي وڌيڪ خوشي ٿي تہ هن خدا کي درجہ بندگيءَ تي آڻي، گلا شڪايت تہ ڪري ٿو سگهي اهو سوچي، هو فخر مان بستري تان اٿي ويٺو..... پوءِ جڏهن هن سگريٽ ۽ بيئر لاءِ پئسا ڪيسي ۾ وڌا تہ ميز جو ننڍو خانو کولي پنهنجي تصوير جو نيگيٽو بہ ڪٽي ورتو. جيڪڏهن ويڙهو ئي آهي تہ هن جون پنج ڇهہ ڪاپيون ٺهرائي ونڊس..... ويندي مهل غسلخاني جي ننڍي شيشي وٽ بهي وارن کي هلڪو برش ڪرڻ لڳو تہ نگاهہ شيشي ۾ اٽڪي پيس- "سنجي يار! سچ ٻڌائج طلب سگريٽ يا بيئر جي آهي يا اخبار ۾ پنهنجي تصوير ڇپيل ڏسڻ جي؟"

دل ۾ هلڪو سور اٿيس. مون، پنهنجو پاڻ کي بندءِ خدا تہ سمجهي ورتو پر شهرت جو ننڍڙو موقعو بہ چڏيو نہ ٿو ٿئي..... ۽ هن شيشي کان اکيون پري ڪري چڏيون.

جنهن عمارت ۾ سنجي رهندو هو ان ۾ ڪيترائي پراڻا ننڍا ننڍا گهر هئا.

عمارت جي شروعات وارو ڪمرو پراڻو هو جتي ٻين مسواڙين جي ڪيترين ئي سائيڪلن سان هن جي سائيڪل ٻہ بيٺي هئي. هن ان ڪمري مان پنهنجي سائيڪل ڪڍي. بازار ايتري پري نہ هئي. پهرين نيگيٽو پرنٽ ڪرڻ لاءِ ڏنائين، پوءِ سگريٽن جو پاڪيٽ ورتو ۽ ان کان پوءِ جڏهن بيئر جي دڪان تي پهتو تہ خبر پيس تہ اڄ اربع آهي ۽ اربع خشڪ ڏينهن هوندو آهي. سنجي جي ذهن ۾ وري شڪايت ڪَرَ ڪنيو. "خدايا! توهان لاءِ ٻہ جيڪڏهن ٻہ ڏينهن خشڪ اچي ويڻ تہ توهانکي ڪيئن لڳي؟"

هو فوٽو گرافر جي دڪان ڏانهن وريو. اڄان اڌ ڪلاڪ ٻہ نہ گذريو هو. جيترو فوٽو گرافر پرنٽس جي لاءِ گهريو هو. پر گهر موٽي ويڻ ۽ ويهن منٽن کان پوءِ ٻيهر اچڻ، هن کي ڏاڍو مشڪل لڳو. انڪري هو فوٽوگرافر جي نندي دڪان تي هڪ بئنچ تي ويهي رهيو.

هڪ سگريٽ دڪائي ۽ اڻ ڄاڻائيءَ مان سامهون هن جي نندي ڪمري کي گهورڻ لڳو. جنهن ۾ فوٽو گرافر هن جي نيگيٽو مان پازيٽو ٺاهي رهيو هو.

هڪ پراڻي ڳالهہ هن کي ياد آئي. هڪ ٻيري هن جي واقف فوٽو گرافر جي اونداهي ڪمري ۾ وڃي فلم ڌوئڻ ۽ نيگيٽو مان پازيٽو ٺاهڻ جو طريقو ڏنو هئائين. ان مهل اهو پاڻ هن جي اکين اڳيان اچي ويو. هن کي لڳو، هاڻ ئي هن جي سامهون جيڪو سفيد ڪاغذ هو، ان تي هن جا نقش اپري رهيا آهن. اول جهيڻا ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي ڇٽا ٿيندا ويا. --

پر اوچتو، هن جون اکيون ڇنڇجي ويون، سامهون ڪاغذ تي هڪ نہ ڪيتريون تصويرون اپري رهيون هيون. نہ ڄاڻ ڪنهن ڪنهن جون..... عجيب ۽ گهنجن واريون شڪليون، مردن جون ۽ عورتن جون ٻہ.....

سنجي گهبراڻجي هيڏي هوڏي نهاريو، هر طرف اوندهہ هئي. صرف ان ڪنڊ ۾ ٿوري روشني هئي جتي ڪائيءَ جا ڪجهہ چوڪٽ هٽا ۽ جتي ٿري ۾ ڪجهہ تصويرون اونڌيون سڌيون پيون هيون.....

هن هڪ ٿري ۾ هٿ وڌهي هڪ اونڌي تصوير کي سڌو ڪيو. تصوير تي ڪيترائي ڇهرا لڏي رهيا هٽا ۽ انهن کي ڏسندي ڏسندي بدلجي رهيا هٽا..... هن سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪجهہ ياد ڪرڻ چاهيو.... بس هن کي ايترو ئي لڳو تہ ڪڏهن ڪنهن جون اکيون هن کي پنهنجي اکين جهڙيون ٿي

لڳيون. ڪڏهن ڪنهن جو نڪ هن جي نڪ سان ملندڙ هو ۽ ڪڏهن هن جا چپ- "سمهي پيؤ سائين! ونو پنهنجون تصويرون....."

فوٽو گرافر نہ ڄاڻ هڪ پيرو چيو هو ہہ پيرا چيو يا ٽي پيرا، هن کي پوري خبر نہ هئي، پر ان آواز سان هو جڏ نند مان جاڳيو سنجي لفافو ڪٽي پهرين هڪ تصوير تکڙ ۾ ڏٺي، وري ٻي، ٽين، چوٿين ۽ پنجين..... سڀ جون سڀ هڪ جهڙيون هيون ۽ سيني ۾ هڪ ئي چهرو هو، هن جو پنهنجو چهرو.....

سنجي پٽسا ڏنا، تصويرون ورتيون، گهر پهچي جڏهن هڪ تصوير کي کهاڙيءَ واري لفافي ۾ بند ڪرڻ لڳو تہ هن کي پاڻ مرادو کل اچي وئي.

هيءَ تصوير ڇپبي تہ سيني کي هڪ ئي چهرو ڏسڻ ۾ ايندو، منهنجو، شري سنجي ڪمار جو.....

۽ لفافو بند ڪري هڪ پاسي رکندي سنجي جي وات مان نڪتو! "يار فرائڊ ڏس! تنهنجي ٿيوريءَ تي مون کيترو يقين کيو آهي جو اڄ منهن جي آڏو منهن جي نيگيٽو مان منهنجي پيءُ جي پيءُ جي پيءُ جو چهرو ہہ نڪري آيو ۽ منهنجي ماءُ جي ماءُ جي ماءُ جو چهرو ہہ.... هي تون ڪهڙي مصيبت ۾ وجهي ويو آهين، ماٿهن جي دل ۾ انهن جو (مان) ڪڏهن ہہ بذاتِ خود آزاد نہ هوندو آهي، پورو نسل ان "مان" جي نقشن ۾ هلندو آهي..... انهيءَ سانچي ۾ پوندڙ.

سنجي ڪتابن جي ڪٻٽ مان هڪ ڪتاب ڪڍي فرائڊ جا اهي جملا پڙهيا جن تي نشان لڳائي هُن انهن کي ڌار ڪيو هو. تصور انسان جي بغاوت جو سڀ کان وڏو ذريعو هوندو آهي. انهيءَ مان مصنف ان ڪردار کي نمايان ڪندو آهي. جيڪو بهادر هوندو آهي ٻين ڪردارن کي قتل ڪندو آهي ۽ "اسان" لفظ مان نڪري "مان" ٿيندو آهي..... قتل جي ذميداري "اسان" ۾ نہ ورهائيندو آهي پر "مان" ۾ ولندو آهي.....

سنجي ڪتاب کي بند ڪري ڪٻٽ ۾ رکندي سوچيو: "منهنجي پيءَ کي صرف ہہ ڪتاب پڙهڻ ايندا هئا. هڪ اهو جنهن ۾ گرو منتر لکي هُن کي هڪ ساڌوءَ ڏنو هو ۽ پيو ڪنڊي جو؛ جنهن ۾ هو پنهنجي قرضدارن جون رقمون لکندو هو..... اهي ٻئي ڪتاب هو مون کي ورثي ۾ ڏيڻ پيو گهري ۽

مون کي انهن ٻن ڪتابن کان سخت نفرت هئي.....

سنجي هڪ سگريٽ ڏکايو ۽ هن جي دل جي ڳالهه دونهين جيان هن جي چپن تي اچي وئي. مان صرف نٽون ۽ بلڪل پنهنجو ڪتاب لکي انهن ٻن ڪتابن جو قتل ڪري ٿي سگهيس. اهي مون لکيا..... منهنجي اها ٿي بغاوت هئي، مون ڪئي..... پر ڇا ورٿي کي قتل ڪري ٻه پاڻ سان ڪٿي هلٿو پوندو آهي؟ پنهنجي نالي ۽ ڏس پتي ۾ ٻه. ذات مذهب ۾ ٻه ۽ پنهنجي خدو خال ۾ ٻه؟

سگريٽ جو هڪ ڊگهو ڪش هٺندي سنجي کي ياد آيو، هڪ ڀيري هو سگريٽ هٿ ۾ ڪري پنهنجي پيءُ جي ننڍي ڪوٺڙيءَ ۾ هليو ويو هو. جتي ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا تخليءَ تي رکيل پٿر جي هڪ مورت جي آڏو ڏوپ ٻاريو ويندو هو..... ۽ سنجي جي پيءُ زوردار چماٽ هن جي ڳل تي هنئين هئي.... پوءِ ان منجهند جو، جڏهن ويجهو اوڏو ڪوبه نه هو، چوريءَ ان ڪوٺڙي ۾ ويو هو ۽ ان تخليءَ تي رکيل پٿر جي مورتيءَ اڳيان ڏوپ ڪٿي اتي ٻرندڙ سگريٽ رکي ڇڏيو هو..... اڄ ڪيترن سالن پڇاڻان سنجي کي اها ڳالهه ياد آئي ته هو اڪيلو بيهي ڪلڻ لڳو. چوڻ لڳو: "ڏس يار فرائڊ! هاڻ تون پل ته ان جو کهڙو به تجزيو ڪر، مون ته پنهنجي پاران هڪ وڏي بغاوت ڪئي هئي. جيتري عمر جي لحاظ سان ڪري سگهيو هوس....."

۽ وري هن جي وات مان نڪتو- "يار نطشي! هُن تنهنجي سپر مين جو ڇا ٿيندو، جنهن کي اڄ به پنهنجي چهري ۾ پنهنجي ابن ڏاڏن جي منهن مان انهن جا نقش ڏسڻ ۾ ايندا آهن؟-" ..... ان سان گڏ هن کي ڪل اچي وئي. "يار هٽلر! تو ته گڙٻڙ ڪري ڇڏي. نطشي جي سپرمين کي بدنام ڪري ڇڏيئءِ..... ورنه هُن جو تصور ڪجهه ٻيو ئي هجي ها....."

سنجي کي لڳو: "هٽلر جي زندگيءَ تي ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن. جيتريون ڪنسنٽريشن ڪئمپون هيون، انهن ۾ مرڻ وارن جو تعداد به لکيو ويو. پر هٽلر جي سپ ڪان وڏي قتل جو واقعو ڪنهن نه لکيو. ڪنهن نه لکيو ته هٽلر تي نطشي جي سپرمين کي قتل ڪرڻ جو ڏوهه به لاڳو ٿئي ٿو.....

هٿ ۾ جهليل سگريٽ جو آخري گرم سِرو سنجي جي آڱر کي محسوس ٿيو ته هو هڪدم چرڪي پيو..... هن سگريٽ کي رک داني ۾ رکيو ۽ هڪ نئون سگريٽ ڏکايو.

پنهنجي ان عجيب طلب تي هن کي کل اچي وئي..... نہ پيٹان تہ سجو ڏينهن سگريٽ نہ پيئان ۽ پيئڻ شروع ڪريان تہ هڪ کان پوءِ ٻيو ۽ پوءِ ٽيون ۽ پوءِ نہ ڇاڻ ڪيترا ئي سگريٽ هڪ ئي ٻيري ۾ ٻي ويندو آهيان.

خيالن جي طلب ۾ شايد سگريٽن جي طلب جيان ئي ٽيندي آهي..... ڪيترائي ٻيرا ڪيترا ڏينهن ڪجهہ نہ لکي سگهبو آهي جهڙوڪر خيال کان خالي ٿي ويو آهيان. ۽ ڪڏهن هڪ ساهہ سان هڪ خيال ايندو آهي ۽ ٻئي ساهہ سان ٻيو اچي ويندو آهي، ٽئين ساهہ سان ٽيون..... ۽ خيال ۾ ساهن جيان ايندا ويندا آهن..... سا هن جيان ئي گرم، ٽڏا، خشڪ ۽ پنهنجي ئي زبان سان آلا..... نہ..... سنجي پنهنجي جملي کي درست ڪيو. سگريٽ جي باهہ سان سڙيل ساهہ جيان..... وهسڪيءَ جي ڊڪ ۾ پنل ساهہ جيان.....

۽ سنجي پنهنجي ئي هڪ خيال جي دهشت کان ڏڪي ويو... نہ، قتل جي تازي رت مان اٽندڙ بوءِ جيان..... قتل؟ ڪنهن جو قتل؟ پنهنجو يا ڪنهن ٻئي جو؟ وري سنجي جو خيال سپرمين ڏانهن ڦريو. گڏوگڏ فرائڊ جي بيان ڏانهن تہ انسا جي تاريخ ۾ پهريون ماڻهو سپرمين هو. جنهن لاءِ صديون پوءِ نطشي، لکيو تہ هو دل جو مڪي هو، گروهہ جو سردار هو، ڏڻ جو ڏنار هو ۽ خاندان جو پيءُ هو پنهنجي پٽن ۽ پنهنجي زير دستن سيني کي سندن بک مطابق نہ پر پنهنجي مرضيءَ مطابق ماني ۾ ڏيندو هو، صورت ۾ ۽ انهن جي "مان" ۾- اهو سپرمين جو قاتل نہ هو..... پهريون قاتل اهو شاعر هو جنهن پنهنجو "مان" جو سوال پنهنجي هٿ ۾ ورتو..... يا پهريون قاتل ڪنهن سپر مين جو پٽ هو، ڪنهن سپر مين جو شاگرد، ڪنهن سپر مين جو سپاهي.....

سنجي جي ذهن ۾ انساني نسل جو عجيب نسب نامون اپري آيو. سج- پوڄاري ۽ چند- پوڄاري نالن ۾ ماڻهن جي ذات کي ورهائڻ صرف هڪ حسين تصور آهي، اصل حقيت اها آهي تہ ماڻهوءَ جي ذات جن ٻن شاخن ۾ ورهايل هوندي آهي، اهي هوندا آهن قاتل پوڄاري ۽ مقتول پوڄاري- جيڪي وهم، طبقي جا هوندا آهن. پنهنجي ذاتيت کي وڃائي جيئڻ وارا، اهي مقتول پرست آهن..... قتل ٿي ويل ماڻهن جو نسل، ۽ جيڪي "مان" واري طبقي

جا هوندا آهن، اهي سپرمين جا پهرين قاتل پرست آهن، قاتل پرست.

ڪ سنجي پنهنجي ئي خيال کان گهبرائجي پرتي ميز تي پيل قلم ڏانهن نهاريو. قلم يار! اها ڳالهه ڪٿي لکي نه ڇڏجاءِ ورنه هو سڀ جيڪي پاڻ کي سچ پرست ۽ چنڊ پرست سمجهندا آهن، لئيون ۽ ڏنڊا ڪٿي تنهنجي پويان پئجي ويندا..... ۽ تنهنجو هي ويچارو قلمڪار شري سنجي ڪمار پنهنجو نالو مصنفن جي ڪٻ ۾ لکائڻ جي بدران شهيدن جي ڪٻ ۾ لکيو ويندو.

اوچتو سنجي جي خيال هڪ نئون ڦيرو کاڌو. نه ڄاڻ دنيا ۾ پهريون شهيد ٿيڻ جو شوق ڪنهن کي جاڳيو هو؟ شايد هو به ويچايل "مان"جي ڳولا ۾ هو. ڪ سنجي ان ڳالهه کي وڏي فيلسوفاڻي انداز ۾ سوچڻ لڳو. "مان" جي سڃاڻ عمل سان هوندي آهي رد عمل سان نه، شهيد ٿيڻ جي خواهش خودڪشي ڪرڻ جي برابر هوندي آهي..... قتل جي تمنا جو هڪ غائباڻو روپ، جنهن جو دليل نه هوندو آهي، دليل تلاش ڪرڻو پوندو آهي. ڪڏهن انسان پاڻ تلاش ڪندو آهي، نه ملندس ته جوڙي وٺندو آهي ۽ ڪڏهن انسان کي ٺهيل ٺڪيل دليل ڏنو ويندو آهي، هن جون اکيون بند ڪري هن جي هٿ ۾ ڏنو ويندو آهي. جنهن جي سهاري هو موت جو ڪفن پنهنجي مٿان پنهنجي ئي هٿن سان وجهي ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪوئي هڪ ان خوني حادثي مان لنگهي ويندو آهي ته ٻيا ان هڪ جي نالي جو موت ڏسي گهبرائجي ويندا آهن ۽ چڱي ڀلي زندگيءَ جو مٿو موت جي درگاه تي رکي ڇڏيندا آهن..... اها سڃاڻ هو عام موت مان ڳولي نه سگهندا آهن، صرف اهڙي موت مان ڳولي سگهندا آهن..... معنيٰ "نه" ئي مان..... تعريف مان..... نه ڄاڻ ڪيتريون صديون گذري ويون آهن ماڻهوءَ کي انهيءَ لفظ شهيد جي تعريف پنهنجي نالي سان ڳنڍيندي..... سچ پچ جيڪڏهن تاريخ جو جائزو ورتو وڃي ۽ سڀ تعريف جا جملا ملائي ڏٺو وڃي، يعني دنيا ۾ ڪيترا ڪاريگر هجن ها، ڪيترا سائنسدان، ڪيترا فنڪار ۽ ڪيترا شهيد ته سڀ کان وڌيڪ تعداد شهيدن جو ملندو. يعني ان تعريف جي عاشقن جو.....

خيالن ۾ ٻڏل سنجي جو هٿ لاشعوري طور تي هن جي ميز جي خاني ڏانهن ويو ۽ خاني مان هڪ خط ڪڍي هن ميز تي رکيو..... سنجي جي نظر

خط تي پئي تہ هن کي پنهنجو پاڻ تي کل اچي وئي- يار سنجي! تون بہ عجيب آهين، تنهن جو خيال ڪٿان شروع ٿيو هو ۽ ڪٿي پهچي ويو آهي. ڳالهہ تہ هن خط جي هئي، خط لکڻ واري چوڪريءَ جي، جيڪا اجايو سجايو محبت جي درگاهہ تي شهيد ٿيڻ ٿي گهري.....

سنجي کي پنهنجي ياد ۾ کو ڪلي پڻ جو احساس ٿيو. ڇا نالو آهي هن جو؟ خط جي ڳالهہ ياد بيهي وئي، ۾ خط لکڻ واريءَ جو نالو وسري ويو..... ۽ هن خط کولي ان جون آخري سٽون پڙهيون. جن جي هيٺان هن جو نالو لکيل هو- مينڪا.....

سنجي کي کل اچي وئي.ڏس اپسرا! مون کان تنهنجو نالو ئي وسري ويو..... جيڪڏهن مان رشي بہ هجان ها، تڏهن بہ مون کي تنهنجو نالو ياد رهي ها. اسان جي تہ پوري تاريخ انهن ڳالهين سان ڀري پئي آهي تہ ڪنهن اپسرا ڪهڙي رشيءَ جي سماڌي ڀڳي..... مان شايد انهن کان بہ ويل آهيان..... اهو منهنجو ضد جيڪڏهن رڳو عبادت ۽ رياضت هجي ها تہ شايد ڀڄي ئي پوي ها..... هي نہ ڄاڻ ڇاهي جو مينڪا جي ڪنهن ڳالهہ تي بہ اکيون کولي ان ڏانهن ڏسان بہ نہ ٿو.....

سنجي جو ڏيان رشين ۽ اپسرائن کان ڦري وري اتي آيو جتان ڪوئي شهيد ٿيڻ وارين اکين سان ڪنهن کي ڏسندو آهي..... ۽ سنجي خط ڏانهن ڏسندي چوڻ لڳو..... يار مينڪا! تون چگي پلي پرٽيل چوڪري آهين پٽسن ۽ عزت ۾ کيڏي رهي آهين..... هي توکي شهيد ٿيڻ جو ڪهڙو شوق جاڳيو.....

سنجي وري خط کي ان ئي طرح خاني ۾ رکي ڇڏيو، ۾ هن جي سوچ جو ڊنگ وري فيلسوفاڻو ٿي ويو. سچ کان وڌيڪ ماڻهو ڪهڙي درگاهہ تي شهيد ٿيندا آهن؟ ڪنهن جي نالي تي؟ محبت جي نالي تي؟.....

محبت جي نانءَ تي؟ نہ، شايد ڪنهن ايمان، مت يا وطن جي نالي تي... نہ نہ سچ کان وڌيڪ ماڻهو مذهب جي نالي تي قتل ٿيندا آهن..... سنجي انسائيڪلو پيڊيا کي مذهب جي نالي تي شهيد ٿيندڙن جي ڇڻپ جي ڪجهہ معلومات حاصل ڪرڻ لڳو هو تہ اوچتو ڪمري جو دروازو کڙڪيو. خيال آيس شايد ٽپالي هجي. اٿي دروازو کوليائين تہ سامهون اها ئي

خط لکڻ واري چوڪري مينڪا بيٺي هئي.

"اندر اچان؟"

"ها..... ها....."

"مون کي ڏسي ڪجهہ حيران ٿيو آهين؟"

"نہ..... مون سمجهيو ٿي تہ شايد ٽپالي آهي....."

"ها، ٽپالي ٿي تہ آهي، پر اهو ٽپالي جيڪو خط بہ پاڻ ٿو لکي، ۽ ڏيڻ بہ پاڻ ٿي اچي ويندو آهي....."

ڪمري ۾ اچي مينڪا، هٿ واري پرس ڪرسيءَ تي رکي ۽ پاڻ بستري تي ويهي رهي ۽ پڇڻ لڳي:

"ڇاڪري رهيو هئين؟"

"تنهنجي باري ۾ ٿي سوچي رهيو هوس."

سنجي ڪلي وراٽيو.

"منهنجي قسمت!" مينڪا ڪلي پئي، گڏوگڏ پڇيائين:

"منهنجو خط ملي ويئءِ؟"

"ها."

"جواب نہ ڏنئءِ؟"

"هاڻ انسائيڪلوپيڊيا ڪيي جواب ٿي ڳولي رهيو هوس....."

مينڪا ڪجهہ دير تہ سنجي ڏي ماڻ ميٽ ۾ ڏسندي رهي، پوءِ چوڻ لڳي: "سائينءَ جن ڪهاڻيون بہ انسائيڪلوپيڊيا ڏسي لکندا آهن.؟"

سنجي ڪلي ڏيو: "مان تاريخي ڪهاڻيون نہ لکندو آهيان. نہ تہ اهي بہ انسائيڪلو پيڊيا ۾ ڏسي لکيون پون ها."

"تہ ڇا خط جو ڪوئي تاريخي جواب ڏيٿو هو؟"

"اپسرا جي! تاريخي خط جو جواب ڏيو ڪٿان ڳوليان ها؟"

مينڪا جي نندن وارن جي هڪ ڇڪ دائرو ٻڌائي نرڙ تي جَهمَرَ جيان پئي هئي. سنجي، اهو جَهمَرَ هٿ جي آڱر سان ڦري ڪيو. پر وري آڱر سان اتي ٿي آڻي نرڙ تي رکي ڪلڻ لڳو.....

"ڇا ٿي ڏنئءِ؟"

"اپسرا جو روپ.....!"

"پوءِ رک ۾ ڪوئي فرق پيو؟"

"نہ..... ڇو جو مان رشي نہ آهيان....."

"يو آر اي ويري ڪروول پرسن؟"

(تون مڪار شخص آهين؟)

"نہ مان نيپولين بہ نہ آهيان....."

"ڇا مطلب؟"

"ها، سچ، يار مينڪا! تو تہ مونکي پنهنجو نئون نالو ٻڌايو ئي ڪونہ...."

"ها..... مان ٻڌايان؟"

"ڇا؟"

"ماريا....."

هڪ پل اڳ مينڪا جو چهرو لهي ويو هو. نئين نالي سان هُن جو ڏيان مسز چوڏري نانءِ ڏانهن هليو ويو، جيڪو ڪافي ڏينهن ٿيا هن جي چپن جي ڇهاءُ کي قبول ڪندي سنجي، ڪجهہ دير کان پوءِ ٿي ڪيس ان نالي سان سڏيو هو..... ۽ مينڪا جو خيال هو تہ ايجان بہ سنجي طعني سان انهيءَ نالي کي ورجائي رهيو آهي. پر هن جي واتان ماريا نالو ٻڌي هوءَ ڪلي پئي ۽ ڪلندي چوڻ لڳي:

"سمجهي ويس. سائينءَ جن ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ منهن جو نالو ماريا رکيو هوندو."

"نہ سهڻي! مون توتي ڪابہ ڪهاڻي نہ لکي آهي....."

سنجي جو چهرو ايجان بہ سنجيدو ٿي ويو.

"پوءِ سائين منهنجو هي نالو ڇو رکيو اٿوَ؟"

"مون نہ رکيو آهي. مينڪا رکيو آهي. شايد سوچيو هوندائين تہ اپسرا ٿيڻ سان ڪجهہ نہ ٿو ٿئي."

"انڪاري ٿيڻ گهرجي....."

"سمجهي ويس....."

"سچ.....!"

"اهو مڃڻو پوندو تہ سائينءَ جن قيامت جهڙي نظر رکن ٿا." سچ پچ مان

نيپولين جي پول محبوبہ ڪائونٽس ماريا جي باري ۾ پڙهي رهي هئس تہ پاڻ کي ماريا جيان ئي محسوس ڪيو هوم..... هن ئي جامي ۾ ..... ۾ اوهان ڪيئن ڄاتو؟"

"چو تہ ڪتاب ۾ جڳهہ جڳهہ پينسل مان ليڪون ڏنل هيون."

"سو، جيڪڏهن اڄ مان مڃي وڃان تہ مان مينڪا مان ماريا ٿيڻ آئي آهيان تہ پوءِ؟"

"تہ پوءِ ڪنهن نيپولين بونا پارٽ کي ڳولڻو پوندءِ....."

"هن ماريا جي لاءِ سنجي ئي، نيپولين آهي ..... ماريا جي پڃاڻءِ بابت ڄاڻان ٿي تہ نيپولين ان مان پيدا ٿيل پٽ کي پنهنجي تخت جو وارث بڻائي نہ ٿي سگهيو ۽ تخت جي وارث جي لاءِ لوئيس جي گهرج هئي. ۽ جيڪا بہ ماري لوئيس ايندي، اڇي وڃي. مان تہ ماريا آهيان."

"نيپولين فقط هڪ حملي آور جو نالو ناهي..... نہ تاج تخت جي وارث جو."

"اهو هڪ غير معمولي جذبي جو نالو آهي....."

"۽ غير معموليءَ کي اصل معنيٰ ۾ ڦري معمول ڏانهن ڦرڻو پوندو آهي. جيڪو ڪوئي نيپولين ڪري نہ سگهندو."

"ڇا مطلب؟"

"معمول لاءِ منهنجي دعا آهي..... درياءَ جي وهڻ جهڙي عام ڪيفيت جيڪا جيت ۽ هار جي ڪنارن وٽان بي نيازيءَ سان وهندي اڳتي هلندي ٿي وڃي." مينڪا ڪلي بستري تان اٿي ويهي رهي ۽ پنهنجون ٻانهون سنجي جي ڳچيءَ ۾ وجهي چوڻ لڳي: "۽ درياءَ مان ڪوئي بہ دل ۾ري پاڻي پي ٿو سگهي، درياءَ کي ڪوئي بہ اعتراض نہ ٿيندو آهي، پيڙ واري جي اڄ تي ڪائي جهل ڪائي بندش نہ هوندي آهي....."

سنجي ڪلي ڏنو. ۽ ماڻ ميڙ ۾ پنهنجي ڪاهي هٿ جي آنگرين سان مينڪا جي وارن سان ڪيڏندو رهيو.

"سائين جن ڇا سوچي رهيا آهن؟" ڪجهہ دير کان پوءِ مينڪا پڇيو.

"اهو ئي تہ هاڻوتو مسز نڊر ٿو جرائم....."

"هڪ هڪ ڪري سڀ هٿيار هٿ مان اڇلائي." مينڪا چيو ۽ ڪلندي

كلندي سنجي جي قميص جا سڀ بٽڻ کولي ڇڏيائين.

هڪ هڪ ڪري ٿلل ڪپڑا جڏهن فرش تي بيڪار هٿيارن جيان ڪري پيا تہ سنجي پنهنجو بدن مينڪا جي حوالي ڪري ڇڏيو. پر دل ۾ عجيب خيال آيس: "ڇا بدن به ڪپڑن جهڙو هٿيار هوندو آهي، جيڪو جسم تان لاهي چهري جي آڏو رکيو ويندو آهي؟" پر هن مينڪا کي ڪجهہ نہ چيو.

خيال رڳن ۾ هلندڙ رت جيان هلندو رهيو، خوشيءَ جي زندگي هڪ پل هجي، مان ان جي حوالي ٿيڻ چاهيان ٿو.... پر جيڪو ٿيو سو ٿي ويو. اهو صرف هٿيار آهي... مان ناهيان....

اهو شايد مينڪا جي جسم مان گذرندڙ پل هو. جو سنجي هن جي ڪنهن تهہ جي غار ۾ لهي ويو. اتي غار ۾ هڪ طرف ڪافڪا وينو هو ۽ ڪافڪا جي محبوبہ.چوڪري بلبن.... ٻئي چهرا ڪافي سڃاتل هئا. ڪافڪا جو بيمار ڦڦڑن جي ڪري پيلو پر مطمئن چهرو ۽ بلبن جو پنهنجي ننڍي عمر جي تپش ۾ گهٽتائي جي ڪري ڪيل شاديءَ کان، اداس ۽ دکي چهرو.... ٻنهي جو هڪ ٻئي جي چهري جي روشنيءَ ۾ زندگيءَ جي لاءِ سڪندڙ ۽ تڙپندڙ چهرو....

سنجي اکيون کپائي ٻنهي کي ڏسندو رهيو، پوءِ ڪن ۾ ڪافڪا جو آواز آيو، هُو بلبن کي چئي رهيو هو: "توکي پيار ڪندو آهيان، پاڳل چوڪري! جهڙيءَ طرح سمنڊ پنهنجي ڇاتيءَ جي گهرائيءَ ۾ پيل پٿر جي ٽڪري کي پيار ڪندو آهي، پنهنجي اندر ڳهي..... ۽ خدا ڪري مان ايئن تنهنجي سمنڊ ۾ پيل پٿر جو هڪ ٽڪرو ٿي وڃان....."

ڪافڪا جا لفظ سنجي جي ڪن ۾ پيا تہ ڪن انهن لفظن سان پُر ٿي ويس. ايترا جو ڪنهن ٻئي آواز جي ڪن ۾ سمائجڻ جي جڳهہ نہ رهي... پوءِ ڪافي دير ڪان پوءِ هن جي ڪلهن کي لوڏيندي ۽ ڳچيءَ جي ڀرمان سُرڪندو هڪ آواز هن جي ڪن سان ٽڪرايو.

"سائين جن سمهي پيا ڇا...؟"

سنجي ڇرڪي سامهون نهاريو.... نہ اتي ڪافڪا هو نہ بلبن، اتي صرف هو پاڻ هو ۽ هن جي آڏو مينڪا....

چپن مان هڪ اونهون ساهہ نڪتس.

مينڪا فرش تان ڪٽي هڪ ڪپڑي سان پنهنجي جسم کي ڍڪيو ۽ سنجي جي قميص سنجي کي ڏيندي چوڻ لڳي:

"ونو سائين! پنهنجا هٿيار سنڀاليو."

سنجي به پنهنجو بدن ڪريل هٿيار جيان بستري تان کنيو ۽ ڪلي پيو.

مينڪا بلاؤز جي هُڪس کي بند ڪندي سنجي ڏانهن ڏسڻ لڳي. پوءِ چيائين: "ڪيئن درياءَ! ڪنهن آجاري هڪ ڍڪ پري ورتو ته توهان جو ڪجهه گهٽيو ته نه؟"

سنجي سڪل چپن تي زبان ڦيري ۽ هڪ ڳالهه هن جي چپن تي اچي بيهي رهي. "درياءَ کي به آج لڳندي آهي. پر ڪوبه اها ڳالهه درياءَ کان نه پڇندو آهي....."

مينڪا، ساڙهيءَ کي پنهنجي چوڌاري ويڙهيندي ٻئي ٻانهون سنجي جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيون ۽ پڇيائين: "اڃوڪو ڏينهن ڪيئن لڳءِ؟"

"اڃوڪو ڏينهن؟" سنجي جا چپ ڪجهه سڪا شايد ڪنهن شرم کان پر وري ان ڪيفيت کي اڪاري ويو. هن چيو: "اڃوڪو ڏينهن تنهنجي نانءِ..."

"اِن ڊفينس آف مينڪا...." (مينڪا جي ٻچاءَ ۾.)

مينڪا ننڍي شيشي جي اڳيان وارن کي سنواريندي چيو: "مسٽر چوڌري ٽوئر تي وڃي رهيو آهي. پَرينءَ مان گهر ۾ هيڪلي هوندس. اتي پرينءَ رات."

سنجي کلڻ لڳو.

"چو؟" مينڪا بس ايترو ئي چيو ته سنجي ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"پرينءَ؟ نه.... اِن ڊفينس آف سنجي...." مينڪا ڪجهه نه چيو، شايد سوچيائين ته پرينءَ هُوءَ پاڻ اچي ويندي ۽ سنجي کي ونڊي ويندي. ان مهل هُو ڪجهه نه چوندو. جيئن اڄ هن ڪجهه نه چيو.

"چانهه پيئندينءِ؟" مينڪا وڃڻ لڳي ته سنجي پڇيو.

"چانهه؟ پر هتي چانهه ڪير ٺاهيندو؟"

"اسٽووِ پيو آهي. مان ٺاهي ونڊندس....."

مينڪا چانهه نه پيتي، ڪلندي هلي وئي، هن جي وڃڻ ڪانپوءِ سنجي اسٽوو

هاريو. چانهه جي پيالي ٺاهي. ۽ ٽڏن چپن سان ڏڪ پريندي چوڻ لڳو: "يار کافکا! تون چاڻين ٿو ته هڪ درياءَ کي جيڪا اڄ لڳندي آهي اها ٻئي درياءَ جي لاءِ هوندي آهي. رستي ويندڙن سان ڇا ٿيندو.... جيسين درياءَ کي درياءَ نه ملي.... من جي هڪ تمام وڏي لهر آئي ۽ سنجي جا پير ان لهر سان نڪري ويا. هو سڄي جو سڄو من جي پاڻيءَ جي حوالي ٿي ويو.....

نه ڄاڻ ڪيترو وقت گذري ويو. پوءِ. هن کي ٻانهن کان ونڊي پاڻيءَ مان ڪيندو هڪ آواز آيو: تو مون کي سڃاتو ناهي؟ مان بلبن آهيان. تنهن جي کافکا کي پيار ڪرڻ واري..... توکي ٻڌائڻ ٿي گهران ته جيڪڏهن توکي جيئڻو آهي ته کافکا نه ٽجاءِ. هُن ٻر سپ ڪجهه هو. صرف اهو نه هو جيڪو جيئڻ لاءِ گهرجي... تون نٿو چاڻين ته اهو ڇا هوندو آهي جيڪو جيئڻ لاءِ گهرجي؟ هڪ اوٽ. هڪ سهارو. ڇاجو؟ هڪ ٻڪاءَ جو. فريب جهڙو... يا امنگ جي تمنا جو يا ڪنهن يقين جو.... ۽ پل ته اهو سهارو صرف ڪنهن حسرت جو ئي هجي.... اسان سپ، ڪنهن نه ڪنهن سهاري تي جيئندا آهيون. صرف کافکا هو جنهن ڪنهن به شيءِ جو سهارو نه ورتو هو.... ان لاءِ هو مري ويو. سچ پچ هُو جي نه ٿي سگهيو.... توکي جيئڻو آهي ته تون کافکا ٿي نه ٿو سگهين.... نه ٽجاءِ!"

سڄو ڏينهن سنجي دل جي عجيب ڪيفيت ڏٺي. بستري تي ليٽندي ڪڏهن هڪ ڪتاب پڙهندو رهيو. ڪڏهن ٻيو. ڪڏهن ٽيون.... اهڙيءَ طرح جو ڪتابن جي ڪهڙن مان هڪ هڪ ڪري سپ ڪتاب بستري جي آس پاس وکري ويا.....

۽ ٽئين ڏينهن جڏهن مينڪا آئي. هن مينڪا کي ڪمري ٻر اچڻ جي لاءِ نه چيو. پاڻ اڳي دروازي وٽ وڃي چياڻين: "نه.... نه هلي سگهندس."

مينڪا هڪ پيرو سنجي جي ٻانهن تي هٿ رکندي هٿ جو پورو جادو ڪرڻ چاهيو. پر هن کي پاڻ ئي لڳو جڙ هن ماس جي ٻانهن تي نه پر ديوار جي ڪنهن حصي تي هٿ رکيو هجي. ۽ ديوار ايئن ئي سخت ۽ بيئل هئي...

مينڪا هلي وئي ته بستري ڏانهن موٽندي سنجي جي وات مان نڪتو:

"افسوس بلبن! مون تنهنجو چيو نه مڃيو.... شايد ڪائي اوٽ، ڪوئي سهارو مون لاءِ نه ٻٽيو." .... ۽ هو پاڻ ئي ڪلي پيو ۽ چوڻ لڳو: يار سنجي!

توکي بہ سڄي عمر پنهنجي ڄاڻ ۾ ويهڻو آهي ۽ پنهنجي اُس ۾ بيهڻو آهي.....

پنهنجي ان تقدير جي جهلڪ سنجي جي ذهن ۾ اپري ته پل کن جي لاءِ هُو پٽر جي مورتيءَ جيان ٿي ويو. وري هوا جي هڪ جهوٽي جيان کلندي چوڻ لڳو: "يار سنجي! ايئن پٽر ٿي ويندين ته تنهنجي پوڄا ڪرڻي پوندي." گڏوگڏ هڪ دونهين جيان هن جي دل مان نڪتو. جڏهن ڪيترائي سال اڳ هن پنهنجي پيءُ جي ڪوٺڙيءَ ۾ وڃي ڪنهن ديوتا جي مورتيءَ جي اڳيان ڏوپَ جي جاءِ تي دڪندڙ سگريٽ رکي ڇڏيو هو. چوڻ لڳو: سنجي يار! جڏهن تون پٽر ٿي ٿي ويو آهين ته پوءِ مان پوڄا شروع ٿو ڪريان ۽ هن هڪ نئون سگريٽ دکايو.

○

سنجي ڪونڙيءَ مان سائيڪل ڪڍي هئي. پر ايان ٻاهر نہ آيو هو تہ سامهون هن کي اي. سي. مهرا ايندي ڏسڻ ۾ آيو. پيدل تي رکڻ لاءِ ڪجهہ پير سنجي، جهلي ورتو.

"مان سائينءَ جن کي ڳولينداو اچي رهيو آهيان ۽ سائين جن ڪنهن کي ڳولڻ لاءِ ويڃي رهيا آهن؟" مهرا، ويجهو اچي چيو ۽ سائيڪل جي هينڊل تي هٿ رکي ڇڏيو.

سنجي مرڪي ڏيو. "مانيءَ جي ڳولا لاءِ ويڃي رهيو هوس، هوٽل تي...."

"هل سائيڪل رک... اڄ تہ ڪمري ۾ هلون."

"پر ڪاڏو؟"

"مان ڪمري ۾ ڇڏيهن قسمن جو ڪاڏو وڃي رکندس." مهرا کلڻ لڳو.

سنجي، مهرا جي خالي هٿن ڏانهن ڏٺو ۽ چيو ڪجهہ نہ.

مهرا، سنجي جي نرڙ کي هڪ آڱر سان ڇهيو ۽ چيائين: "دماغ ۾ جيتري بک اٿئي، سڀ لاهي ڇڏيندوسانءِ."

سنجي کلندي چيو: "تون ماڻهو آهين يا هوٽل؟"

"هل پنهنجي ڪمري ۾ هل، پوءِ مان ٻڌائيندس تہ منهنجي هوٽل ۾ ڪهڙا ڪهڙا لذيذ ڪاڏا رڌل آهن."

سنجي پوئتي ڦري سائيڪل ڪونڙيءَ ۾ رکي ۽ پنهنجي ڪمري ڏانهن هلندي چوڻ لڳو: "تہ اڄ تندوري مانين جي بجاءِ خيالي پلاءُ کائڻو آهي."

مهرا ڪمري ۾ اچي ڪٽ تي ويهندي چيو:

"خيالي پلاءُ تہ سائينءَ جن پچائيندا آهن ناولن ۽ ڪهاڻين ۾ ڪنهن

چوڪريءَ کي اڄ تائين هٿ لڳائي ڏٺو نہ آهين.... ۽ سائين جن کهاڻيون ٿا لکن عشق جون."

مهرا ويهڻ سان ئي جوش مان بستري تي مڪ وهائي ڪيو، ته بستري تان هلڪي دز اڏامي وري بستري ۾ سمائجي وئي.

"ڪهڙو حال ڪيو اٿئي ڪمري جو؟"

"هو جيڪو چوڪرو ايندو هو، آيو ئي ناهي ۽ ڏينهن کان شايد بيمار آهي."

"ڪير؟ پنگيءَ جو پٽ؟ پر توهان جي عمارت جي پنگياٽي ته ٻاهر دروازي تي هاڻ هاڻ ٻهاري ڏئي رهي آهي."

سنجي ڪلي ڏنو. "پر منهنجي ڪمري ۾ صرف هن جو چوڪرو اچي سگهي ٿو، هوءَ نہ، چگو اٿي ته مان ئي بستري جي چادر چنڊي ونان."

مهرا ٽهڪ ڏنو. "سمجهي ويس، پنگياٽيءَ سائين جن جي نظر سچاڻي ورتي هوندي. ان ڪري ڊڄي وئي هوندي."

"نہ، ڊنل ته اڳ ئي هئي، ڪيس ڪوئي مهرا ملیو هوندو. انڪري ويچاري سنجي کان ٻہ ڊڄڻ لڳي." سنجي چيو ۽ سگريٽن جو پاڪيٽ مهرا ڏانهن وڌايائين.

مهرا هڪ سگريٽ ڪڍيو ۽ چوڻ لڳو: "بس خالي چپ ئي ڦوڪڻا آهن؟ سڪل نڙيءَ لاءِ ڪجهہ نہ ملندو؟"

"چانهن ٺاهيان؟"

"نہ، اڄ چانهہ نہ پيئبي، پر جشن جو اقرار ڪبو. چگو اهو ٻڌاءِ ادب ۾ ڪيتريون پسندون هونديون آهن؟"

"پسندون؟"

"منهنجو مطلب رجحانن لاءِ هو. جيئن رومانيت پسند، روحانيت پسند وغيرہ وغيرہ..."

"انسائيڪلوپيڊيا کوليان؟"

"نہ.... تنهنجي انسائيڪلو پيڊيا جو رعب نہ هلندو."

"ته پوءِ چا هلندو؟"

"هڪ نئين پسند هلندي... يار، تنهنجي لاءِ هڪ نئين پسند هلائي ڇڏبي."

"مون لاءِ؟"

"ها.... مان هلائيندس."

سنجي هڪ نگاهه مهرا تي وڌي پر چيو ڪجهه به نہ.

"اهو تہ پڇ مان ڪهڙي پسند هلائيندس."

"تون سڀ ڪجهه هلائي ٿو سگهين. صرف بيئل وقت نہ ٿو هلائي سگهين....."

"جيڪڏهن بيئل وقت کي به هلائي ڇڏيان؟"

"هر گهڙيءَ جي سئي ٻانهون ڇهندي آهي پر وقت کي نہ ٿي هلائي سگهي."

"فلاسفر صاحب! آسمان کان ٿورو هيٺ لهہ. هيٺ تہ ڏس مان ڇاٿو هلايان."

مهرا کيسي مان هڪ ڪاغذ ڪڍيو ۽ سنجي جي آڏو رکيو.

"ڏسو سائين!"

"ها! ووٽر صاحب! ڏسي ورتر."

"هي اليڪٽمي ايوارڊ جو فارم آهي."

"ها، ڏٺم."

"جيڪڏهن مان سائين جن جو نالو هن تي لکي ڇڏيان؟"

"ڳالهہ تہ ادب ۽ پسند جي هئي... اِن سان ڪهڙو رجحان هلندو."

"انتظاميا."

"سمجهي ويس."

"نہ سمجهيءَ.... مان اکيلو تنهن جو نالو لکائي ٻہ ڇڏيان تہ ڪم نہ ٿيندو."

"پوءِ..."

"پر ايتري تڪليف مون لاءِ ڇو؟"

"يار تون سمجهين ڇو نٿو؟ جيڪڏهن مون ٻہ ڪوئي ناول ٻاول لکيو هجي ها تہ پنهنجي لاءِ ڪريان ها."

"پوءِ تنهنجي انتظاميا لاڙي کان اڳ..."

"تنهن جو مطلب آهي، ناول لکان؟"

"ها انتظامي لاڙي کان اڳ قلمي لاڙو..."

"اها پنهنجي وس جي ڳالهه ناهي، پنهنجي وس ۾ ته رڳو انتظامي لاڙو آهي."

"پوءِ ان سان بيڻل وقت هلڻ لڳندو."

"ماني ته آدم تڏهن کان کائيندو اچي، جڏهن کان پهريون ڪڪ جو داڻو چکيو هٿائين..."

"سنجي صاحب فلاسفي ڇڏ، سنئين ڳالهه ٻڌاءِ."

"چگو ڀچ."

"ڪوئي هڪ هزار خرچ ايندو."

"ڪنهن جو، منهنجو.....؟"

"نه ته ڇا منهنجو؟ پنج هزار توکي ملندا، مونکي نه. بس پنجون حصو..."

"سمجهي ويس."

"پر سڄي شهرت توکي ملندي، هر اخبار ۾ تنهنجي تصوير..."

"يار! پوءِ ته منهنجو پورٽريٽ نه ڪولاج ڇپجڻ گهرجي. چهري جو هڪ حصو تنهن جو، هڪ حصو ان جو جيڪو ٻيو ووٽ ڏيندو ۽ هڪ حصو ان جو جيڪو ٽيون ووٽ ڏيندو ۽..."

مهرا خوشيءَ وچان ڪلڻ لڳو ۽ چيائين: "يار! تون ڪمال جو ماڻهو آهين. تنهنجي تصوير ڇپبي. ڇاڪاڻ ته اسان سڀني پنهنجا چهرا توکي خيرات ۾ ڏئي ڇڏيا غيبي خيرات!"

"خيرات؟ ڪيئن؟ ڏس ڪل ڪيترا ووٽ ڪپن؟"

"ڪهڙ ۾ ڪهڙ ٿي، جيڪڏهن چار پنج ٿي وڃن ته معاملو پکو."

"پوءِ پڪي جي ڳالهه ڪر، ڪچي جي ڇو ٿو ڪرين؟ ڏس ڪل پنج هزار آهن نه، جيڪڏهن هڪ هزار ۾ هڪ ووٽ ته پنجن هزارن ۾ پنج ووٽ پڪا."

"هل، هٽ ملاءِ! پوءِ ته پڪي ڪان ۾ پکو انتظامي لاڙو، يار پوءِ تنهنجي حصي ۾ هڪ پئسو به نه ايندو." پئسن سان چهرا جو خريد ڪري ونڊندس. هڪ ئي ڳالهه ٿي سگهي ٿي يا ماڻهو ماني خريد ڪري يا چهرا، ڪهڙ ۾ ڪهڙ ايئن ته ٿيندو ته چهرا خيرات ۾ ونڻا نه پوندا."

مهرا کي سنجي جي ڳالهه نه وڻي، پوءِ هن ڪلي ڏنو.

"چگو يار! تنهنجي ٹي ڳالهه قائم رهي. ائين ٹي چئبو. پر هي ته ڏس. اسان کي آسمان ۾ چار وجهي هما جهلڻو پوندو."

"هما....؟"

"چوندا آهن هما پکي جنهن جي مٿي تي اچي ويهندو آهي. اهو بادشاهه بڻجي ويندو آهي. اسانکي تولاءِ هما جهلي اچڻو پوندو."

"ءِ مان؟"

"شهرت ۽ ته بادشاهي هوندي آهي. توکي ملي ويندي."

"پر هما جو چا ٹيندو؟ چار ۾ ان جا ٻه چار ڪنپ ته پڄي پوندا.... پوءِ مان ان جا ٻڳل پَرَ ڏسندس ءِ هو منهنجي منهن ڏانهن ڏسندو جيڪو هڪ پورٽريٽ مان هڪ ڪولاج بڻجي ويو هوندو."

مهرا، پنهنجي هٿ وارو ڪاغذ ويڑهي پنهنجي کيسي ۾ رکي ڇڏيو. ءِ بستري تان اٺندي چوڻ لڳو: "چگو سائين سنجي ڪمار! پوءِ پنهنجو پورٽريٽ ٺهراءِ ءِ ڪمري ۾ لڙڪائي ڇڏ. هو پنگيءَ جو پٽ، جڏهن ميز بسترو صاف ڪندو تنهن جي تصوير ۽ چندي ڇڏيندو."

سنجي ڪلي ڏنو. "يار عطر چند! تون ته ڪاوڙجي وئين، تصوير ته مان پاڻ چندي ڇڏيندس پر تون ڏسڻ ته ايندين نه."

مهرا جو چهرو عطر چند جي نالي تي ٽامٽي هٽي ويو، اهو هن جي ٿورن ٹي سڃاڻڻ وارن کي ايندو هو. جڏهن هو ڪجهه لکڻ جي ڪوشش ڪندو هو تڏهن کان هن کي پنهنجو نالو عطر چند بلڪل نه وٺندو هو، انکري هو عطرچند جي بدران اي. سي لکڻ لڳو هو.

سنجي عطر چند جي چهري کي ڏٺو، گهڙي کن ماڻ رهيو، پوءِ سندس چهري جي غصي کي مرڪ ۾ بدلائيندي چوڻ لڳو: "جڏهن ڪوئي باز لامارو هٿندي ڏسڻ ۾ ايندو آهي، ته ننڍا ننڍا پکي، جهرکين ءِ ڳيرن جهڙا، ان کان بچڻ چاهيندا آهن، جنهن به پکيءَ کي پهرين ڏيکاري ڏيندو آهي اهو سائين کي هوشيار ڪرڻ لاءِ ڪُوڪُو ڪندو آهي، هونءَ ته وڏيڪ خطرو ان کي هوندو، جيڪو وات مان آواز ڪيندو آهي، اهو هي به سوچي سگهندو آهي ته سندس ماڻ رهڻ سان اهو خطرو ڪيس نه ٹيندو، ٻين کي ٹيندو، پر هُو ٻين جي لاءِ ڳالهائيندو آهي.... مان سچ پچ ان ڪري چوان ٿو. هوا ۾

اڏامندڙ اهي پڻسا يا شهرت جا باز اسان جي مٿان لامارا ڏيڻ لاءِ هوندا آهن."

مهرا هوريان مرڪي سنجي ڏانهن ڏٺو. پر چيائين ڪجهه به نه. وري به سنجي ٽي چيو: "وري خطري جي ويل ٻڌي شخص کي خطري جو صحيح احساس ڏيارڻ جي لاءِ ڪيترائي ڀيرا چرڪائڻو ٻه پوندو آهي. مون توکي اي. سيءَ جي بدران انهيءَ ڪري عطر چند چيو هو. پر اها ناراض ٿيڻ جي ڳالهه ناهي. منهنجي پيار جو ڏڪو آهي. مان نه ٿو چاهيان ته تون اهڙن ڪمن ۾ پنهنجو پاڻ کي وجائين."

مهرا جو منهن مايوس ٿي ويو. نه ڄاڻ پنهنجو پاڻ کان مايوس يا سنجي کان مايوس... پوءِ هو ماڻ ميڙ ۾ روانو ٿي ويو.

ڪمري ۾ هلڪي ڏوڙ ضرور هئي، پر پنهنجي جاءِ تي ويٺل ... اوچتو سنجي کي محسوس ٿيو ته اها دز پنهنجي جاءِ تان اٿي سڄي هوا ۾ وکري وئي آهي.

سنجي جي وات مان نڪتو: يار سنجي آپَ تي هيءَ ڪهڙي قسم جي دزا اڏامي رهي آهي. جو هوا ۾ اڏامندڙ باز ٻه سپني کي هما ٿو ڏسڻ ۾ اچي ۽ سڀ ڪيس جهلي پنهنجي مٿي تي ويهارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن نٿا ڪري سگهن ته ٻئي ڪنهن جي مٿي تي ويهارڻ لاءِ سودو ڪري رهيا آهن.

○

تتي منجهند جو پنگيءَ چوڪري اچي هن جو دروازو کڙڪايو ۽ چيائين: "اوهان جي ڳوٺ کان ڪوئي ماڻهو آيو آهي ... ويچارو هڪ ڪلاڪ کان پريشان ٿي رهيو هو. اوهان لاءِ پچندي...."

"منهنجي ڳوٺ کان؟" سنجي کي ڪجهہ حيرانگي ٿي ڏهن ۾ پنهنجي سڄي خاندان جو نقشو ڦري ويس. پر پري اوري ڪوبہ شخص ياد نہ آيس جيڪو سالن پڄاڻان کيس ڳولينڊو اڄ اچي ويجي.

"مان کيس ڪلاڪ کن کان ڏسي رهيو هوس گيٽ جي اندر اچي کڏهن ڪنهن کان ٿي پڇيائين کڏهن ڪنهن کان... وري باهر سڙڪ تي هليو ٿي ويو ۽ ڪجهہ دير کان پوءِ وري ٿي واپس وريو، نيٺ مون ٿي هن کان پڇي ورتو تہ توهان ڪنهن جو گهر ٿا ڳوليو."

"پوءِ...؟"

"چيائين، جيڪو ڪتاب لکندو آهي. سو مون هن کي جهٽ پٽ ٻڌايو، ڏس نہ هن ڪيترن کان ٿي پڇيو، پر ڪنهن کي بہ خبر نہ هئي تہ اوهان ڪتاب لکندا آهيو. مون کان هن پڇيو ٿي نہ هو. نہ تہ مان اڳ ٿيَ ٻڌائي ڇڏيانس ها."

سنجي کي کل اچي وئي. پانيائين سڄي عمارت ۾ شايد هي ٿي چوڪرو آهي، جنهن کي ان راز جي پروڙ آهي. کلي چيائين: "تہ منهنجا اڪيلا بايو گرافر هليو اڃ، هن کي بہ وٺيو. پنگيءَ چوڪري جي سمجهہ ۾ اڌ جملو آيو ۽ اڌ نہ سمجهيو هٿائين. هن باهر وڃي ڳوٺاڻي کي اندر سڏيو.

سچ پچ ڪنهن ڳوٺ مان آيل ماڻهو هو. جسر تي ڪدر جو ٿلهو پهراڻ ۽

پائجامو جيڪو سڄي ڏينهن جي اس ۽ مٽيءَ سان پريل هو. هڪ عجيب قسم جي شرمندگي هن جي بدن سان چهٽيل هئي ۽ پيرن ۾ ڳاڙهي ميري مٽيءَ هاڻي بوٽ ۾ به هڪ حليمي هئس. هڪ ڊپ هوس ۽ هُو ڊڄي ڊڄي ڪمري جي فراس کي ڏسي رهيو هئو.

"توهين آهيو نه سنجي ڪمار، جنهن هُوڪتاب لکيو آهي؟" اجنبي اندر ايندي ئي پڇيو

"جي ها....."

"بس سائين، منهنجي من اوهان کي ڏسڻ ٿي گهريو." سنجي اجنبيءَ کي ويهڻ لاءِ چيو. پنهنجي ڪنهن پڙهندڙ جو اهڙو روپ هن جي تصور ۾ به نه هو. ان ڪري پڇيائين: "اوهان کي پسند آيو مون کي خوشي ٿي، پر اوهان کي ڏکيو نه لڳو؟"

سنجي چئي ته ڏنو پر پنهنجو اهو جملو، هن کي نه وڻيو. سو چيائين، ڪيس ڪنهن جي جاڻ تي شڪ ڪرڻ جو کهڙو حق آهي. پر ٻڌڻ واري ٻڌو ۽ ڪلي چيائين: "نه سائين، مون ته اهو ٻين کي به پڙهي ٻڌايو آهي. اسان کوئي ڏهن ڇٽن ڳڏجي پڙهيو آهي. پر هڪ ڳالهه ضرور آهي، اهو هل هنگامي ۾ پڙهڻ جهڙو ڪتاب ناهي. انکي ته ماڻهو هيڪلو ويهي پڙهي ۽ اهو به هڪ مَنو ٿي. وچ ۾ هن کي ڪوبه سڏي يا رڙيون به نه ڪري...."

سنجي کي اها دل من لائي پڙهڻ واري، سادي سودي زبان ۾ چيل ڳالهه ڏاڍي وڻي ۽ هن پهريون پيرو اجنبيءَ کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو.

"سائين مون کي شهر اچڻو هو، آفريقا جي ٽڪٽ ٺهرائڻ جي لاءِ..."

"اوهين آفريقا وڃي رهيا آهيو؟"

"منهنجو چاچو اتي رهندو آهي، هڪ موقعو نڪري آيو آهي وڃڻ لاءِ جو پيڙ جي شادي آهي. اتي چاچي جي ڏيءُ جي ..... چون ٿا .... چوڪرا هليو اڇ. ۾ چار مهينا هيءَ دنيا به ڏسي وڻ."

سنجي کي ان ماڻهوءَ جي سادگي وڻي ٿي. ڪجهه چوڻ بنا، هُو هُن جي ڳالهه ڌيان سان ٻڌندو رهيو. هُو چئي رهيو هو: "سو مون ڪتاب تي چاپڙ واري جو نالو پڙهي، ان کي خط لکيو هو ۽ اوهان جو ڏس پتو پڇي ورتو هو."

"اوهان ڳوٺ ۾ ڇا ڪندا آهيو؟"

"بس سائين! آهيون."

سنجي ڪجهه حيران ٿيو، پر هن دلچسپي وٺندي پڇيس: "اتي ڪجهه زمين هوندوَ؟ پوکي راهي ڪرڻ ۽ وڏو ڪم آهي."

"اهو ته سائين ٺيڪ آهي، پئسو ڏوکڙ ڪافي آهي گذاري لاءِ... پر سڄ پڇو ته اسان صرف زندگي ٽا گذاريون. اسان ۾ چار ماڻهو آهيون جن ۾ ڪجهه ذوق آهي... لڪ چوريءَ ڪڏهن شهرن جو چڪر هڻي وٺندا آهيون، ڪوئي سٺو ڪتاب ملي ويندو آهي ته اهو ۽ لڪ چوريءَ وٺي ويندا آهيون."

سنجي ڪي هن جي سٺي ذوق وارن ماڻهن واري ڳالهه لڳي. پر شهر اچي ۽ ڪجهه ڪرڻ ڪانسواءِ لڪ چوريءَ ڪتاب خريد ڪرڻ واري ڳالهه عجيب لڳي. پڇيائين: "ڇا ڪتاب خريد ڪرڻ ۽ پڙهڻ لاءِ ۽ چوريءَ جي ضرورت پوندي آهي؟"

هن ڪلي ڏنو. هاڻ شايد سنجي سان ڳالهائيندي ڪجهه ملي جلي ويو هو. هن ۾ پهرين جهڙي، اجنبيت نه رهي هئي. چوڻ لڳو: "اسان هڪ خاص فرقي جا ماڻهو آهيون، هڪ مذهبي جماعت ٿي ڪٿي ڇئو، اسان جي گروءَ جي گاديءَ تي اڇڪلهه جيڪو گرو آهي، ان جو حڪم آهي ته جيڪي ڪتاب هُو اسان کي پڙهڻ لاءِ ڏئي، بس اسان اهي ٿي پڙهون. هُو اسان کي ٻيا ڪتاب پڙهڻ نه ڏيندو آهي. سوچيندو هوندو ته جيڪڏهن هنن ماڻهن کي عقل اچي ويو ته پوءِ سندس حڪم ڪير مڃيندو."

سنجي حيرانگيءَ مان ڳوٺ کان آيل ان ماڻهوءَ کي ڏٺو. فرائڊ جي تعليم ۽ سماج وادي واري تجزئي کي ڪڏهن به ڪنهن ايترو آسان ۽ سادن لفظن ۾ بيان نه ڪيو هوندو.

"ڪيئن سائين مان غلط ٿو چوان؟" سنجي کي ماڻ ڏسي هن پڇيو.

"نه، مان سوچي رهيو هوس ته جيڪڏهن اوهان ايئن سوچيو ٿا ته ان خاص فرقي يا جماعت کي ڇڏي ڇونه ٿا ڏيو؟"

"اسان ابي ڏاڏي جي وقت کان انهيءَ فرقي ۾ آهيون، ڳالهه اها آهي ته ان فرقي جو باني ته سچو انقلابي هو ان وقت جيڪي سندس ساٿي هئا اهي به صدق ۽ خلوص وارا هئا، انهن ته انگريزي نظام سان جنگ به ڪئي هئي....

پوءِ گرو نہ رهيو، بس گادي رهجي وئي... ۽ گاديون اوهين جاتو ٿا ڪيئن هلنديون آهن...."

سنجي، ڳڳهيءَ مان پائيءَ جو گلاس پريو ۽ آڏو رکي پڇيائينس: "ڪجهہ ٻيو پيئندا، ڪجهہ ٺڏو، يا ڇانهہ؟"

"واه سائين، ڪهڙي خبر هئي تہ اوهان جي هٿن جو ڪڏهن پائي پيئبو ..... اوهان، سائين ڪتاب ۾ اهي ڳالهيون لکيون آهن، جن سان اندر ۾ باهہ ٻرڪي پوندي آهي."

سنجي کي عجيب احساس ٿيو. 'اڄ هڪ پڙهندڙ تيز اس جهاڳي هڪ قلمڪار کي نہ لڌو هو، اڄ هڪ لکڻ واري، سالن پچاڻان هڪ صحيح پڙهڻ واري کي لڌو هو.

"مون کان ٻڌايو نہ ٿو ٿئي.... بس، ايئن ئي دل چاهيندي هئي تہ هڪ ٻيرو اوهان کي اکين سان ڏسان... مون سمجهيو اوهان جي ڪر ۾ شايد خلل پوي... پر اوهان جي مهرباني جو اوهان آيل ماڻهوءَ سان پنج منٽ ڳالهايو."

"نہ، ويهو، مان واندو آهيان." سنجي چيو: "اهو تہ ٻڌايو اوهان کي پنهنجي گروءَ تي يقين نہ آهي ۽ فرقي کي چاهيو نہ ٿا تہ پوءِ اوهان کي ان سان ٻڌل هجڻ جي ڪهڙي مجبوري آهي؟"

"مجبوري هڪڙي ئي هوندي آهي سائين، مانيءَ جي."

"پر اوهان وٽ پنهنجي زمين آهي. پنهنجا فصل آهن. وري محنت بہ توهان جي پنهنجي...."

"سائين زمين بہ پنهنجي، جسم بہ پنهنجو، پر هيءَ زندگي ئي پنهنجي ناهي. اڄ ئي ٿوري ڳالهہ هلي وئي تہ هي ماڻهو گروءَ جو انڪاري آهي تہ بس رات کان پهرين ان تي وڏو الزام لڳي ويندو ۽ ٻئي ڏينهن ان کي هٽڪڙيون...."

"پر اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ قانون تہ مذهب جي زيردست نہ هوندو آهي."

"پئسي جي ماتحت سڀ ڪجهہ هوندو آهي. گرو پنهنجي علائقي ۾ ٽائيدار بہ پنهنجي مرضيءَ جو رکائيندو آهي."

سنجي کي محسوس ٿيو ته هن هڪ نئين حقيقت ڏٺي آهي. اهو ڳوناٽو ٻڌائي رهيو هو: "ء سائين، جيڪو مٿيون آفيسر هوندو آهي، ماڻهن جي آڏو ته هو گروءَ کي هٿ ٻڌندو آهي، پر ماڻهن کان چوريءَ گرو ويڃي سندس آڏو هٿ ٻڌندو آهي."

"سچ!"

"سائين ڪيڏو ظلم آهي! هُو جيڪو پهريون گرو هو، اهو ته حڪومت سان وڙهندو هو ۽ هي جيڪو گادي نشين آهي، حڪومتن جا پير چٽيندو آهي."

سنجي جي زندگيءَ ۾ هي پهريون ڏينهن هو جو هڪ پڙهندڙ جي دل جو سيڪ اٿي سندس مصنف جي دل کي ٻي چين ڪري ويو. هن پڇيو: "اهو سڀ ڪجهه ڇاڪاڻ ٻه اوهان جي اندر بغاوت نه ٿي پڙڪي؟"

"هتان پڙڪندي آهي، سيني ۾ باهه جي شعلي جيان، پر نڙيءَ ۾ اچي انڪي ٿي پوي. نڙيءَ مان مانيءَ جو گرهه ٻه ته ڳهٽو هوندو آهي."

سنجي تي ماڻ مڙهجي وئي. اجنبي ڪيسي مان هڪ ننڍڙي ڪاپي ڪڍي ۽ سنجي جي آڏو رکندي چوڻ لڳو: "مون کي پنهنجي ڪائي نشاني ڏئي ڇڏيو. هتي پنهنجي هٿ سان پنهنجو نالو لکي ڇڏيو."

سنجي ميز تان قلم کنيو، ماڻ ميڙ ۾ سندس ڪاپيءَ تي پنهنجو نالو لکي ڇڏيائين... پر سندس دل ۾ آيو ته اڄ هن هڪ باغيءَ جي دل تي خاموشيءَ سان صحيح ڪري ڇڏي.

اجنبي هليو ويو، پر سنجي ڪيتري دير تائين ماڻ ويٺو رهيو. هڪ ڀيرو خيال آيس. مون هن کان سندس نالو ٻه نه پڇيو، نه اهوئي پڇيو مانس ته تون ڪٽان آيو آهين. وري محسوس ٿيس، جنهن ڳوٺ مان مون سوچڻ جي چٽنگ حاصل ڪئي آهي انهيءَ ئي ڳوٺ جو هوندو. تڏهن ته ايئن سوچي ٿو ۽ تڙپي ٿو. ڪڏوڪڏ هن کي پنگيءَ چوڪري جي چيل ڳالهه ياد آئي. هن اچي چيو هو: "سائين اوهان جي ڳوٺ مان ڪوئي ماڻهو آيو آهي." ۽ سنجي کي لڳو ته ان پنگيءَ چوڪري اڄ الهام جهڙي ڳالهه ڪئي هئي....

دل ۾ هڪ ڇيڪو محسوس ڪيائين. "يار سنجي! پڙهندڙن جي ڪاپين تي تنهنجون صحيحون ڪهڙي معنيٰ ٿيون رکن؟ بغاوت ته نڙين ۾ردهي پئي آهي. اتي صرف مانيءَ جي صحي هجڻ گهرجي."

○

گرمين جي گذرندي خزان جا ڏينهن هئا. سنجي جي ملڪيت صرف هڪ ڪمرو هو..... ۽ ان ڪمري جي دري سال جي سپني مندن ڏانهن کلندي هئي. دريءَ جي بلڪل سامهون نر جا پنج وڻ هئا. نر جي پنن جو ننڍڙو جهڳٽو ۽ دري جڙ سڌي جهنگ جي چاتيءَ ۾ کلندي هجي ـــــــ هن جي چاتيءَ ۾، پن چٽندا، گوڻج ڦٽندا، انهن ۾ هور ايندو، نموريون جڙندیون، انهن جي تارين تي ڪڏهن چتون ويهندا ۽ ڪڏهن نوريئرا گهمندا- ۽ سنجي ڪيتري دير تائين دريءَ وٽ بيهي پوئتي ڏسي نه سگهندو هو.....

شام جي مهل هئي، هوا جي هڪ تيز جهوٽي سان گڏ نر جا ڪيترائي پن اندر ڪمري ۾ اچي ڪريا ۽ چئن ئي پاسن ۾ پکڙجي ويا. سنجي کي پنگي چوڪري جي ڳالهه ياد اچي وئي، اڄ سويل ئي هن چيو هو: "سائين هيءَ دري بند ڪري ڇڏيندا ڪريو، سڄو ڪمرو گند سان ڀرجي ٿو وڃي....."

سنجي کي پاڻ مرادو ڪل اچي وئي هئي. "يارممتو! جيڪڏهن مان خيالن جي دري به بند ڪري ڇڏيان ته ڪمري ۾ ڪاغذن جو ڪچرو به نه رهندو."

اوندهه وڌندي وئي سڙڪ جي بتيءَ جي روشني نر جي وٽن مان ڇٽي اندر اچي رهي هئي..... پنن ۾ هرندي اجهامندي..... انڪري سنجي ڪمري جي بتي بند ڪري ڇڏي.

اوچتو ڪمري ۾ ڪوئي آواز ٻڌڻ ۾ آيو. پنن جي جهنگ طرفان نه عمارت جي طرفان، جتي ماٹهون رهندا آهن.

سنجي ٿورو گهبرائجي دروازو کوليو. باهر ڏاڪڻ جي هلڪي روشنيءَ ۾ لڳ ڀڳ سورنهن سالن جي هڪ چوڪري، پاڇي جيان بيٺي هئي.

سنجي سجاتي نہ سگھيس تہ ڪير آهي..... هن سوچيو شايد چوڪريءَ غلطيءَ مان هن جو دروازو کڙڪايو آهي پر چوڪري ان غلطيءَ کي چائندي بہ پوئتي نہ ٿي، پر جھجھڪندڙ وڪن سان اڳتي ڪمري ڏانھن وڌي.

"مان اندر اچان؟" چوڪريءَ پڇيو.

تڏھن سنجي ڪمري ۾ اجھاڻ بتي ٻاري ۽ چوڪريءَ ڏانھن نھاريائين، پرچيائين ڪجھ بہ نہ. خيال آيس، سامھون واريءَ دريءَ مان صرف خزان جو احساس ٿيو آهي. هي هن دروازي مان تہ بذاتِ خود خزان ڪمري ۾ گھڙي آئي آهي. پر اھا ڳالھ چوڪريءَ کي چوڻ جي نہ ھئي. انڪري سنجي صرف ايترو چيو: "مون اوھان کي سجاتو ڪونہ."

چوڪريءَ جي جسم تي ميرانجھڙا ڪپڑا ھئا. پر سندس چھري کان وڌيڪ ميرانجھڙا نہ. هن کي ننڍن ننڍن گلن واري چيٽ جي سلوار ۽ چولو پاتل ھئو. ڪپڑن جي ڳاڙھ رنگ کان وڌيڪ سندس چھري جو رنگ ڳاڙھ ھو.

سورنھن سالن جي اپرندڙ جواني ۾ بہ جواني جي خاتمي جو احساس پئي ٿيو.

"منھن جو نالو ڪملا آهي."

چوڪريءَ جي سنھڙي ۽ اجڙيل چھري تي صرف ھڪ شيءِ ھئي. سندس اکين جا ھير. جيڪي ۾ نقشن جيان اجڙيل نہ ھئا..... شايد اتي سندس عمر جي سورنھن ئي سالن جو قيام ھو.

هن اکيون چنبي، سامھون، سڌي ٻيڙي سنجي ڏانھن ڏٺو ۽ پرائين: "پوئين پاسي جيڪي نديا ڪمرا آھن، منھنجي ماءُ اتي رھندي آهي."

سنجي کي ٿورو تعجب ٿيو تہ چوڪريءَ پوين نوڪرن جي ڪمرن کي سڌو نوڪرن جا ڪمرا چوڻ بدران نديا ڪمرا چئي ڪم ٿپايو آهي.

"توھان ہ پيرا اچي منھن جي ماءُ کي اتي دوا ڏئي ويا ھئا." اھا تمام معمولي ڳالھ ھئي سنجي کي ياد بہ نہ ھئي. هن ڪيترائي پيرا مالھيءَ جي، چوڪيدار جي ۽ باھر وارن ڪيترن ئي مسواڑين جي ڪوڙين ۾ وچي وقت بوقت سندن نديڙي وڏي مدد ڪئي ھئي. سو ھاڻ بہ ان انداز سان پڇيائينس: "ماڻھين بيمار آهي؟"

"نہ، اڄ ھوءَ ماسيءَ جي گھر وئي آهي، مون کي ويندي ويل چاپي ڏئي

وئي هئي، بر مون کان چاهي ڪٽي وڃائجي وئي آهي."

تنهن ڪري ڪمرو بند آهي."

"اڃ ڇو نہ ٻڌايئ، هاڻ ايتري رات گذري وئي..."

"ٻويان گاهہ ہر ڪري هئي، مان ڪيتري ئي دير تائين ڳولينديِ رهيس."

"هاڻ تالو ڀڇو آهي؟"

چوڪريءَ نہ ها ڪئي ءِ نہ ئي نہ. ڇپرن جو سمورو بار اکين تي اڇلائي ڇڏيائين.

"چوڪيدار کي ٻڌائين ها. تالو کولائي ڏيئي ها يا ڀچي ڏيئي ها."

"نہ امان ڪاوڙبي."

"ڇوءِ-؟"

"مان رات جو هتي سمهي پوان؟" چوڪري ٻئي ڳورا ڇپر ڪٽي سنجي ڏانهن ڏٺو، ءِ ڪارين اکين جي چمڪ سان چيو: "سوير چاهي ڳولي ونديس، اتي گاهہ ہر ڪٽي ٻئي هوندي."

سنجي کي گهڙيءَ لاءِ لڳو اها تہ تمام معمولي ڳالهہ آهي..... هڪ انسان ٻئي انسان کان ٿوري مدد گهري..... پر ٻئي پل اها معمولي ڳالهہ معمولي نہ لڳس. چيائين: "هتي منهن جي ڪمري ۾؟ هن چوڪيدار کي چوين ها، منهنجو مطلب آهي چوڪيدار جي عورت کي....."

"انهن کان مون کي ڊپ ٿيندو آهي."

چوڪريءَ وري بہ پنهنجي ڇپرن جو بار پنهنجي اکين تي اڇلي ڇڏيو. شايد هن پيري پنهنجي ڳالهہ جو بہ.

سنجي پنهنجي ڪمري جي چٽن ئي ديوارن ڏانهن ڏٺو، وري ان دريءَ کي ڏٺائين جيڪا جهڪٽي ڏانهن ٿي کلي ءِ ان دروازي ڏانهن بہ ڏٺائين جيڪو عمارت ڏانهن ٿي کليو. جيڏانهن شهر هو..... شهر جيڪو رات جو بہ ڪڌهن پورو نہ سمهندو آهي..... ان جي ڪنهن ڪنڊ مان ڪنهن ٻار جي روئڻ جو آواز ايندو آهي، ڪنهن ڪنڊ مان ڪنهن جي زال جي چوڑين جو ڇڪو ايندو آهي ءِ ڪنهن ڪنڊ مان ڪنهن پوڙهيءَ جي کنگهہ جو..... سنجي زور سان کلڻ گهريو..... "يار سنجي! هن شهر ءِ جهنگل جي وچ ۾ تنهن جي ۱۴ فوٽ چورس جي جهوپڙي آهي، ڏس، اها خطري کان خالي آهي.

۽ ڪٿي بہ ڪا بہ جاءِ، هڪ جوان ۽ اڪيلي ڇوڪريءَ کي پناهہ ڏئي نہ سگهي..... اهو بہ رات جو....."

پر سنجي صرف ايترو چيو: "تون ڪٿي سمهندينءَ؟" ڪمري ۾ ڪٽ تہ هئي، پر فرش تي سائي رنگ جي فراسي، گاهہ جيان وڇايل هئي..... نہ جي پٽن جي چنڪار واري..... "هتي هڪ پاسي ۾ سمهي پوندیس." ڇوڪريءَ چيو ۽ پرينءَ ديوار وٽ پاڻ ۾ سمائجي فراسيءَ تي ويهي رهي.

ڪمري جو دروازو بند ڪرڻو هو. سنجي بند ڪري ڇڏيو، پر ڪمري جي بتي بند ڪرڻ وقت هن جو هٿ بيهي ويو. "بتي ٻرندي ڇڏي ڏيان، اوندهہ ۾ توکي ڊپ تہ نہ ٿيندو."

ڇوڪريءَ دريءَ ڏانهن ڏٺو، جنهن ماڻ ٻاهرين سڙڪ جي بتيءَ جي روشني ڏسڻ ۾ پئي آئي، چيائين: "نہ..... وسائي ڇڏ ....."

سنجي ڪٻٽ مان هڪ چادر ڪڍي، ڇوڪريءَ کي ڏني، پوءِ ڪمري جي بتي وسائي ڪيتري ئي دير دريءَ وٽ بيٺو رهيو.

ڇوڪريءَ چادر کولي، ڪلهن تائين ويڙهي ديوار سان ملي ڀڳڙيءَ جيان پٽجي رهي.

هڪ ڇوڪري سڃي شهر کان پنهنجي جواني بچائيندي هڪ نہ جي وڻ تي چڙهي وئي، پوءِ تارين کي جهلي، هڪ تاريءَ ۾ لڙکي، ڪليل دريءَ مان هن جي ڪمري ۾ هلي آئي.....

پر اهڙو ڪوبہ تصور سنجي جي ذهن ۾ نہ آيو. هن ڪمري جي اوندهہ ۾ ميز، ڪرسي، ڪٻٽ ۽ ڪٽ جهڙيون شين جي گولائي ۽ ڊگهائيءَ ۾ ٽٽندڙ نقش ڏٺا ۽ وري فرش تي ننڍن ننڍن ۽ زنده شين جيان بدلجندڙ نہ جي پٽن ڏانهن..... ۽ وري پرينءَ ديوار وٽ ڀڳڙيءَ جيان ستل ڇوڪريءَ ڏانهن.....

ڇوڪريءَ جي متان وڏل سفيد چادر اوندهہ ۾ ميرانجهڙي ڏسڻ ۾ اچي رهي هئي. ايئن جيئن نہ جي وڻ مان لهي آيل هڪ وڏو نوريڙو دريءَ مان اندر ڪمري ۾ هليو آيو هجي...

سنجي کي اهو نوريڙي وارو تصور سٺو لڳو. پر گڏوگڏ دريءَ کان نہ دروازي کان ڊپ محسوس ٿيس.

هن سوچيو، "سوير کوئي چوکيدار يا کوئي ٻيو هن کي منهن جي ڪمري مان نڪرندو ڏسندو ته ڇا ٿيندو؟"

پر ٻي گهڙيءَ سنجي کي کل اچي وئي، يار سنجي! تون ڪڏهن کان ماڻهن جي سوچ جي سطح تي سوچڻ لڳو آهين. ماڻهن جو خيال سنجي ذهن مان ڪڍي ڇڏيو. پر اڏامندڙ مڪ جيان هڪ نئون خيال هن جي من ۾ سمايو ... سياڻي سندس ماءُ اچي ڇا چوندي ته چوڪري ته ڊنل هئي، پاڳل هئي، پر توکي ته ڪجهه سوچڻ گهربو هو...

سنجي جي چوڌهن فوٽ چورس ڪمري ۾ ڊپ جو هڪ پن چٽي آيو. نہ ڄاڻ من جي گهڙيءَ ناريءَ تان... ڪمري ۾ نر جي پنن جي هلڪي سرسراهٽ هئي. پر ان نون پنن جو وڏندڙ آواز سنجي جي ڪنن ۾ گونجڻ لڳو ... هن جي ذهن ۾ ڏماڪا پيدا ڪرڻ لڳو. چوڪري بنا ڪنهن چرپر جي، ديوار سان لڳي، ديوار جو ٿي حصو ٻٽي، ماڻ ميٽ ستي پئي هئي...

سنجي کي پنهنجو پاڻ چوڪريءَ کان ٻہ ننڍو ۽ اگهاڙو لڳو. هڪ عام چوڪريءَ کان ٻہ وڌيڪ خصيص ... هو پنهنجي اکين ۾ بي آرام ٿيندي ڪٽ تي وڃي ليٽيو... ڪجهه دير سمهي نہ سگهيو ....

ننڍ ڪڏهن آيس، سنجي کي کابہ پروڙ نہ پئي. هو ڪيتري دير ستو، ڪيس اها ٻہ ڪَل ڪانهي... ڪيس صرف ايتري خبر آهي ته سندس ٻانهن کان وٺي هر هر ڪيس ڪوئي جاڳائي رهيو هو.

ڇرڪي جاڳيو، ڏٺائين، ڪٽ وٽ بيٺي اهائي چوڪري ڪيس جاڳائي رهي هئي.

سنجي اوندهہ ۾ هٿوراڙيون هٽي بستري جي مٿن کان لڳل بجليءَ جو سؤڇ ڪوليو، بتي ٻاريءَ ڪجهه گهرائجي ان چوڪريءَ ڏانهن ڏٺو:

چوڪري چپ چاپ ديوار وٽ بيٺي هئي.

سنجي گهڙي ڏٺي، رات جا چار وڄي رهيا هئا. گهڙيءَ جي ڊگهي سئيءَ جيان سنجي جي نرڙ تي گهنڊ پٽجي ويو، چيائين: "هاڻ توکي ڇا ٿيو آهي؟ سمهين ڇو نہ ٿي؟"

"مون کي ڊپ ٿو ٿئي."

نرڙ ۾ ڇڻ گهنج پٽجي ويس. سنجي جي دل ۾ آيو هن مهل اٿي ڪمري جو دروازو کولي چوڪريءَ کي چوڪيدار جي حوالي ڪري ڇڏي. ڇويس ته

هن جي ڪمري جو تالو پڄي چوڪريءَ کي اتي پهچائي اڇ اتي جتي هن کي ڊپ نه ٿئي.

لڳس، هو هن وقت در کوليندو ته هڪ خوفائتو شهر جاڳي پوندو. سو غصي مان چوڪريءَ کي ڏنائين.

ڏسندي چيائين: "پوءِ مان بتي ٻاري تنهنجي چوڪيداري ٿو ڪيان، تون سمهي پوءِ....."

چوڪريءَ ڪجهه نه چيو.

"چا نالو آهي تنهنجو؟ چا ٻڌايو هوءِ؟"

چوڪريءَ پنهنجو مٿو ڪٽ تي رکندي چيو: "ڪملا"

"ڪملا ديوي، هاڻ توکي ننڊ نه ٿي اچي ته مان چا ڪريان؟"

سنجي جي ڪاوڙ نرڙ تان لهي، چپن تي اچي وَئي. پر ڏنائين چوڪري سڏ ڪي سڏ ڪي روئي رهي هئي.

ڪوئي ٻيو هجي ها ته سنجي جي دل پگهري وجي ها، پر هو ڪنور پنهنجي سيني ۾ ئي وڙهندو رهيو.

"پوءِ ٻڌاءِ ديوي! مان چا ڪريان؟"

چوڪري ڪٽ تان هٽ ڊگهيري سنجي جي هٽ کي ڇهيو ۽ چيائين ڪجهه ٻه نه...

هن ڏانهن ڏنائين ٻه نه.

سنجي هن جي هٽ کي چنڊي پري ڪرڻ ٻيو گهري، پر هن ڪجهه سوچيو ۽ هٽ ايئن ئي ڇڏي ڏنو.

"ڪملا! مون ڏانهن ڏس."

ڪملا نه ڏنو، ڪنڌ کي ڪلهن تي ڪيرائي ڇڏيائين.

"ڪملا..." سنجي ڪجهه تکي لهجي ۾ هن کي ڪوٺيو.

چوڪري شايد ڊڄي وئي، هن ڪنڌ ڪٽي سنجي ڏانهن ڏنو.

"توکي... سچ پچ ڊپ ٿو ٿئي؟"

چوڪريءَ انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

"پوءِ تو مون کي آڏيءَ رات جو چو جاڳايو آهي؟"

چوڪري ڇٽيل پن جيان ڏڪي وئي... پوءِ هن جو مٿو ڪٽ تي ايئن

ڪري پيو جيئن اهو ڏڪندڙ پن هجي جيڪو وڻ مان ڪري پيو هجي. هن پن جهڙي پيلي آواز ۾ چيو: "امان چيو هو."

سنجي جي ڪاوڙ نرڙ تان لهي چپن تي اچي وئي هٿي ۽ هاڻ چپن تان لهي سيني ۾ لهي آئي.

نہ ڄاڻ هو من جي ڪاوڙ سان پري ڪٽي نهاري رهيو هو.

"رات جو منهنجي ڪمري ۾ اچڻ لاءِ توکي ماءُ چيو هو." سنجي سڌو سوال چوڪريءَ جي آڏو رکي ڇڏيو.

چوڪريءَ هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

هاڻ سنجي من جي غصي مان چوڪريءَ ڏي نٽي ڏٺو. هن ڏور سندس ماءُ ڏاڻهن يا ان کان بہ پري هن جي ڪنهن مجبوريءَ ڏاڻهن ڏٺو هو. اوچتو پڇي ويٺو: "تنهنجو پيءُ ناهي؟"

"نہ....."

"پاءُ....."

"نہ....."

"ماڻهين گذران لاءِ ڇا ڪندي آهي؟"

"ماڻهن جا ڪپڑا سبندي آهي."

"گذاري لائق پئسا نہ ٿي ڪمائي سگهي."

چوڪري ڪجهہ دير ماڻ رهي، پر سنجي جي موجودگيءَ ۾ اها ماڻ آسان نہ هئي، چيائين: "مشين قسطن تي ورتي اٿس، جيترا پئسا ڪمائيندي آهي اڌ قسط ۾ هليا ويندا آهن."

سنجي ٿوري دير سوچيندو رهيو ۽ پوءِ چيائين: "جيئن اڄ رات هن توکي هتي موڪليو آهي، اڳ بہ ڪٽي موڪليندي رهي اٿئي؟"

سنجي کي لڳو چوڪري کوڙ نہ ٿي ڳالهائي، پڇيائينس: "تنهنجي ماءُ جو ڪهڙو خيال هو تہ ايئن جهٽ ۾ ٽي مان توکي ڪجهہ پئسا ڏئي ڇڏيندس؟"

"نہ....."

"پوءِ...."

چوڪري کوبہ جواب نہ ڏنو ۽ وري روئڻ لڳي.

چوڪريءَ جو هٿ سنجي جي هٿ کان ڪڍهوڪو پري ٿي ويو هو. ان وقت سنجي ٿي هٿ ڏگهيريو. چوڪريءَ جي ڪلهي تي رکندي چيائين: "پوءِ جيڪڏهن توکي ايئن پسا ونڊا نه هئا. ته چا ڪرڻ آئي هئينءَ؟"

"امان چيو ٿي ....." چوڪريءَ مشڪل سان ايترو ٿي چيو ۽ وري روئڻ لڳي.

"تون اسڪول ۾ پڙهندي آهين؟"

چوڪريءَ انڪار ۾ ڪنڊ لوڏيو.

"تنهن جي پڙهڻ تي دل نه ٿي ٿئي؟"

"امان اسڪول مان نالو ڪيرائي ڇڏيو هو." چوڪريءَ چيو ۽ هن جو روئڻ ڪجهه بيهي ويو. "امان مون کي ڪپڙا سبڻ لاءِ چوي ٿي، پر ڪپڙا سبڻ ۾ منهنجي دل نه ٿي لڳي."

"اسڪول ۾ پڙهڻ تي دل ٿيئي ٿي؟"

چوڪريءَ اثبات ۾ ڪنڊ ڏوٿيو.

"جيڪڏهن مان تنهنجي اسڪول جي في ڏئي ڇڏيندو ڪريان ته تون پڙهندين؟"

چوڪريءَ جي چهري تي هڪ گهرو رنگ ڦري ويو چيائين: "ضرور پڙهندس."

"چگو هاڻي ٻڌاءِ، ماڻهين چا سوچي توکي رات جو هيڏانهن موڪليو هو؟"

چوڪري شرمائجي وئي، اهو شرم ڪنواري چوڪريءَ جو فطري حياءُ هو. ڪنڊ هيٺ ڪري چيائين: "هوءَ منهنجو وهاڻُ ڪرڻ ٿي گهري."

سنجي انهيءَ ڳالهه جي انتها ايتري تائين نه سوچي هئي، انڪري سندس ڪاوڙ رڳو رستي پوري جسم ۾ پکڙجي وئي. سنجي صرف هن ڏانهن هڪ گهور ڪئي، چيائين ڪجهه به نه.

"اوهان فڪر نه ڪريو." چوڪريءَ ۾ هڪ ڦڙتي اچي وئي هئي ۽ هُوءَ ڪٽ وٽ هڪ ڳنڍ جيان ويڙل، اوچتو اٿي بيهي رهي.

سنجي صرف هن ڏانهن ڏٺو. چيو ڪجهه نه. ٽوريءَ ماڻ کان پوءِ چوڪريءَ پاڻ ٿي ڳالهايو: "امّان سوير ٿي ايندي، چوي پئي اول ڪمري ڏانهن ويندیس، اتي تالو ڏسي زور زور سان گوڙ ڪندس....."

"۽ پوءِ جڏهن تون منهنجي ڪمري مان نڪرندينءَ، هُوءَ ماڻهن جي آڏو

مونکي ذليل ڪندي....." سنجي باقي ڳالهه پاڻ ئي چئي ويو.

چوڪريءَ اثبات ۾ ڪنڌ لوڏيو ۽ چيائين: "مان هاڻ ئي وڃي ڪمري ۾ سمهي ٿي رهان، پوءِ هوءَ ڪجهه ڪري نه سگهندي."

پهريون ڀيرو سنجي چوڪريءَ جي خوبصورت چهري ۾ نهاريو ۽ چيائين: "توکي هن وقت هيڪلي ۾ ڊپ نه ٿيندو؟"

"نه، مان ڪيترائي ڀيرا اڪيلي رهندي آهيان، مون کي ڊڄ نه ٿيندو آهي."

"تنهن جي ماءُ اڳ ۾ ٻاهر ويندي رهي آهي؟"

"ڪڏهن- ڪڏهن."

"ڪيڏانهن....."

"خبر ناهي....."

سنجي سندس ماءُ جي باري ۾ وڌيڪ پڇڻ مناسب نه ڄاتو، چيائين: "هن مهل ٻاهر چوڪيدار هوندو، توکي ويندي ڏسي ونڊندو، توکان پڇندو."

"نه ڏسندو، هو صرف گيٽ تي نه هوندو آهي، ٻاهر سڙڪ تي به وڃي بيهندو آهي، ساڃي پاسي وارن ڪنڊرن تائين ويندو آهي."

سنجي کي چوڪريءَ جي ان ڄاڻ تي ڪجهه حيراني ٿي، سڄ پڄ هن عمارت جي ڪابه پاسي ڪيترين ئي عمارتون هيون ۽ ساڃي پاسي صرف نم جا وڻ هٿا ۽ پٽرن جي ڪنهن عمارت جا ڪنڊر. عمارت جو چوڪيدار هٿ ۾ بتي ڪٽي انهن ڪنڊرن تائين نظر ڦيرندو هو.

"مشين جون باقي ڪيتريون قسطون آهن؟" اوچتو سنجي پڇيو.

"خبر ناهي. ڇهه ست هونديون، پر جيڪڏهن مان سلائيءَ جو ڪم ڪريان ته جهٽ لهي ويندیون."

"پر تون ته سٻڙ جو ڪم ڪرڻ نه ٿي چاهين، پڙهڻ ٿي گهرين؟"

"ڪندس.... پڙهڻ جو، هڪ اسڪول شام جو به ڪلندو آهي."

اوچتو سنجي جي دل ڀڳهرجي وئي. هن اٿي، ڪٻٽ کولي ڏٽونءَ ۾ پيل سوَ جو نوٽ ڪڍندي، چوڪريءَ ڏانهن وڌائيندي چيائين: "ڏس، هن مان مشين جون قسطون هڪ ئي دفعي ڏيڻ سان لهي سگهنديون ـــ پوءِ تو وٽ پڙهائيءَ لاءِ پئسا بچي پوندا."

چوڪريءَ هٿ اڇتي نه وڌايو، شايد ڪجهه سوچيندي رهي..... پوءِ

چوڻ لڳي: "نہ، امان کي جيڪڏهن هينئن هڪ وقت سؤ رپيا ملي ويندا، تہ ٿورن ڏينهن کان پوءِ هُوءَ مونکي ڪنهن ٻئي جي گهر موڪليندي."

سنجي پهريون پيرو حيران ٿي چوڪريءَ ڏانهن نهاريو.... چوڪريءَ نمستي جي انداز ۾ هٿ ہڏا ۽ چيائين: "ڪمري جي بتي گل ڪري ڇڏيو، دريءَ مان ڏسي وٺنديس. جڏهن چوڪيدار ڪنڀرن ڏانهن ويندو، مان پنهنجي ڪمري ۾ واپس هلي ويندس."

"۽ گاهہ ۾ ڪريل چاهي ڪيئن ملندءِ؟" سنجي کي هلکي کل اچي وئي.

"اها تہ مون پاڻ هڪ پٿر جي هيٺان رکي ڇڏي آهي."

چوڪري هاڻ معمول تي اچي وئي، هوءَ پنهنجي عمر کان ٻہ وڏي لڳي رهي هئي. سنجي ڪمري جي روشني بند ڪئي ۽ دريءَ وٽ وڃي ٻاهر سڙڪ ڏانهن ڏسڻ لڳو.

"ہڏ! تون منهنجي هڪ ڳالهہ مڃيندينءِ؟" سنجي پري دروازي وٽ بيٺل چوڪيدار ڏانهن ڏٺو ۽ پويان ڪمري جي اوندهہ ۾ بيٺل چوڪريءَ طرف ڦري چيائين.

"مڃيندیس." چوڪريءَ جهٽ چيو.

"وري ڪڏهن ٻہ ايئن رات جو ڪنهن جي گهر نہ وڃجانءِ."

"نہ ويندیس."

"جيڪڏهن ماڻهين زوريءَ موڪلئي؟"

"مان نہ ويندیس."

سنجي وري ڪجهہ سوچيو ۽ چيائين: "صبح سويل ماءُ کي چا چوندينءِ؟"

"ڪجهہ نہ ..... اهوئي تہ مان نہ ويس."

"هوءَ ڪاوڙبئي."

"پلي ڪاوڙجي"

سنجي ٻيو ڪجهہ نہ پڇيس صرف ايترو چيائينس: "فيس جي لاءِ ۽ ڪتابن لاءِ ڪجهہ پٺسا...."

چوڪريءَ ڳالهہ وچ ۾ چيو: "هاڻ نہ، ڪڏهن ڏينهن جو اچي وئي ويندیس ٿورڙا..."

"ٿورڙا" ٿورن اکرن جو ننڍڙو فقرو هو. پر ان سان سنجي جي دل ۾ ڪملا جي لاءِ پيدا ٿيل يقين ايڏا ۾ وڌيڪ مضبوط ٿي ويو. هن وري ٻاهر دريءَ مان ڏٺو ۽ چوڪيدار جي بٽي ڪنڌ طرف ويندڙ سڙڪ تي هئي.

سنجي پوئتي ڦري، دروازي ڏانهن وڃي ڪمري جو ڪڙو هوريان کولي ڇڏيو. چوڪري ڪمري جي اوندهه مان اوندهه جي هڪ ٽڪري جيان نڪري وئي. چوڪريءَ کي پنهنجي ڪمري تائين پهچڻ جو اندازو هو. هاڻ هن کي چوڪريءَ مان نه چوڪيدار جي چرپر مان خبر پئجي ٿي سگهي. انڪري سنجي دريءَ وٽ وڃي بيهي رهيو.

چوڪيدار جي بٽي ڪنڌ واريءَ سڙڪ تي ڪيتري ئي دير تائين لڏندي لمندي ڏسڻ ۾ آئي، پوءِ وري پل ڪن لاءِ گم ٿي وئي، ۽ وري اها سڙڪ ڏي ڦرندي نظر آئي.

دروازي ڏانهن ۾ سنجي ڪيتري ئي دير تائين ڏسندو رهيو. بٽي اتي بيهي رهي. چوڪيدار جي استول وٽ اچي جڻ جهوٽڻ لڳي.....

عمارت جي اندرئين پاسي جي ديوار تي بجليءَ جي روشني هئي. سنجي هڪ پيرو چوڪيدار کي عمارت جي ديوار ڏانهن گهوريندي ڏٺو. لمحي جي لاءِ سنجي جي دل جي ڌڙڪڻ بيهي وئي، پر ٻئي لمحي، هن اطمينان جو ساهه کنيو. ان ڪري جو هاڻ چوڪيدار سڙڪ ڏانهن نهاري ٻيڙي ڪائڻ لڳو هو.

اندازي مان پڪ تائين پهچڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ويو. ڌڙڪڻ اڌ ۾ ٽمجي وئي، ۽ وري پوري پڪ ٿيڻ تائين سنجي دريءَ کان رڙهي ڪٽ تي اچي ويٺو. ننڊ نه ٿي آيس ان ڪري سگريٽ ڪائي ڇڪڻ لڳو.

سگريٽ جي نه جاڻ ڪهڙي ڪش ۾ رات جو پهريون پهر پرجي آيو.... جنهن وقت هوريان ڪڙڪو ڪري چوڪري آئي هئي.

خيال آيس..... ان چوڪريءَ کي ڏسي ڪيس پهرين اهو احساس ٿيو هو ته در مان سچ پچ خزان هلي آئي هجي، پر هن وقت اهو احساس نه رهيو هوس. سنجي جي وات مان نڪتو ...." يار سنجي! اڄ تائين تو وٽن جي خزان ئي ڏٺي آهي، اڄ ڏٺءِ ته انسانن جي دل ۽ دماغ تي خزان ڇانئجي ويندي آهي ته ان جو ڪهڙو حشر ٿيندو آهي، جڻ پاڻ مرادو اميد جا، ايمان جا ۽ نيت جا پن ڇڻڻ لڳندا آهن."

اڄ جو واقعو سنجي جي من ۾ پگهر ٿي ڳڙي رهيو هو... جڏهن ماءُ ٻيءُ جي من ۾ خزان اچي وڃي تہ ڏس، سورنهن سورنهن سالن جا نازڪ پن ۽ تيز هوائن جي حوالي ٿي ويندا آهن.....

اڃوڪي حادثي کان متاثر ٿي سنجي هڪ ماءُ جي چهري کي غور سان ڏسڻ چاهيو. پر اکين ۾ اها سختي، اها کرختگي نہ آيس. صرف تصور کيل چهري جي بدنصيبي اکين اڳيان اچي ويس. ڇڙ جوان ٿيندڙ ڏيءُ جو فڪر اهڙي پيانڪ خيال تائين وڻي ويو هو....

"يار سنجي؟" سنجي وٽ ڪجهہ پڇڻ ۽ ٻڌائڻ وارو صرف سنجي ئي هو ان ڪري چيائين: "يار! تون ئي ٻڌاءِ گنهگار غريب هوندو آهي يا سندس غريبي؟ جيڪڏهن غريبي گنهگار هوندي تہ ان جي سزا سماج ۽ نظامِ حڪومت کي ملڻ گهرجي.... پر سزا انسان کي ملندي آهي ..... انسان کي ڇو؟ ڇا غريبيءَ جو گناهہ ان کيو آهي؟"

صبح ٿيڻ وارو هو. جڏهن سنجي کي ننڊ اچڻ لڳي. هن سوچيو شايد خيالن جي کابہ سوير نہ ٿيندي آهي... هي درياءُ وهندو رهندو آهي..... هٿ مان قلم ميز تي رکي سنجي ڪرسيءَ تائين ايئن اٿيو جيئن ٻوڏي ورکش جي هيٺان ايندو آهي .... اکين ۾ هڪ چمڪ پر چهري تي گهرو اطمينان، عضون ۾ ٽڪاوٽ، پر نس نس ۾ هڪ لچڪ.

هن جي ڪيترن مهينن جي تپسيا پوري ٿي هئي. ناول پورو ٿي ويو هو.

ڪمري ۾ ڇڻ تہ هڪ سنجي نہ ۾ سنجي هجن. هڪ گوشت پوست جو هڏين جو ۽ ٻيو ڪاغذن جي ڍير ۾ لفظن جو ٽهيل.

پر ٻئي هڪٻئي جي تڪميل ڪندي، هڪٻئي ۾ ڏڙڪندي! اهڙي پريءَ جيان جنهن جو روح ڪنهن طوطي ۾ رهندو آهي.

سنجي جي منهن تي هلڪي مسڪراهٽ آئي، طوطو جهنگل ۾ هو. وڻ جي امانت ۽ ان لاءِ اها پري ڪنهن جي مارڻ سان نہ ٿي مئي. جيسين طوطو زنده هو هُوءَ مري نہ ٿي سگهي.

سنجي ميز تي پيل ڪاغذن جي ڍير ڏانهن ڏٺو. "يار سنجي! توکي مارٽو هجي تہ انهن ڪاغذن کي ڪٿي ڦاڙي ڇڏجي، جيڪڏهن هي ثابت رهندا تہ تون نہ مري سگهندين.... هٿ ڪهٽ ڏانهن وڌيا، پر ڪهٽ ڪولي اهو ياد

ئي نہ رهيس تہ هن کهڙ چو کوليو. هو کيتري ئي دير کليل کهڙ وڙ بيٺو رهيو.

پر هينگر ۾ ٽنگيل قميص وڙ وهسڪيءَ جون بوتلون پيون هيون. سنجي کوئي اڌ گلاس پاڻي بوتل ۾ وجهي لوڏيو ۽ وري پاڻي گلاس ۾ وجهندي گلاس هڙ ۾ کنيو کڙ تي اچي ليٽيو.

لکيل کاغذ ايئن ئي ميز تي پيا هئا، پر انهن کاغذن تي لکيل حرفن ۾ ملي جلي هڪ ڊگهي سرنگهه ناهي چڏي.

سرنگهه ۾ کيترائي پٿر هئا ۽ سنجي جي هٿن ۾ چيٿي هئي. جنهن سان هو پٿرن تي ڊگهيون، گول ۽ هيناهيون ليڪون کڍي رهيو هو.

اوچتو سنجي جي هٿن ۾ اهي پٿر بلڪل نرم ٿي ويا. ڏاڍائين، هٿن ۾ هڪ چاقو هو، جنهن سان چمڙي تي هو کجهه ڊگهيون، گول ۽ ڦڏيون ليڪون کڍي رهيو هو. کڻ ۾ اوچتو پڻ جي ککڙاهٽ ٿيس، هن نگاهه کٿي هڪ وڙ ڏانهن ڏنو. ۽ پوءِ پڻ کي تريءَ سان سڏو کندي هو انهن تي ڊگهيون، گول ۽ ڦڏيون ليڪون کڍڻ لڳو.... وري شايد کوئي پن کري هن جي پيرن جي هيڻان اچي ويو، جو هن جي پير ۾ پن جي ڏاندي چبي ۽ گڏوگڏ هن جي کپي ڳل تي کنهن ٽڦ هنئين سنجي جي گهرايل وات مان نڪتو ـــــ امان!

۽ هن چرکي چٽي پاسي ڏنو. نہ کائي سرنگهه هئي، نہ پٿر، نہ چمڙو نہ پن.

اهوئي هن جو نندڙو کمرو هو ۽ آڏو ميز تي لکيل کاغذن جو ڍير.... هُو کڙ تان اٿيو پر اڌ ليٽيل، نہ ڄاڻ ڇاڇا سوچيندي کٿي پهچي ويو هو.... پر ايڏا تائين نيم لاشعوري ۾ چيل لفظ "امان" هوا ۾ موجود هو، سنجي پوري شعور ۾ ڄاتو تہ اهو لفظ سندس ئي چپن مان نڪتو هو.....

سرنگهه جي چيٿي، چاقو ۽ سرکنڊ جو قلم ان وقت کمري ۾ نہ هئا، پر سنجي کي اهي سڀ شيون، کائي گهڙي اڳ چيل ڳالهه جيان ياد هيون.... ۽ پير ۾ چپيل پن جي ڏاندي ب....

ياد آيس..... ايئن ئي هڪ کاغذ تي پير رکيو هئائين، تہ ماٽس هن کي هڪ چمات هنئين هئي. ماٽس چيو هو: " تو زبان جي، لفظن جي، علم جي بيحرمتي کئي آهي." تڏهن هو کافي نندو هو. ايترو نندو جو بيحرمتيءَ جو مطلب ب سمجهه ۾ نہ آيو هوس.

پر اهو سمجهه ۾ آيو هوس ته هاڻ جيڪڏهن ڪنهن لڪيل شيءِ تي پير پئجي ويو ته امان ماريندي.....

سنجي کي کل اچي وئي.... يار سنجي! اڄ تون ناول لکي ڪاغذن کي سنپالي رکندين، پوئين ڪهڙي صديءَ ۾ پهچي ويو هئين؟ اتي جتي توجهڙي ڪنهن شخص اهي صرف پٿر تي اکيريا هٿا.... پوءِ وري شايد چمڙي تي لکيا هٿا.... ان کان پوءِ پوڄ پٿر تي.... تڏهن، جڏهن ڪاغذ نه لهيو هو.... ۽ ان سان گڏ سنجي کي حيرانگي ٿي.

ڪٿي اهو صديون پراڻو زمانو ۽ ڪٿي اڄ کان مشڪل ويهه ورهيه اڳ جي ڳالهه، جڏهن ماءُ ڪيس چمات هنئين هئي.... ٻئي وقت هن جي ذهن ۾ ڪيئن گڏجي ويا؟

بعيد ۽ قريب ڪيئن ملي ويا هٿا؟

سنجي گلاس ۾ باقي بچيل چڪيءَ کي هڪ ٽي ڳيت ۾ پي ويو ۽ هڪ سگريٽ ڪڍي ٻيچينيءَ مان ڪمري ۾ ٽهلڻ لڳو...

اوچتو اکيون پرجي آيس.... امان! تون جيڪڏهن زنده هجين ها ته توکان پڇان ها.... جڏهن ڪيتريون صديون اڳ مان وڻ پن تي لکندو هوس، تون تڏهن به منهنجي ماءُ هئينءَ؟ ڇا تڏهن به ڪنهن وڻ پن تي لکيل حرفن تي مون پير رکيو هو، ۽ تو تڏهن به مونکي چمات هنئين هئي؟ مون کي تون ڪيترين صدين کان لکيل حرفن جو احترام سيکاري رهي آهين؟

اڄ ڪافي سالن پڄاڻان سنجي کي ماءُ جي موت تي ايترو روئڻ آيو، جيترو شايد ان جي مرڻ تي به نه آيو هوس....

پرندڙ سگريٽ جو آخري ٽڪرو سنجي جي آگر کي چهي ويو ته هن سگريٽ کي رکدانيءَ ۾ اجهائي ڇڏيو.

هن پنهنجو ڌيان ڪنهن ٻئي طرف لڳائڻ گهريو. صبح جي اخبار ايئن ٽي پئي هئي، اهائي ڪٿي پڑهڻ لڳو.

پهرين صفحي تي وڏن حرفن ۾ هڪ وڏي سرخي هئي، هڪ سياسي رهنما جي تقرير جنهن ۾ هن ماڻهن کي ايماندار ۽ منظم زندگي بسر ڪرڻ جي اپيل ڪئي هئي.

زور سان کلندي سنجي جي هٿن مان اخبار ڪري پئي. ياد آيس: لوهه جي

ڪارخاني واري ڪيشوءَ هڪ لائسنس جي لاءِ ان کي ٻي پنهنجي هٿ سان ٻه لک رپيا ڏنا هئا.

وات مان نڪتس: يار رهبر صاحب! جنهن زبان سان رشوت وٺندو آهين، ان زبان سان نيڪ عملن جون ڳالهيون ته نه ڪندو ڪر. ڪجهه زبان جي ته عزت رک.... حرفن جو احترام ڪندو ڪر.

سنجي جو منهن ڪنهن مائٽ تي ماتم ڪرڻ جهڙو غمگين ٿي ويو. سچ پچ ماءُ جهڙي ڪاشيءِ آهي، جيڪا دنيا ۾ مري وئي آهي... صدين کان لکيل حرفن جو احترام ڪرڻ سيکاريندي هئي... حرفن جي عزت.... ڄانيائين: منهنجي ماءُ جو صرف مون سان ئي تعلق هو.... هڪ عام عورت جو واسطو صرف پنهنجي پٽ سان....

پر شيءِ جو واسطو انسان سان هوندو آهي، اها ته عام نه ٿي سگهي.... پر سندس موت تي هاڻ ڪوئي نه ٿو روئي، ڪوئي به نه ٿو روئي، هڪ ماءُ جي مرڻ جيترو به نه.....

سنجي جي نگاهه ميز تي پيل پنهنجن ڪاغذن تي پئي، جيڪي سندس ڇهن مهينن جي رياضت جو ڦل هو. ۽ انهن وٽان هو ايئن اٿيو هو جيئن مها ٻوڌي ورڪش جي هيٺان اٿيو هجي. خيال آيس اڄ ڪهڙو گيان وٺي. انهيءَ ٻوڌي ورڪش جي هيٺان آيو آهيان؟ لڳس، سچ پچ ڪوئي گيان حاصل ٿيو... ڪنهن شيءِ جي موت جو گيان....

۽ گيان جهڙو ئي هڪ ٻيو احساس ٿيس ..... شايد جڏهن ڪان دنيا جڙي آهي، تڏهن ڪان ڪجهه ماٺهو لڳاتار حرفن کي قتل ڪندا آيا آهن ۽ ڪجهه ماٺهو اهڙا هوندا آهن جيڪي پنهنجو پاڻ کي حرفن ۾ وڃائي ڇڏيندا آهن. هميشه پاڻ وڃائيندا رهندا آهن..... هن کان هڪ ڪهڙي اڻ خيال آيو هوس ته منهنجو ساهه انهن ڪاغذن ۾ آهي، اهي رهندا ته مان مري نه سگهندس. اهو خيال صرف ايتروئي نه هو، نه انهن ڪاغذن تائين محدود ۽ نه مان ئي صرف سنجي جي نالي ڪنديل.... سنجي جي نظر دنيا جي پهرين ڪتاب کان وٺي اوستائين پکڙجي وئي، جتي آخر ۾ ڪجهه نه هو ۽ هو ڪلي چوڻ لڳو: يار سنجي! تڏهن تنهنجو نالو ڇاهو ۽ ڪڏهن تنهنجو نالو ڇا هوندو، اهو ته تون به نٿو ڄاڻين....

پر ايتري وڏي گيان کان اڳوَ اطمينان هن جي چهري تي ڄانئجي ويو. جيئن هن پنهنجو نسل، پنهنجو خاندان ڳولي ورتو هجي. هُو انسان جي ان خاندان مان آهي، جنهن جا پاتي؛ جڏهن کان دنيا جڙي آهي تڏهن کان پنهنجو روح حرفن ۾ وجهندا آيا آهن....

سنجي، خوشيءَ مان ميز تي پيل کاغذ هڪ فائيل ۾ گڏ ڪيا. فائيل کي هڪ ڏاڳي ۾ ٻڌائين ۽ ڪوڙيءَ مان سائيڪل ڪڍي، پنهنجي ان پبلشر ڏانهن رخ رکيائين، جنهن سندس پهريون ناول ڇپيو هو.

گرميءَ جي موسم گذري چڪي هئي، پر سنجي کي ٻاهر سڙڪ تي اچي، اس جي تيک جو ڪجهه احساس ٿيو. ڇڙ گرمي ويندي ويندي اڄ ٻاهر سڙڪ تي ترسي پئي هجي! هن سائيڪل کي آهستي ڪري چڙيو. نرڙ تان پگهر اگهيائين ۽ جڏهن هو پبلشر جي دفتر ۾ پهتو تہ پانيائين تہ ڪيتريون سڙڪون ٽپي هيستائين پهچڻ تائين مند بدلجي وئي آهي.

ڏاڍي ڳنگائين ڪمري اوچتو سنجي جي اکين ۾ ننڊ اوتي چڏي. پانيائين شايد هو ڇهن مهين کان نہ ستو هجي ۽ هاڻ جيڪا پري ننڊ ڪرڻ چاهيندو هجي.

"سنجي صاحب! توهان جو پهريون ناول ڇپيو تہ هوم. پر وڪرو نہ ٿيو." ڪمري ۾ اوچتو هي آواز آيو تہ سنجي جي هٿ ۾ نئين ناول جو مسودو هو. اهو سندس جسم تي لڳي ويو. "ويهو. ڪوئي نئون ناول لکيو اٿو؟"

"جي ها."

"ويهو، مان اوهان کي هڪ ترکيب ٿو ٻڌايان....."

"ترکيب ناول لکڻ جي....؟" سنجي کلي ڏنو.

کلندڙ آواز ۾ ٿي جواب مليس: "لکڻ جي نہ سهي، پر ڇپجڻ جي تہ ٻڌائي ٿو سگهان."

سنجي ڪجهه چيو ڪونہ، صرف ٻڌو: "توهان کي نالو بدلائڻو پوندو."

هن ڀيري سنجي جواب ڏنو. "پر اوهان تہ ايڏا ڏڻو بہ ناهي تہ مون ڇا نالو رکيو آهي...."

"مان ناول جي ڳالهہ ڪريان، اهو تہ خير اسان پاڻ ٿي بدلائي چڏينداسون....."

"پوءِ ڪنهن جو؟" سنجي نہ چاڻ ۾ زور زور سان کلڻ لڳو.

سنجي کي بڏي اعتبار نہ آيو. انکري ائين ئي کلندي پڇيائين: "ڇو. پهريون ناول گهٽ وکرو ٿيو آهي، انکري منهن جو نالو جوتشيءَ کان پڇي رکيو ويندو؟"

"نہ نہ، منهنجو اهو مطلب نہ هو. ڪالهه هيءَ آهي تہ نئين ناول نگار کي ماڻهو پڙهندا ناهن."

"پر نئون تہ مان پهرئين ناول ويل هوس....."

سنجي کي ياد آيو تہ سندس پهريون ناول ان شرط تي ڇپيو هو تہ پئسا نہ ملندا خيال آيس تہ هيءَ ڪالهه ٻہ شايد اهڙي شرط تي اڇڻ جي شروعات جي طور چئي وئي آهي..... انکري هن پنهنجي فائيل کي ايان ٻہ پاڻ ڏانهن ريڙهي ورتو. هن پيري هو اهڙي شرط لاءِ تيار نہ هو. هاڻ هو بيڪار ڪمن جي مدد ڪانسواءِ جيئڻ پيو گهري..... وري خيال آيس: "اهڙي ڪالهه لاءِ نالي بدلائڻ واري ڪالهه سان ڪهڙو واسطو؟"

"هن پيري اوهان ڪجهه پئسا ونڻ چاهيندا؟" پبلشر پڇيس.

"ها، هن پيري مان اڳ جيان ڪري نہ سگهندس."

"مون انکري چيو هو. اوهان کي سڀ پئسا ملي ويندا."

"پر نالو....؟"

"اسان وٽ ٽي نالا آهن، انهن مان ڪنهن ٻہ نالي سان ڇپي ڇڏيندا سون..... پئسا روڪ..... اهي ٻہ اڳ ٻر....."

سنجي جو منهن ڦري ويو. هو ڇاڻي پيو تہ ڪيترن ئي اشاعتي ادارن هٿرادو نالا رجسٽرڊ ڪرائي ڇڏيا آهن، سنجي جو نالو ٻہ ڪنهن هٿرادو نالي جي قبر ٻر وڏو وڻ وارو آهي.

"ڏس سنجي صاحب! هن ڇڻ اخبارن ٻر اوهانجون تصويرون ڇپجي ويون ۽ ٻہ چار انٽرويو ورتا ويا. انهيءَ سان توهان تہ خوش ٿي ويئو. پر ان سان ڪتاب نہ ٿو وڪامي، عام گهرن جون عورتون ناول وغيرهه پڙهنديون آهن ۽ اهي اخبارن کي پڙهي نہ وٺنديون آهن....." سنجي ڇاڻي پيو تہ هٿرادو نالن سان جيڪي ڪتاب ڇپجندا آهن، اهي شروع کان پڇاڻيءَ تائين حادثن سان ڀرپور ناول هوندا آهن، ڪافي انگريزي، جاسوسي ناولن جو بيڪار، نقل. انکري مرڪندي چيائين: "پر مان اهڙي قسم جا ناول نہ لکندو آهيان."

"اها تہ کا ڳالھ ناهي. معاشي بہ هلندي. ڇئو پنج سئو رپيا هينئر ڏئي ڇڏيان؟ ها، سڄ ياد ٿو پوي، هڪ انٽرويو ۾ اوهان پاڻ چيو هو تہ اصلي لکڻ واري جو لاڳاپو لکڻ سان هوندو آهي شهرت سان نہ! اهو پل سڄي عمر گمنام رهي. ڪيئن اوهان چيو هو نہ؟"

"ها، چيو هو."

"پوءِ اوهان کي نالي جي ڪهڙي پرواهہ آهي؟"

"نالي جي تہ نہ....." سنجي مرڪيو. "پر خاندان جي آهي."

"ڇا مطلب؟"

سنجي جي من ۾ آيو تہ چئي، دنيا ۾ جيترا بہ ماڻهوآهن، ٻن طبقن مان آهن. هنن خاندانن مان..... هڪڙا اهي جيڪي حرفن کي قتل ڪندا آهن ۽ ٻيا اهي..... پر سنجي کي ان خاندان جو ذڪرڪرڻ بيڪار لڳو جيڪو پنهنجي جان بہ حرفن کي ڏئي ڇڏيندو آهي، انڪري ماڻ ٿي ويو. پر ماڻ رهڻ فطري نہ هو. ان ڪري هو زور سان ڪلڻ لڳو.....

"واهہ سائين! ان ۾ ڪلڻ جي ڪهڙي ڳالھ آهي؟"

"مان ۾رسان رڪيل ميز تي اوهانجي تصوير ڏسي رهيو هوس....."

"ڇو صاحب! منهن جي شڪل اهڙي آهي ڇا.....؟"

"تمام خوبصورت چهرو..... مون کي ياد آيو، اهو مون ڪنهن اخبار ۾ ڏٺو آهي."

"نہ سائين! اسانجي تصوير ڪير اخبارن ۾ ڇاپيندو؟"

"نہ منهن جو مطلب آهي تہ اها تصوير جيڪا مون ڏٺي هئي، ان سان اوهان جي شڪل بلڪل ملندڙ آهي."

"ڪنهن جي تصوير هئي؟"

"ڪنهن جرمن ڊاڪٽر جي....."

"جرمن ڊاڪٽر جي؟ منهن جي شڪل ان جهڙي آهي؟"

"ها."

"ڇا نالو هوس؟"

"ڊاڪٽر روزن ٽال."

"عجيب ڳالھ آهي. جرمن تہ ڏاڍا خوبصورت ٿيندا آهن."

سنجي فائيل کٽي ڪمري مان هلڻ لڳو تہ پبلشر حيران ٿيندي چيو: "چا پنج سئو بہ منظور نہ اٿو؟"

"نہ."

"چگو ست سئو وٺو. فائيل هيڏي ڏيو."

سنجي جواب نہ ڏنو. فائيل کٽي ٻاهر سائيڪل اسٽينڊ تي آيو. جتي پنهنجي سائيڪل رکي ويو هو.

پيهہ وارو لاڙو گذري ويو. آڏو ڪليل سڙڪ آئي تہ سنجي کي خيال آيو.

"يار سنجي! جيڪڏهن هو توکان پڇي وڃي ها تہ ڊاڪٽر روزن ٽال ڪير هو، تہ تون ڪهڙو جواب ڏئين ها؟ ڪوڙ ڳالهائين ها نہ تہ سچ ٻڌائينس ها؟"

هاڻ اهو سوال آڏو نہ هوس. نہ هن پڇيو هو، نہ سنجي ٻڌايو هوس. پر اوچتو سنجي کي خيال آيو. جيڪڏهن هُن ڪنهن ڏينهن هٽلر جي زماني جي تاريخ پڙهي ورتي تہ ان ۾ ريونز بروڪ ڪنسنٽريشن ڪئمپ جو احوال پڙهندي هو روزن ٽال جو نالو ضرور پڙهندو.....

سنجي کي ان وقت کل نہ آئي، هڪ آهہ سيني مان نڪري ويس، اکين اڳيان ڪيترائي اهي قيدي تڙپڻ لڳا. جن جي ڏندن ۾ سون جون ڪليون هيون ۽ جن جو علاج ڪندي ڊاڪٽر روزن ٽال انهن کي ماري سندن ڏندن مان سون جون ڪليون ڪڍي وٺندو هو.....

اکين اڳيان اڻ ڳڻت چهرا اچي ويس ۽ انهن ۾ سنجي جو پنهنجو چهرو بہ پنهنجي اکين جي اڳيان اچي ويو.

ڏينهن لڳاتار ڪرڻ ڪانپوءِ هو ڪيترا ڏينهن ڇڏي ڏيندو هو. جڏهن ڪجهه لکڻ لاءِ يا ائين ئي پڙهڻ جي لاءِ گهر ۾ ويهي پنهنجي ڪيسي مان ماني ڪائي سگهندو هو.

اهي پروف اکثر بيڪار ڪتابن جا هوندا هئا. پر ڪڏهن ڪڏهن ڪوئي سٺو ڪتاب به ملي ويندو هوس. انهن ڪتابن ۾ هجي ٿيڪ ڪندي ڪندي اکثر هو سوچيندو هو، هل، ويهي رهه يار سنجي! جن حرفن کي سپاٽي قتل ٿيٽو آهي، جن حرفن کي سپاٽي انسان جو مستقبل قتل ڪرٽو آهي؛ انهن کي اڄ ته سنواري ٿاهي رک!

هن جي انهن خيالن کي ٻيو ته ڪوئي به نه پيو ڄاڻي، ها هڪ پريس جو مشين مين هن کي ڪجهه ڄاڻندو هو. هو ڪڏهن ڪڏهن ڪلي چوندو هو.

"سنجي صاحب! هي سڄو دک علم جو آهي. نه ڪجهه ڄاڻو، نه دکي رهو. مون کي ڏس، مون کي خبر ئي ناهي. مان روز چا ڇاپيندو آهيان، بس ايتري خبر آهي ته مون کي سيني حرفن تي هڪ جهڙي مس ڦيرٿي هوندي آهي..."

سنجي ڪلي ڏيندو هو. چيائين: "چڱو يار ڪريم! اهو ته ٻڌاءِ ته اهو ڊنگ تو خدا کان سکيو آهي يا خدا توکان؟ جيئن تون روز ڪتاب ٿاهيندو آهين، اها خبر ئي نه اٿئي ته ڇا ٿاهي ڇڏيئءِ، اهڙيءَ طرح الله تعالىٰ به روز ماڻهو جوڙيندو آهي ۽ هن کي خبر ئي ناهي ته هو ڇا ٿو ٿاهي..."

ڪريم به ڪلي پوندو هو- "پوءِ خدا به شايد مشين مٿين ئي هوندو."

گذريل ٽن مهينن کان ڪريم جي لفظن ۾ سنجي صاحب لاپتہ هو. هو جڏهن به ڏهه پندرهن ڏينهن نه ايندو هو ته پريس جي ڪائي ضرورت پوڻ تي ڪريم هن جي لاپتہ ٿيڻ جي دعويٰ ڪندو هو.

هن ڀيري ته سنجي پورا ٽي مهينا پنهنجو ناول لکڻ ڪري لاپتہ ٿي گهاري ڇڏيا هئا. تنهن ڪري اڄ جڏهن سنجي پنهنجي ناول جي فائيل کي پنهنجي ميز جي خاني ۾ رکي. روزي ڪمائڻ جي فڪر ۾ پريس آيو ته ڪيس ڏسندي ئي ڪريم کلڻ لڳو. "سنجي صاحب! هاڻ ٽن مهينن ۾ خدا نه ڄاڻ ڪيترا ماڻهو ٿاهيا هوندا پر مون هڪ ڪتاب جون اسي هزار ڪاپيون ڇاپيون آهن....."

"اسي هزار؟" سنجي کي ڪتاب جي مصنف تي ساڻ ٿيڻ لڳو. "ان عظيم مصنف جو مون کي نالو ته ٻڌاءِ."

ڪريم ڪن ۾ چيس: "مصنف ۾صنف ڪو به ناهي. اسڪول جا ڪتاب به، اهڙين ئي پراڻين سراڻين ڪهاڻين کي ڳڏ ڪري ٻڌايا ويندا آهن پر راز جي ڳالهه اڃان ٻي آهي...."

"اها ڪهڙي-؟" سنجي بي دليءَ سان پڇيس.

"هتي ٻڌائڻ جهڙي ناهي. ديوار جي پويان مالڪ ويٺو آهي. توهان ڪر لاءِ پڇي وٺو. ڇهه وڃڻ وارا آهن، پوءِ اسان ٻاهر هوٽل تي ويهي چانهه پيئنداسون."

ڪر گهٽو نه هو، پوءِ به ٻٽيهه صفحا ملي ئي ويس ۽ صبح ڏهين وڳي درست ڪري ڏيڻ جو انجام ڪري سنجي ڪاغذ ڪٽي ورتا. هو ڪريم کي ساڻ ڪري ٻاهر هوٽل تي آيو. پر نه ڇاڻ ڇاجي ڪري اڄ هوٽل بند هو.

سنجي جو ڪمرو هن پريس کان ايترو پري نه هو انڪري سنجي چيو: "يار ڪريما! مان هوٽل جي چانهه کان سٺي چانهه ٺاهي ٿو سگهان. هل اڄ تون منهن جي هٿ جي ٺاهيل چانهه پي ڏس."

ڪمري ۾ اڇي سنجي پروف جا ڪاغذ ميز تي رکيا ۽ استوو ٻاريائين.

ڪريم ڪلڻ لڳو: "ڏس نه صاحب! لکڻ وارا پاڻ ته اهڙا هوندا آهن، پاڻ پڙهندا آهن ۽ پاڻ ئي اڻي باهه کي ڦوڪون ڏيندا آهن. ڪتابن جي ملائي ته ماٺهو ئي ڪائيندا آهن."

"يار! اسڪول ۾ پاڙهڻ وارا ڪتاب ته ان کان به وڌيڪ ڳاڻاٽي ۾ ڇپبا آهن....." ڪريم وچ ۾ ئي ڳالهائڻ شروع ڪيو: "مان اها ڳالهه نه ٿو ڪريان. مان آفيسرن جي ڳالهه ٿو ڪريان. سرڪاري آرڊر ائين ئي شروع ٿيو. آفيسرن اسي هزار اڳ ئي ڇپائي رکي ڇڏيا ۽ اندران ئي اندران وڪرو به ڪري ڇڏيا ۽ اهي به ڪاغذن ۾ ڪنهن ڪاتي ۾ داخل ئي ڪونه ٿيا."

سنجي پل لاءِ ماڻ ٿي ويو. وري هن چيو: "پريس جي مالڪ کي ڇاڻ آهي؟"

"واهه سائين!" ڪريم ڪلڻ لڳو. "پريس ۾ ته پن به نه ڇڙي سندس مرضيءَ بنا، هتي ته اسي هزار ڪتابن جا ڪاغذ ڦڙڪندا رهيا...."

"چپيو تہ سندس ئي مرضيءَ سان هئو پر هي آرڊر سرڪاري نہ هو، اها بہ ڪيس خبر هئي؟"

"اوهان ڪهڙي دنيا ۾ ٿا رهو، سنجي صاحب!"

سنجي ڪلڻ لڳو: "يار ڪريم! سچ پچ ڪا خبر ناهي، ڪهڙي دنيا ۾ ٿو رهان."

"اها تہ دڪان وارن کي بہ خبر آهي، جن کي ڪتاب وڪڻڻو هوندو آهي...."

"پر ان سنجي ... سنجي ..."

"نيٺ صاحب، ٻيا بہ سوئن بل هوندا آهن، جيڪي آفيسرن کان پاس ڪرائڻا هوندا آهن. اهي بہ پنهنجي غرض لاءِ سڀ ڪجهہ ڪندا آهن ۽ ماڻ رهندا آهن."

سنجي جي چپن تي ڪل سڪي وئي. چيائين: "ڪڏهن ڪوئي ڪتابن جي اها تاريخ بہ لکندو." ڪريم چانهہ پيئندي وري ڪلڻ لڳو. "اهي تہ صاحب تمام ڏکيون ڳالهيون آهن. ٻل ٽيندين ڪٽي مالڪ جي ڪمري ۾ ئي آهن، پر ڪڏهن ڪڏهن اسان جي ڪنن ۾ بہ پڄي ويندين آهن. هيءَ سرڪاري ڪتابن جي جيڪا ٻي خريداري ٽيندي آهي، اوهان ڄاڻو ٿا تہ ڪيئن ٽيندي آهي؟"

"ڪيئن....؟"

"اهي، جيڪو پئسا ڏئي، انهيءَ جا هوندا آهن ۽ ڪڏهن ڪيترا تہ آفيسرن جا پنهنجا لکيل هوندا آهن. انهن جي گهر وارين جي نالن سان ويچارين گهرواريون چاهي ست درجا ئي پڙهيل هجن، پر اهي سائنس جا ڪتاب لکندين آهن. اهڙا راز تہ اسان چهرا ڏسي ئي ڄاڻي وٺندا آهيون ..."

سنجي جو چهرو لهي ويو. انڪري ڪريم ڳالهہ بدلائيندي چيو: "توهان ٻڌايو تہ ڪي مهينا ڪٽي گذاريو؟"

"هڪ ناول لکندو رهيس."

"ناول؟ پوءِ تہ ڳالهہ ٻهي نہ. ڇا نالو رکيو اٿو؟" سنجي ڪريم جي منهن ڏانهن نهاريو، گهڙي ڪن ماڻ رهيو، پوءِ جواب ڏنائين: "سون جو ڏند."

"سون جو ڏند، اهو نالو بہ خوب آهي. ڪتاب ڇپڻ لاءِ ڏئي ڇڏيو؟"

"نہ ـ ڪوئي ڊاڪٽر روزن ٽال ڳولڻو پوندو چاپڙ جي لاءِ ....."

"اهو ڏندن جي باري ۾ ڪوئي تحقيقي ڪتاب آهي؟"

سنجي ڪلڻ لڳو. "يار! ائين ئي ڄاڻ. ادا، ڏندن ۾ جيڪو سون مڙهيل هجي تہ ان ڏند کي ڪيئن پيجبو آهي؟"

ڪريم جي سمجهه ۾ ڪجهه نہ آيو. پر هو سنجي کي ڪلندو ڏسي پاڻ بہ ڪلڻ لڳو..... "سچ، ڪريم يار! تون ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو سٺو ڳائيندو آهين. هڪ ڏينهن منجهند جي موڪل ۾ هتي پريس ۾ ئي تون ڳائي رهيو هئين....."

ڪريم کي پنهنجي اداسيءَ کان بچائڻ جي لاءِ سنجي پنهنجي ناول جي ڳالهه کي اتي ئي ڇڏڻ پئي گهريو. ڪائي ٻي ڳالهه سوچڻ پئي گهريائين تہ ڪريم جو اهو آواز ياد اچي ويس جڏهن هڪ ڏينهن پريس ۾ ڪم وارن کي ڇڏي، ٻيو ڪوبہ نہ هو ۽ ان ڏينهن مانيءَ جي موڪل مهل سڀ ڪريم جي چوڌاري گڏ ٿي ويا هئا. ڪريم لهر ۾ اچي ويو. چيائين: "ڏسو سائين! مون الف بي کان اڳتي پڙهيو ناهي پر بچپن ۾ بہ مرزا صاحبان جي اهڙي ڏن ۾ آلاپيندو هوس. جو ڳوٺ جو ڳوٺ گڏ ٿي ويندو هو. ڪافيون، سدي، سد ڪافيون سڀ ڳائيندو هوس. پر شهر اچي جڙ دل ئي مري وئي. سڄو سڄو قصو مون کي ٻر زبان ياد هوندو هو....."

"پر ياد جي سليٽ تان سڀ ڪجهه تہ ميسارجي نہ ويندو آهي..."

"سائين هاڻ تہ سليٽون ئي ڀڄي پيون آهن. هن جي ڳالهه اڄ تائين ڪنهن سان نہ سلي اٿم. اڄ اوهان کي ٿو ٻڌايان..... ادا، من تہ فقير ٿي وڃڻ پئي گهريو. چاهيندو هوس صوفي ٿي وڃان ۽ نچان ڳايان....."

اچوڪو ڪريم، سنجي اڳ ڪڏهن نہ ڏٺو هو. اڄ هو وڏي روح وارو ماڻهو ٿي ڏٺو. سنجي ڪلي پڇيس: "ڪيئن ڪريم ميان! هيءَ بہ رانجهي جهڙي جوڳ جو سوانگ ڪرڻ جهڙي ڳالهه هئي يا ڪا ٻي...؟"

ڪريم ڪلڻ لڳو.

"چڱو، سڄو نہ سهي، تون اڌ رانجهو تہ ٿي ڏٺو." سنجي ڪلندي، مسخريءَ ۾ چيو پر ڪريم جي دل ۾ ويراڳ جي ڏن اچي وئي، چيائين: "مان تہ سڄوئي ٻڌڻ لاءِ تيار هوس پر هوڏانهن هير ئي اڌ هئي..... پر سائين،

مان هن جو قصور ب نہ ٿو ڄاڻين، سڄو قصور تہ شيخ ۽ سني ۽ هجڻ جو هو."

"يار، هي مذهب ۽ هر هڪ مذهب جا ڪيئن ڪيئن فرقا.... تڏهن تہ هن چيو هو تہ اي ميان ڪريم قادر! ٻيو ڪجهہ نہ تہ بلهي شاهہ ٿي ڏي ۽ زور زور سان ڳاءِ، ڏرمسال گهڙوائي وسدي...."

"ايئن نہ يار! سُرَ سان ڳائي ٻڌاءِ."

سنجي چيو ۽ ڪريم جوش ۾ اچي ڪٽ تي هٿ رکي سُرُ ڪيو.

ڏرمسال گهڙوائي وسدي، ٽاڪر دواري ٽگ،
وچ مسيت ڪتي رهندي، عاشق رهنِ الگ.

اوهہ پيٽ نمازان، چڪڙ روزي، ڪلمہ ڦرڪئي سياهي،
بلهي شاهہ شهد اندرون مليا، مڇلي ڦري لڪائي.

(ڏرمشالي ۾ لٽيرا رهندا آهن ۽ ٽاڪر دواري ٽگ. مسجد ۾ بي ڏنگا رهندا آهن- عاشق تہ الگ رهندا آهن.)

(ڪڏ ۾ پون نمازون، ڪپ ۾ روزا، ڪلمي تي مس هارجي وئي.

بلهي شاهہ کي شاهہ (خدا) دل جي اندر مليو، خلقت پٽڪي رهي آهي.)

سنجي ڪريم جي آواز تي جهومي اٿيو، ۽ بلهي شاهہ جي ٻولن تي ب، ڇوڙ لڳو: "ڪريم ميان! توهان جو بلهي شاهہ اها ڳالهہ ڪيئن وڏي واڪ ڇئي ويو؟ اها تہ اڄ ب ڇوڙ يا ٻڌڻ مشڪل آهي."

"ڪهڙي ٽا ڳالهہ ڪريو سائين، بلهي شاهہ جي...." ڪريم هڪ ٽڏو ساهہ کنيو ۽ چيائين: "منهنجي والد جون ٻہ پاٽيجيون هيون. سندس ٻن جگري دوستن جون ڏيئر .... ٻئي اتفاق سان يتيم ٿي ويون، تہ بابا کي انهن کي ڪنهن مقام تي پهچائڻو هو، سو منهنجي ٿي نڪ ۾ ناڪيليون وجهي ڇڏيائين..... نہ تہ خدا جو قسم، مان تہ فقير ٽيڻ لاءِ سوچي رهيو هوس. هڪ ڏينهن بلهي شاهہ ٻڌجي ٿي وڃان ها."

سنجي حيران ٿي پڇيس: "ٻئي؟"

ڪريم ڪلڻ لڳو. "شڪر ڪر سائين جو ٻہ ٿي هيون. پنج هجن ها تہ منهنجون پنجئي نمازون ٿي وڃن ها."

سنجي، ڪريم جي زندهه دليءَ تي ڪلي ڪِلي ويهي رهيو. چيائين: "نه يار ڪريم! پنج ته نه ٿي، ٽي سگهيون."

"چو سائين، ٽي چونه ٽي سگهيون؟" ڪريم حساب لڳايو: "بس، ايتري ئي ڳالهه جو فرق رهجي وڃي ها، ته وڏي جيڪڏهن سورنهن سالن جي هجي ها ته سينءِ ڪان نندي ستن اٺن سالن جي هجي ها ..... پوءِ پل مان هن کي پتاشا ڪارائي ريجهائيندو رهان ها ....."

سنجي ڪلي ڪريم جي ڪلهن کي لوڏيو. "يار! تون واهه جو مسلمان آهين. توکي اهوبه ياد ناهي ته تون چئن ڪان وڌيڪ نڪاح ڪري ئي نه ٿي سگهئين."

ڪريم ڪلڻ لڳو. "اها ڳالهه اوهان سهي چئي آهي سائين. پنجين نڪاح مهل پهرينءَ کي طلاق ڏيئي پوي ها." پوءِ ڪريم گهڙيءَ ڏانهن ڏسي چيو. "اڄ من ته واهه جو لڳو آهي، وڃڻ تي دل ئي نه ٿي چوي، پر هاڻ مان هلان ٿو، گهر وڃي به نمازون پڙهئيون آهن."

"ته ٻئي عورتون گڏ رهنديون آهن؟" سنجي، ڪريم کان پڇيو.

هُو اٿڻ واري ڪندي به نه اٿيو. چوڻ لڳو: "ءِ سائين! مون چا کين جدا جدا محل ٺهرائي ڏنا آهن؟ ٻنهي گڏجي منهنجو مقبرو جو اڏايو آهي. بس هارن کي ولي انهيءَ مقبري ۾ رهنديون آهن."

سنجي هڪ سگريٽ ڪڍائيندي چيو: "ڪريم ميان! تون سگريٽ ته پيئندو ناهين، مون کي خبر آهي. ڪجهه دارو هارو پيئندين؟"

ڪريم هڪ منٽ سوچي پوءِ چيو: "ڪڏهن چپ پسائي ونندو آهيان، پر ڪڏهن سهي. هاڻ رستي مان چانور ٻانور ونڻا آهن، گهر ختم ٿي چڪا آهن.... نه ته پهچندي ئي ٻئي....."

ڪريم وڃڻ لاءِ اٿي ڪڙو ٿيو ته سنجي ڪلي ڪيس چيو: "ته اڄ پلاءُ پچندو؟"

ڪريم به ڪلڻ لڳو. "ڏسون! گهر پهچي ٻئي پلاءُ پچائي ٿيون کارائين يا روزو ٿيون رکائين....."

"چڱو ڪريم ميان! اڄ توسان ملي ڏاڍي خوشي ٿي." سنجي چيو ۽ ڪريم کي هيٺ تائين چڏي اچڻ لاءِ دروازي ڏانهن وڌيو. وري اچي هنڌ تي

ويهڻ لڳو تہ ڪريم چيس: "نہ يار ويهہ نہ. مان ويهي ويس تہ پوءِ مون کي بلهي شاهہ ئي اچي اٺاريندو." هن ٻيئي ٻيئي آواز ڪيو.

چل بلهيا چل او ٽي چلئي، جٽي ساري انيءَ،
نہ ڪوئي ساڍي جات پچاني، نہ ڪوئي سانون منيءَ.

(هل بلهي شاهہ اتي هل، جتي سڀ انڌا هجن ..... جتي نہ ڪوئي انسان جي ذات چاڻي نہ ڪوئي مڃي.)

ڪريم ان بند کي ٻيهر ڳائي جلدي ڏاڪڻ لهڻ لڳو. ڇڻ جيڪڏهن هو ٻيهي رهيو تہ نہ ڇاڻ ڪيتري دير ٻيهي رهي.

هو هليو ويو..... پر هن جو آواز ڪيتري ئي دير اتي ڪمري ۾ موجود رهيو. سنجي ان آواز جي جادوءَ ۾ ويڙهيو چپ چاپ هنڌ تي ويهي رهيو....

ڪمري ۾ انڌيرو ٽي ويو هو.

ان وقت هڪ اونهي ساهہ سان گڏ سنجي جي وات مان نڪتو: "يار بلهي شاهہ! ٻيو ڪيڏانهن ويندين. هتي رهہ، اسان جي دنيا ۾ هتي توکي ڪير ٿو سڃاڻي؟ تو اها ڳالهہ تڏهن ڪئي هوندي، جڏهن ماڻهو اکين وارا هوندا."

○

مارچ جو مهينو هو. جن پبلشرن کي سرڪاري خريداريءَ جا حڪم نامه مليا هئا، اهي کين ۳۱ مارچ تائين پورا ڪرڻا هئا. ڪيترن ئي پبلشرن وٽ اهڙا ڪتاب ٿوري تعداد ۾ هئا جن جي وڌيڪ ڪتابن جا حڪم مليا هئا. ان ڪري کافي ڪتاب فرمي جا پروف پورا ڪري سنجي باقي آلا پروف هڪ لفافي ۾ وجهي ڇڏيا ۽ اڳندي هن کان پڇيو: "هن مهل سائيا يارهن وڳا آهن، ايندڙ فرمو ڪيتري وڳي ڇپبو؟"

پريس جي مالڪ جلدي وراڻيو: "نه، هي ڪم پورو ڪري ئي وڃو. بس پهريون ڇپجندي ئي ٻيو ڇاڙهيناسون."

ڪريم ٻڌي رهيو هو. مالڪ جي ڳالهه ۾ هو ڪڏهن به دخل نه ڏيندو هو پر اڄ هو ترسي نه سگهيو. چئي ڏنائين: "ننڍي مشين آهي سائين، چار چار فرما ڇپبا، هي فرمو چار ڀيرا مشين تي چڙهندو، هڪ ڪي ڇپجندي ڇپجندي ته شام جا پنج لڳي ويندا."

مالڪ ڄاڻي ٻيو ته وڏي مشين ڪالهاڪون خراب آهي ۽ ڪريم صحيح ٿو چوي، تڏهن به چيائين: "پوءِ به ٽين سائي ٽين وڳي تائين اسان کي فرمو ملڻ ئي گهرجي. غلطيون درست ڪرڻ ۾ به هڪ ڪلاڪ لڳي ويندو آهي."

ٻيو ڪوئي هجي ها ته سنجي اتي ئي ويهي ٻيا سورنهن صفحا پڙهي وڃي ها، پر اڄ سندس ٽڪل اکيون لفظن تان ترڪي ترڪي ٽي ويون، انکري لفافو کڻي اڳندي هن چيو: "ٺيڪ آهي مان ٽين وڳي اچي پروف ڏئي ويندس."

پنهنجي ڪمري ۾ اچي ڪيترائي ڀيرا سنجي پنهنجي اکين کي پاڻيءَ سان ڌوتو، پوءِ ڪوئي اڌ ڪلاڪ جي لاءِ اکيون بند ڪري هنڌ تي ليٽڻ لڳو ئي

هو ته دروازو کڙکيو. سنجي دروازو کوليو. ڪملا هئي ان رات کان پوءِ پهريون پيرو آئي هئي. سنجي ڪجهه حيران ٿي هن ڏانهن نهاريو. هيءَ ان رات واري خزان جهڙي ڪملا نه هئي.

"مون کي ڏهه رپيا ڏيڻ، ڪتاب وٺڻا آهن." ڪملا چيو.

پر ائين جيئن ڪوئي پنهنجو حق سمجهي چوندو آهي، ائين جيئن هاڻ ڪڏهن ڪنهن جي ڪمري ۾ نه ويندس، جو واعدو پورو ڪرڻ ڪانپوءِ ضرورت لاءِ پئسا وٺڻ کي پنهنجو حق سمجهيو هجائين.

اڄ هُوءَ گناهه کان آزاد هئي.

سنجي کي هڪ سڪل ٽاريءَ مان هڪ سائي پن جي نڪرڻ جو احساس ٿيو. هن کيسي مان ڏهه رپيا ڪڍي ڏيندي چيس: "ڪملا! مون کي ڏاڍو سٺو لڳندو، جيڪڏهن تون پڙهندين."

ڪملا ۾ نه ڄاڻ ڪڏهن کان کهڙو احساس هو، هن ڏهه رپين جو نوٽ وٺي گروءَ جا قدم ڇهيا ۽ پوءِ چپ چاپ ڏاڪڻ تان هيٺ لهي وئي.

سنجي کي اها رات ياد اچي وئي جڏهن هوءَ دريءَ وٽ ببهي چوڪيدار جي ڪنڌرن ڏانهن ويندڙ بتيءَ کي ڏسي رهيو هو. ۽ ڪملا پنهنجي ڪمري ڏانهن ويندي عمارت جي ديوار سان لڳي اوندهه جو سهارو وٺي ويڄي رهي هئي.

اڄ اها ٻي چوڪري آهي..... سنجي جي دل ڪلي پئي. جيڪا ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ڪلندي آئي آهي، ڪلندي وئي آهي. ان ڏينهن ۽ اڇوڪي ڏينهن جي وچ وارو مڪمل ڪيئن طءِ ڪري وئي. اهو سوچيندي سنجي کي لڳو، سندس سڄي ٽڪاوٽ دور ٿي وئي آهي.

هو هنڌ تي اڪيون بند ڪري سمهڻ بدران پروف ڏسڻ لڳو.

سنجي پروف ڏٺا، چوڪيدار کان پرواري هوٽل مان مانيءَ گهرائي کاڌائين ۽ گهڙيءَ ۾ وقت ڏنائين. اڃان ٽن وڃڻ ۾ هڪ ڪلاڪ پورو پيو هو. هو بيفڪريءَ سان هنڌ تي ليٽي اينٽوني ڪوئين جي سوانح حيات پڙهڻ لڳو.

شهرت جي عروج تي بيٺل اينٽوني..... شهر جون امير ترين حسيناؤن کيس دعوتن جي ڪوٽ ڏئي رهيون آهن..... شهر ۾ هڪ ٻي وقت ڪيترين ٻي سينيمائن ۾ فلمن جي نمائش هلي رهي آهي..... شهرجي هڪ ڇهه منزلا عمارت هن جي ذاتي ملڪيت آهي..... هر منزل جا ڪمرا

خوبصورت بتن سان سجايل..... تصويرن سان ۽ اڻ لپ ڪتابن سان.....۽ اوچتو..... ٽئيٽر جي اسٽيج تي بيٺل اينٽونيءَ جو آواز سندس نڙيءَ ۾ جمي ويو..... گهبرائجي ڊاڪٽرن کي گهرايو ويو..... پر ڪٿي به ڪوئي مرض ڏسڻ ۾ نه ٿي آيو.....

"۽ وري هڪ آواز، صرف هڪ آواز چوي ٿو. هن جي نڙيءَ جي رڳ ۾ يا ته اهڙو ڪجهه ايري آيو آهي جيڪو ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي.... يا.... يا....." اهو آواز اينٽوني جي ڪن ۾ چوي ٿو. "يا ڪوئي ڪوڙ تنهن جي نڙيءَ ۾ ڦاسي پيو آهي....."

سنجي ڇرڪي پيو، ڪتاب جي لفظن مان ايرندڙ اينٽوني ڪوئين جي چهري ڏانهن ڏسڻ لڳو.

چهرو ايان مرڪي رهيو هو. نه ڄاڻ پري افق ۾ ڏسي رهيو آهي، سوچي رهيو آهي. "ڪوڙ ته شايد هڪ هزار هوندا، پر اهو ڪهڙو ڪوڙ آهي، جيڪو منهنجي نڙيءَ ۾ ڦاسي پيو آهي؟ اهو جنهن اوچتو مون کي اپاهج بڻائي ڇڏيو آهي."

۽ اينٽوني ڪوئين پنهنجي ان ڪوڙ کي ڳولڻ لاءِ پنهنجي پيدائش کان وٺي سڄي عمر جي يادگيرين کي ڦولهي ٿو.....

"يار اينٽوني!" سنجي هوريان چيو، ۽ قدم سان قدم ملائيندي اينٽونيءَ سان گڏ هلڻ شروع ٿو ڪري.....

هلندي هلندي نه ڄاڻ ڪهڙيءَ مهل سنجي کي شعور جو ٽڏو لڳو، ۽ سنجي گهبرائجي گهڙيءَ ڏانهن ڏٺو..... چار وڃڻ وارا هئا.....

هو جلدي اٿيو، ميز تان پروف ڪنيائين ۽ هيٺ ڈيئڊيءَ مان سائيڪل ڪڍي ٻوري ئي دير ۾ پريس پهچي ويو.

پهريون فرمو ايان ڪريم جي مشين تي ئي هو. سنجي اطمينان سان ڏٺو ته هن ڪان جيڪا ٻوري دير ٿي وئي اها دير ۾ شامل نه هئي. سرخرو محسوس ڪندي هو گهر موٽڻ وارو ئي هو ته پريس جي مالڪ چيس: "اڄ ٻوري تڪليف ڪريو سنجي صاحب، آخري پروف به ڏسندا وڃو، مون کي ڪوئي هڪ ڪلاڪ لاءِ ٻاهر وڃڻو آهي."

ٿي ڪمپوزيٽر سنجي جي آندل پروفن کي جلدي آڏو رکي هڪ هڪ نشان

کي ڏسي غلطيون ٻہ ٹيڪ ڪندا رهيا ۽ انهن جا صفحا ٻہ ٻڌڻ لڳا. سنجي سائيڪل هڪ پاسي رکي آخري پروف ڏسڻ لاءِ ترسي پيو. پريس جو مالڪ ڪيسي مان ڪار جي چاهي ڪيندي ڪريم وٽ وڃي چوڻ لڳس: "ڪريم ميان! اڄ ٻيو فرمو ٻہ ڇپجي وڃي تہ ڇگو....."

"ڏسو! پنجين سانديي پنجين وڳي کان اڳ ٻيو فرمو مشين تي چڙهي نہ سگهندو."

ڪريم نرڙ تان ريڳارين جيان وهندڙ پگهر اگهندي کلي ڏنو.

"ڇگو، ڏس! مان هيئنر اچان ٿو. منهن جي اچڻ کان پوءِ ويجھ. ائين ئي ڇهين وڳي نہ هليو ويجانءِ. سپاٹي تہ وڏي مشين هلڻ شروع ڪندي."

"اوهان هوءِ مشين هلارايو، مان سويل نوين وڳي اچي جيترو ڪم چوندؤ، ڪڍي ڏيندو سانوَ."

"انهيءَ لاءِ تہ وڃان ٿو. هن جرمن مشين جو هڪ پرزو ڀڄي پوي، مصيبت اچي ٿي وڃي. نہ هتي ملي ٿو نہ هتي ڪنهن کان جڙي سگهي ٿو. مان تڏهن چوانءِ ٻيو، هن مشين کي وڏي خيال سان هلائيندو ڪر."

جڏهن پريس جو مالڪ اهو چئي ڪاوڙ مان پرسان واري گيريج ۾ بيٺل ڪار ڪڍي نندي گهٽيءَ جي دوڪانن جي تختن کان ڪار کي بچائيندو ٻاهر نڪري ويو. تڏهن سپ ڪمپوزيٽر ڪريم ڏانهن ڏسي مرڪيا. ڪين شايد پنج ڏينهن اڳ وارو وقت ياد اچي ويو جڏهن وڏي مشين جو هڪ پرزو ڀڄي پوڻ ڪري مشين بيهي وئي هئي. تڏهن پريس جي مالڪ ڪريم ڏانهن ائين گهوري ڏسڻ لڳو هو جڻ ڪريم کي پاڻ پرزو ٻڌجي ان مشين ۾ پٽجي وڃڻ گهربو هو.

ڪريم ڪمپوزيٽرن ڏانهن ڏسندي مرڪي سنجي ڏانهن ڏسڻ لڳو.

"سنجي صاحب! اسان ۽ اوهان کان تہ جرمن مشين جو پرزو بهتر آهي. اسان تہ مري ٻہ وڃون تڏهن ٻہ ڪم بند نہ ٿئي....."

هڪ ڪمپوزيٽر صفحو ٻڌندي سِٽ هيٺان سڪي جو لفظ وڃهي رهيو هو، هو ائين ئي هٿ ۾ ڪنيو ڪريم وٽ آيو ۽ ڪلڻ لڳو. "ڪريم ميان! مزو تہ سپاٹي ڏسٹو آهي جڏهن مشين هلندي، ان جو پرزو پاڻ پيچي ڇڏجانءِ."

ڪريم مس پريل هٿ جي مُڪ ان ڪمپوزيٽر جي پٹ ۾ هنئين. "مشين جو پرزو تہ پوءِ پيچندس، پهرين تنهن جو هڪ پرزو پيچي وڃان." ۽ ڪريم

کلڻ لڳو. پوءِ دروازي وٽ اسٽول تي ويهندي سنجي ڏانهن ڏسندي چوڻ لڳو. "هي ڏسو، سنجي صاحب! هي وڏو نڪسل وارو کهڙي صلاح ٿو ڏئي."

سنجي چيو ڪجهہ ب نہ، مرڪي ڏنائين. سندس ڏهن ۾ ان ڳولهائي جو آواز ڦري ويو. "سخاوت هتان اٿيندي آهي، چاتيءَ مان باهہ جي لپيٽ جيان..."

ءِ سنجي جي چوڻ تي پنهنجو اهو ئي خيال جمي ويو. بغاوت ت نڙين ۾ گهٽي پئي آهي..... ءِ اتي مانيءَ جي صحي گهرجي.....

ايندڙ فرمي جا جيڪي صفحا تيار ٿي لهي ويا، ڪمپوزيٽر ان صفحي جا پروف ڪڍي ٿي ورتا ءِ سنجي پهرين پروفن کي ڏسي ونندو، فائينل پروف گهٽو ڪري پريس جو مالڪ پاڻ ڏسندو هو. ڪڏهن اتفاق سان سنجي اتي ويٺو هوندو هو ت اهو ڏسي ونندو هو. اهي منٽن ۾ ڏٽا ويندا هٽا، پر پهرين چئن ورقن ڪانپوءِ اڳين چئن ورقن حي وچ وارو وقت واندو ويهي انتظار ڪرٽو پوندو هو.

ڪوئي ٻيو ڏينهن هجي ها ت سنجي کي ڏاڍو خراب لڳي ها. پر اڄ پريس جو مالڪ متان نہ هو، انڪري سڀ ڪمپوزيٽر ڪم ڪندي ب ڳالهين جي رؤ ۾ هٽا. سنجي کي انهن جون ڳالهيون چپڙ واري ڪتاب کان ڏاڍيون دلچسپ لڳي رهيون هيون. "هيءَ گيلي ت ختر ئي نہ ٿي ٿئي." پري بيٺل ڪمپوزيٽر مواد ڪمپوز ڪندي چئي رهيو هو.

"هي ت پاڙي تي لکڻ وارن کي پاڻ ئي ڪمپوز ڪرڻ گهرجي." ٿورو اڳيان بيٺل ٻيو ڪمپوزيٽر اهو چئي ڪلڻ لڳو.

"اوهان بچي ويا سنجي صاحب! جيڪڏهن اوهان کي اهڙي ڳتيل گيليءَ جا پروف ڏسڻا پون ت توهان چوٽين ڏينهن توبهہ ڪري ڇڏيو....." خبر ئي نہ ٿي پوي ت ڳالهہ ڪٽان شروع ٿي ءِ ڪٽي ختم ٿيندي. هڪ ڪمپوزيٽر چيو، جيڪو سنجي جي پر ۾ ٻيٺو هو. سنجي ڪلي ڏنو. چيائين: "يار! مان ب ت پاڙيجو پروف پڙهندڙ آهيان."

"اها پاڙي واري ٻي ڳالهہ آهي، سائين." هن جواب ڏنو، ءِ هڪ راز سلڻ جي انداز ۾ چوڻ لڳو: "هڪڙا ت لکڻ وارا هوندا آهن. سائين مصنف، هڪڙا ترجمو ڪرڻ وارا هوندا آهن مترجم..... اهي ت ٺيڪ ٿيا. پر هڪڙا ٻيا هوندا آهن پاڙي تي..... اهي چار آنا صفحي جا ونندا آهن ءِ مواد کي هڪ

زبان مان ريڙهي، پي زبان ۾ ڪري ڇڏيندا آهن ۽ مواد جا هٿ پير ئي ٻڌي پوندا آهن....."

سنجي کي ڪمپوزيٽرن جي ان ڳاڻ تي تعجب ٿيو. پڇيائين: "اوهان جڏهن ڪمپوز ڪندا آهيون تہ اوهان جو ڌيان صرف حرفن تي نہ، ڳالهہ ۾ ب هوندو آهي؟"

"واهہ، چو نہ سائين!" هڪ ڪمپوزيٽر جيڪو سنجي کان ڪافي پري بيٺو هو، تفصيل سان ٻڌائڻ لڳو.

پر پرسان واري ڪمري ۾ هلندڙ مشين جي آواز ۾ هن جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ نہ ٿي آيو، ان ڪري جيڪو ڪمپوزيٽر سنجي وٽ ويهي مواد جا صفحا ٻڌي رهيو هو، ٻڌائڻ لڳس: "ڪهاڻي سڀ هجي تہ توهان اسان کان ب مواد منڊن ۾ تيار ٿي ويندو آهي. ڌيان ڳالهہ ۾ لڳي ويندو آهي تہ غلطيون ب گهٽ ٿيندیون آهن ۽ مواد ب جلد پورو ٿي ويندو آهي. پر هي جيڪو سرڪاري دفترن جو ڪم هوندو آهي، هڪ تہ اهو هر روز هڪ ئي قسم جو هوندو آهي، جنهن کي ڏسي ئي اسان ڪک ٿي ويندا آهيون..... ٻيو هي هوندو آهي انگريزيءَ مان پنجابي يا هنديءَ ۾ ترجمو ڪيل ۽ اهو ب جن کي ڪم ملندو آهي اهي تہ ڪندا ناهن، ٻين کان ڇڻي آني صفحو ترجمو ڪرائيندا آهن، پاڻ تہ بس صحي ڪري ٻڌسا ميڙيندا آهن."

سنجي کي پاڙي واري ڳالهہ پوريءَ طرح واضح ٿي تہ پڇڻ لڳو: "۽ جيڪي ماڻهو فلم جي ٽيڪداري ڪندا آهن، انهن کي هڪ صفحي جا ڪيترا ٻڌسا ملندا آهن؟"

"اها ب اسان کي خبر آهي سائين." اهو ڪمپوزيٽر ٻڌائڻ لڳو. "ڪنهن دفتر مان تہ پنجويهہ رپيا ملندا آهن، هڪ هزار لفظن جا ۽ ڪنهن ڪنهن مان چاليهہ ب ملي ويندا آهن." سنجي دل ۾ حساب لڳائڻ لڳو. جيڪڏهن معاوضو سڀ ملي تہ ترجمو ڪرڻ ڪافي محنتي ماڻهن لاءِ هڪ پيشو بڻجي پوي. پر سنجي جو اهو حساب ڪتاب اڃ ۾ ۾ ئي رهجي ويو. اهو ڪمپوزيٽر ٻڌائڻ لڳو.

"پر سائين اهو ٽيڪو وٺڻ جو ب هڪ خاص طريقو هوندو آهي. ٽيڪي جي مال مان مٿي ب ڪجهہ ڏيڻو پوندو آهي، ٻيو نہ تہ هٿ تہ جوڙڻا ئي پوندا

آهن. کيترا آفيسر ته اهو ٽيڪو پريس وارن کي ئي ڏئي ڇڏيندا آهن، اهي جيڪي به ڪتاب ڇپرائيندا آهن، ان مان هڪ حصو هنن جو به هوندو آهي. گڏوگڏ هنن کي به مزو . نه هڪ حرف پڙهڻو نه لکڻو ۽ حصو ڪرو. هوڏانهن آفيسرن جا به مزا رات و رات ڪتاب ڇپرائي مصنفن ۽ نالو لکائي ڇڏيندا آهن."

اوچتو ڳالهيون بيهي ويون، ڪوئي ٻاهريون ماڻهو مالڪ جو پڇائيندو پرسان اچي بيٺو. پريس جو مالڪ دفتر ۾ نه هو، انڪري هو واپس وڃڻ لڳو ته هن جي نظر سنجي تي پئجي وئي. "هيلو سنجي؟"

سنجي ڏٺو، سچاتائينس. هو هنس راج مدان هو. اڪيڊمي۽ جو هڪ رڪن جيڪو ڪڏهن ڪڏهن شوقيا نظر به لکندو هو. معمولي ڄاڻ سڃاڻ هئس ۽ مدان اتساهه سان هٿ ملايس ته سنجي هن جي ويهڻ لاءِ ڪمري مان ڪرسي ريڙهي آيو.

"هي ڪو نئون ناول ٿو ڇپجي؟" مدان ڪرسيءَ تي ويهندي پڇيو.

سنجي ڪلي پيو. "نه، ناول ڇپجندي ڏسي رهيو آهيان."

"ڪو نئون ناول نه لکيو اٿو؟" مدان عام سوال ڪيو. ڪنهن لکڻ واري جي ملڻ تي اهو ئي پڇيو ويندو آهي. سو هن به پڇي ورتس. پر ڏٺائين، سنجي جي چهري تي جواب ۽ ورن آيو ۽ هليو ويو، انڪري ڳالهه بدلائيندي چيائين: "توهان جو پهريون ناول مون به پيرا پڙهيو هو."

باقي پروف سنجي جي ميز تي پهچي ويا، انڪري سنجي ڪجهه به چوڻ بدران پروف ڏسڻ لڳو.

مدان اٽيو نه، ائين ئي چپ چاپ ڪرسيءَ تي ويٺو رهيو. سنجي پروف ڏسي ڪاغذ ڪمپوزيٽر کي موٽائي ڏنا ۽ مدان ڏانهن ڏسي مرڪي چيائين: "مان پروف تمام ٿا ڏسندو آهيان."

مدان به جواب ۾ ڪلي ڏنو. پوءِ ڪجهه جهجهڪندي چيائين: "ڪم پورو ٿي ويو؟ اچو، ٻاهر هلون. هتي ڏاڍي گرمي آهي."

سنجي جو ڪم پورو ٿي ويو هو، هن کي وڃڻو ئي هو، انڪري اندر مشين واري ڪمري ۾ وڃي هن ڪريم کي چيو: "چڱو ڪريم ميان! مان هلان ٿو. شايد سويل اچان." ۽ ٻاهر پنهنجي سائيڪل ڏانهن وڌيو، پر ڏٺائين مدان

سندس انتظار ۾ وراندي کان هيٺ بيٺو هو. سنجي سائيڪل نہ ڪنئين، هن سان گڏ چانهہ جي هوٽل ڏانهن ويو.

گهٽيءَ سان ملیل هڪ ڊگهي ديوار هئي، خالي، جيڪا ڪميٽيءَ ڪار بيهارڻ لاءِ مقرر ڪري ڇڏي هئي. مدان گهٽيءَ طرف ورڻ بدران سنجي کي گڏ وٺيو ان ڊگهي ديوار سان گڏوگڏ هلندي جڏهن پريس کان ڪافي پري پهچي ويو، تہ هڪ جاءِ تي بيهي رهيو.

سنجي پاڻيو. ڪائي ڳالهہ ڪرڻ ٿو گهري، انڪري ان ديوار وٽ بيهي چيائين: "چئو؟"

"اوهان جو ناول مونکي ڏاڍو پسند آيو هو." مدان ڏيمي آواز ۾ چيو، پر ائين جيئن اها ڳالهہ نہ پر ڪا ٻي ڳالهہ ڪندو هجي.

سنجي ان ڳالهہ جي انتظار ۾ صرف هن ڏانهن ڏٺو، چيو ڪجهہ ٻہ نہ.

"سنجي صاحب!"

مدان جي آواز ۾ وري جهجهڪ اچي وئي، پر ان سان ئي ڳالهہ ڪي ورجائي ختم ڪرڻ جو ارادو ٻہ..... هن پڇيو. "اوهان اڪيڈميءَ جو ايوارڊ چاهيو ٿا؟ پر ايترو جلدي ڇو؟ ايجان تہ اوهان کي گهٽو ڪجهہ لکڻو آهي."

"مان-؟"

سنجي جو اهو هڪ لفظ ئي هڪ وڏي تعجب جي نشان جيان پوريءَ ديوار تي پکڙجي ويو. مدان، سنجي جي چهري تي آيل هڪ جڙهاءُ ڏٺو. انڪري هن ڳالهہ کي هلڪي انداز ۾ ادا ڪيو. "شايد اها ڳالهہ اوهان ڪنهن سان مشڪريءَ ۾ ڪئي هجي، پر اهڙي ڳالهہ تمام پري تائين پکڙجي ويندي آهي."

سنجي کي لڳو، ڳالهہ ڪجهہ سنجيده آهي، انڪري هن ڪجهہ چوڻ جي ضرورت سمجهي. چيائين: "اوهان چيو، اوهان منهن جو ناول پڙهيو آهي. منهنجو خيال آهي اوهان مون کي ان ۾ ڪجهہ جاتو ٻہ هوندو. اوهان پاڻ ٻڌايو تہ ڇا مان ائين سوچي سگهان ٿو؟"

سنجي چوڻ چاهيو تہ مون کي دنيا کان ڪجهہ ونڻو ناهي. صرف جيڪو مون وٽ آهي خيالن جي شڪل، اها دنيا آهي..... پر اها ڳالهہ سنجي کي پنهنجي منهن سان چوڻ مشل لڳي انڪري اها نہ چيائين.

مدان اهي لفظ سنجي جي واتان ته نه ٻڌا، پر انهن کي سمجهي ورتائين انڪري چوڻ لڳو. "جيڪڏهن منهنجو به اهو خيال نه هجي ها ته مان اوهان سان اها ڳالهه ڪيئن ڪريان ها؟ پر اها ڳالهه ڪنهن تمام پري تائين پکيڙي ڇڏي آهي."

"ڪنهن-؟" سنجي سڏو سوال ڪيو.

مدان کي سڏو جواب ڏڪيو لڳو، پر هن چيو: "اوهان اڪيڈميءَ جي اصولن کان باخبر آهيو، جيڪڏهن ڪوئي مصنف پنهنجي لاءِ ڪنهن کان سفارش ڪرائي يا ووٽ گهري ته اهو....." مدان کان پوري ڳالهه چٽي نه ٿي پر سنجي ان کي پورو ڪري ڇڏيو.

"اهو بيلڪ لسٽ ڪيو ويندوآهي."

"ها-!" مدان آهستي صرف ايترو چيو.

سنجي جا چپ پنهنجي ٻي ڪل ۾ لڪي ويا. چيائين: "سو مان بليڪ لسٽ ٿي رهيو آهيان."

"مون کي ان ڳالهه جو ڏک ٿيو هو، انڪري مون کان رهيو نه ٿيو. اوهان کي ڏسڻ ته ٻڌائي ڇڏيو مانوَ."

مدان جي چهري تي سنجي لاءِ لڳاءُ پيدا ٿيو ۽ دلي ڪيفيت جڙ چهري مان جهلڪي آيس چوڻ لڳو: "پر اهو سڀ ڪجهه زباني چيو ٿو وڃي، ڪنهن وٽ لکت ۾ ڪوئي ثبوت ڪونهي..... اهو ٿيَ نه سگهندو!"

سنجي مُرڪيو. "بليڪ يا وائيٽ هڪ ٻي ڳالهه آهي. مان ڪنهن لسٽ ۾ نه آهيان ۽ نه ٿيندس."

سنجي پوئتي ورڻ وارو هو ته مدان چيو: "پليز سنجي! اوهان اي. سي مهرا يا ڪنهن جي آڏو منهنجو نالو نه ڪٽجو ته اها ڳالهه مون اوهان کي ٻڌائي آهي." سنجي جا پوئتي ورندڙ قدم حيراني، مان ٻڏي ويا ۽ وري اوچتو هن کان ڪل نڪري وئي.

"سچ مدان صاحب! اڄ مون زندگيءَ جو سڀ کان وڏو مذاق ٻڌو آهي."

مدان سنجي جي ڪل کان ڪجهه حيران ٿي ويو. هن چيو: "هونءَ ته ڪيترا ٻي ٻيرا ڳالهيون پکڙيون رهنديون آهن، پر اوهان جو ڪوئي مهربان....."

هاڻ سنجي کي ڪنهن مهربان جي نالي جي باري ۾ ڪوبہ شڪ نہ رهيو، انڪري هن چيو: "پر مهرا چوي چاتو؟"

"اهو ئي تہ سنجي هن کي هڪ هزار رپيا ڏيڻ لاءِ چيو آهي، جيڪڏهن هو..."

ڏور آسمان تائين سنجي جي نظر ٽي وئي، اوستائين حقارت پکڙجي وئي.

پوءِ هو ٻئي ديوار جي پرئين سري کان واپس موٽيا. ٻاهرئين لاڙي وٽ اچي مدان ٻاهر هليو ويو ۽ سنجي پنهنجي سائيڪل کڻڻ جي لاءِ پريس ڏانهن وري ويو.

پريس جو مالڪ اڃان نہ آيو هو، پر ڇهہ وڄي چڪا هئا. سڀ ڪمپوزيٽر پاڻيءَجي حوض وٽ بيهي صابڻ سان هٿ ڌوئي رهيا هئا.

سنجي سائيڪل کنئين، پر رهيو نہ ٽيس، هڪ نظر اندر ڪريہ ڏي ڏانئين، جيڪو سوير نوين وڳي چپچڻ وارا فرما هڪ طرف رکي رهيو هو.

ڪريہ کي ڏسي اوڏانهن هليو آيو. پر ڏانئين ڪريہ کي اڃان اها ميري تيل هاڻي مشيني وردي لاهي هٿ منهن ڌوڻو آهي، ڪپڙا بدلائڻا آهن ۽ شايد پريس جي مالڪ جو انتظار ڪري وڃڻوآهي. انڪري صرف ايترو چيائين: "ڪريہ ميان! ٿوري دير جي لاءِ مون وٽ ايندا؟ اڄ....."

"اڄ" لفظ سنجي جي چپن ۾ گهٽجي ويو. شايد ان جي وضاحت ڪري نہ ٽي سگهيو. ڪريہ پڇيو ڪجهہ بہ نہ، رڳو ها ۾ ڪنڌ لوڏيائين. سنجي سائيڪل کي ٻاهرين گهٽيءَ ڏانهن ڦيريو.

گهر وڃڻ واري سڙڪ تي اچي، ڪوئي اڌ سڙڪ گذري وڃڻ ڪانپوءِ سنجي جو هٿ اوچتو بريڪ تي پٽجي ويو ۽ هن سائيڪل کي پوئتي ڦيرائي انهيءَ بازار ڏي هليو ويو جتان ڪجهہ رمہ يا وهسڪي ملي سگهندي هئي.

اڄ پهريون پيرو سنجي کي اها طلب محسوس ٽي جيڪا صرف ورهين جي هيراڪ کي ڪڏهن ٽڪ جي مهل محسوس ٽيندي آهي.

دوڪان تي ڪافي پيڙ هئي. جيڪڏهن ڪوئي ٻيو ڏينهن هجي ها تہ سنجي شايد اهو ڏسي موٽي وڃي ها، پر اڄ..... سنجي کي محسوس ٽيو، نڙيءَ ۾ ڪجهہ ڦاٽو پيو آهي، اهو شايد شراب جي ڊڪ سان هيٺ لاهي سگهان...

۽ هو پيڙ جو فرد ٽي پيڙ ۾ وڃائجي ويو....

رمہ ملي ويس، هن سائيڪل گهر ڏانهن موٽائي، پر گيٽ وٽ اچي ڏانئين

ته ڪريم گيٽ سان لڳو بيٺو آهي.

"ڏاڍي دير ٿي وئي ـــــــ مون کي ڊپ هو ته تون ڪٿي واپس نه هليو وڃين." سنجي سائيڪل تان لهندي چيو. پر ڪريم کلڻ لڳو.

"سنجي صاحب! جيڪڏهن ڪريم کي آزمائڻو هوء ته چگيءَ طرح آزمايو ها. هُو ته حشر جي ڏينهن تائين بيٺو رهي ها."

سنجي کي لڳو. ڪريم جي هڪ ٿي ڳالهه هن کي سوگهو ڪيو آهي.اندر ڏيوڏيءَ ۾ سائيڪل رکي. هو پنهنجي ڪمري ڏانهن ڏاکڻ چڙهڻ لڳو ۽ ڪَمري جو دروازو کولينديِ چوڻ لڳو: "ڏس ڪريم ميان! مون چاتو ٿي. جيڪڏهن تون اچي ويندين ته سنجي به گهر اچي ويندو."

"جناب ڪيڏاهن ويا هٿا. جتان اچڻ مشڪل هو؟" ڪريم کلڻ لڳو.

"ڪجهه ڏورانهين دنيا ۾ هليو ويو هوس. جتان موٽندي گهر نه ٿي مليو."

سنجي جيتوڻيڪ کلي جواب ڏنو هو. پر ڪريم سنجيدو ٿي ويو. چيائين: "اها ته راز جي ڳالهه آهي." سنجي به گلاس ڏوتا. رم جي بوتل کوليائين ۽ ٿڏي پاڻيءَ جي گهگهي پرسان رکي. هنڌ تي. ڪريم جي پرسان ويهندي چيائين: "راز جي ڳالهه ناهي. ڪريم يار! بس اڄ توسان ملي بلهي شاهه ٿيڻ تي دل ٿي چوي."

ڪريم پنهنجي رم جو گلاس سنجي جي گلاس سان ٽڪرائيندي چيو: "چگو سائين. پوءِ اڄ جو نشو پنهنجي شاهه عنايت جي نالي تا پيئون."

سنجي گلاس مان هڪ وڏو ڍڪ پريو ۽ پچيائين: "شاهه عنايت ڪير آهي؟"

"جنهن کي پير مڃي بلهي شاهه. بلهي شاه ٻڌيو هو." ڪريم ٻڌايس.

"چگو ميان اهو ٻڌاءِ!" سنجي هڪ سوچ ۾ ٽپي پڇيو: "هير جو پورو قصو تو پڙهيو آهي....؟"

ڪريم کلڻ لڳو: "پڙهيو به آهي ۽ ياد به ڪيو آهي."

"پوءِ يار ٻڌاءِ! رانجهو ڪير هو؟"

سنجي جو سوال ڪريم کي سمجهه ۾ نه آيو. پر چيائين: "رانجهو اهو ماڻهو هو. جنهن کي ڏسي هير کي خدا جو ديدار ٿيو هو."

"تون پڪ سان چاڻين ٿو؟ تو اهو لکيل پاڻ پڙهيو آهي؟" سنجي پڇيو ته ڪريم کي لڳو رم جي ٻن ڍڪن ۾ سنجي وڌيڪ پيو آهي. سنجي زور ڏئي

وري پڇي رهيو هو. "يار ڪريم! تو ته مشڪل سان الف بي تائين پڙهيو آهي، تي سگهي ٿو پڙهڻ ۾ غلطي ٿي وئي هجئي."

ڪريم سچ پچ هڪو ٻڪو ٿي ويو. چوڻ لڳو: "رانجهي جي نالي سان ته سائين عاشقن جي ذات هلي. پلا ڪنهن کان ان جو نالو به وسري ٿو سگهي؟"

"ڏس ڪريم ميان!" سنجي دل تي اثر ڪندڙ ڳوري آواز ۾ چيو: "کهڙي خبر ان جو نالو ڪيو هجي....."

ڪريم ڇڙ ڪن تي هٿ رکيا. چيائين: "سائين ڪنهن جو نالو ڪنيئي! اهو ته چغلخور هو. اهو ته هيڏانهن جي هوڏانهن ڪندو هو. عشق جو ويري ۽ عاشقن جو به ويري." سنجي، ڪريم جي گلاس ۾ ٻيو رم وڌو، پنهنجي گلاس ۾ به ۽ چيائين: "مون ته اڄ اهو ئي ٻڌو هو."

"ڪنهن کان؟" ڪريم ڇڙ گهبرائجي پڇيو.

"پائو انهن فاضلن کان، جن کان سرڪاري آفيسر ڪيتريون ئي صلاحون ولندا آهن." سنجي جو آواز سنجيدو هو. سوچ ۾ ٻڏل انڪري ڪريم زور سان کلڻ چاهيندي به کلي نه سگهيو. چيائين: "پوء جيڪو ائين چوي ٿو ان کي ڪائي بد دعا لڳي هوندي."

سنجي جي چپن تي کجهه گل تڙي پيا. هَن چيو: "چگو ڪريم ميان! هي ته ٻڌاء، چا ماڻهن کي ڪنهن جي ڏنل بددعا سچ پچ لڳندي آهي؟"

"اڇڪلهه ته خبر ناهي سائين پر چگن وقتن ۾ لڳندي هئي." ڪريم چيو، پر اڇوڪو سنجي ڪو ٻيو سنجي لڳي رهيو هو.

سنجي کجهه دير سوچيندو رهيو ۽ پوء چيائين: "منهنجو خيال آهي، اڇڪلهه به لڳندي آهي. پر هڪڙو فرق آهي ..."

ڪريم کجهه نه چيو. هو صرف سنجي ڏي نهاريندو رهيو. سنجي ٿي چيو: "فرق اهو آهي ته اڇڪلهه انسان کي ڪنهن ٻئي جي ڏنل نه، پر پنهنجي پاڻ کي بددعا لڳندي هوندي."

"اهو ڪيئن سائين؟" ڪريم سوچ ۾ پئجي پڇيو.

"اهو تڏهن جڏهن ڪيس ڪوئي رانجهو ڪيو ڏسڻ ۾ اچي."

اوچتو ڪريم کي لڳو ته هن سنجي جي من جي مراد ڄاڻي ورتي آهي. پچيائين: "سائين هو جيڪو ماڻهو اڄ پريس ۾ آيو هو، جيڪو توهانکي پرتي

ديوار وٽ وڃي ڳالهائي رهيو هو. ڇا اوهان ان جي ڳالهه پيا ڪريو؟"

سنجي کي خيال ئي نه هو ته ڪريم پري اوستائين ڏسي ويندو. انڪري هڪ ايو ساهه ڪڍي چپ چاپ ٻنهي گلاسن ۾ رم وجهڻ لڳو.

ڪريم پنهنجو گلاس پري ڪيو. "نه سائين! مون کي ته پنهنجا حواس قائم رکڻا آهن! هاڻ گهر وڃي ٻه نمازون پڙهڻيون آهن."

نماز جي ڳالهه تي سنجي کلڻ لڳو. پر ڪريم نه کليو. هن چيو: "اهو ته مون ان مهل ئي ڄاڻي ورتو هو، جڏهن اوهان ايندي ئي مون کي گهر اچڻ لاءِ چيو هو."

"ڇا ڄاڻي ويو هئين؟"

"اهو ئي ته اوهان کي ڪنهن خراب خبر ٻڌائي هوندي. اڇڪلهه ماڻهو الزام ڏاڍا تا لڳائين."

سنجي کي محسوس ٿيو جڏ ڪريم کي ان تهمت جي خبر آهي. پڇيائينس: "ڪهڙيءَ ڳالهه تي تهمتون لڳائيندا آهن، مون تي....؟"

ڪريم مرڪي پيو، چوڻ لڳو: "وري ٻه اها ئي ڳالهه، مان سمجهي ويس، مان ٻه چوان ته اڄ اوهانجي ڪا ڳالهه مون کي چو نه ٿي سمجهه ۾ اچي. هاڻ ڄاتم....."

"ڇا....؟" هاڻ سنجي حيران ٿيو. ڪريم حيران نه هو. هن چيو: "مون اهو ته ٻڌايو سنجي صاحب! ته ڪوئي پاڳل ڪتو رانجهوءَ کي ڪيدو چوي ته ان سان رانجهوءَ جو ڇا بگاڙيندو؟"

سنجي گلاس پري رکي هٽ کي سلام جي انداز ۾ نرڙ تي لڳايو ۽ چيائين:

"سلام ميان! سچ چئي رهيو آهين، ڪجهه نه ٿو بگڙي."

"اها ئي ڳالهه آهي نه پنجن هزارن واري؟" ڪريم چيو. سنجي يڪ ٽڪ هن جي منهن ڏانهن ڏسندو رهيو، پوءِ پڇيائين: "مون تي لڳايل تهمت تنهن جي ٻڌل هئي؟"

ڪريم ڪلي جواب ڏنو. "هو هڪ ماڻهو ڪڏهن ڪڏهن ايندو آهي. هن مهرا سان ئي اها ڳالهه ڪيي هئي ته سنجي صاحب هن جي پويان لڳو آهي. وري هن ماڻهن کي پريس ۾ ويهي ٻڌائي....." "تو مون کي چو نه ٻڌايو؟"

"هان، هن ۾ هڪ ڏڪ وجهه، ته مان پي زور سان ڪلان."

سنجي ڪريم جي گلاس ۾ رم وڌو، گھگھيءَ مان پاڻي وڌو ۽ پنھنجي لاءِ ھڪ سگريٽ ڪائيندي ھن ڏانھن ڏٺو.

ڪريم چيو: "اھا بہ ڪا مڃڻ واري ڳالھ آھي، معنيٰ اوھان ھن کي ايلاز ڪري رھيا آھيون، ھن کٽي جي پڇ کي، مون تہ اھا ڳالھ ھڏي اتي ئي ٽڪي ڇڏيو ھو."

سنجي کي ان مھل ڪريم پاڻ کان وڌو لڳو. مون اھا تھمت ھڏي ھڪ منٽ بہ اداس ٿيڻ جي زحمت نہ ڪئي ۽ سنجي کي پنھنجي اڇوڪي اداسيءَ تي شرمندگي ٿي.

ڪريم اڄ اداسيءَ جي نبض سڃاڻي ورتي ھئي، انڪري ھن جو سڄو فڪر ختم ٿي ويو. ھن گلاس مان ھڪ وڏو ڏُڪ پريو ۽ ڪن تي ھٿ رکي کافيون چيڑيون.

تون عاشق ھوئُون رب دا، تينون ھوئي ملامت لاک،
تينون ڪافر ڪافر آکري، تون آھو آھو آک.

۽ سنجي سڄ پڄ ھوش ۾ اچي ويو. پنھنجو پاڻ ۾ اچي ويو. کافي اوندھ ٿي وئي ھئي، جنھن وقت ڪريم ويو.

سنجي ھوش ۾ ھو، ھن کي لڳو، ھنڊ تي جنھن جاءِ تي ڪريم ويٺو ھو، شايد ڪريم نہ پاڻ بلھي شاھ ويٺو ھو. اھا جاءِ ھميشہ جي لاءِ روشن ٿي وئي.

سنجي ھنڊ جي سامھون بيھي ھڪ سر آلاپيو.

"اوھہ بلھيا! تينون کافر کافر آکري، تون آھو آھو آک."

سنجي جي آلاپ ۾ ڪريم جي آواز وارو سوز نہ ھو. پر دل ۾ ڪوئي درد ھو، پنھنجو آواز ڪن کي وٽيس ٿي.....

اڄ جو ڪوڙ ھن ھڏو ھو، اھو ھن جي ڪن ۾ نہ پر نڙيءَ ۾ اڙي پيو ھو..... ۽ ھاڻ کافر ڪوڪ ڇائٽي ٻ، "ھا" چوڻ واري بلھي شاھ جا ٻول ڪن ۾ پُڄي ويا ھئس، ڪن ۾ جو ڪجھ پُڄي ويو ھوس، ڳھي ويو.....

سنجي جي دل تان ٻار جھڪو ٿي ويو ۽ جسم ٻ، ۽ ھن اڄ منجھند واري اينٿوني ڪوئين جي ڪتاب ڏانھن نھارينديِ چيو: "يار اينٿوني! صرف تو ئي ڄاتو ھو تہ ڪوئي ڪوڙ نڙيءَ ۾ ڦاسي پوي تہ ڇا ٿيندو آھي، ڏسَ ڪن ۾ ٻہ انڪي پوي تہ ڪھڙو حشر ٿيندو آھي."

○

اوچتو سنجي جي نڙيءَ ۾ ٻه نه، ڪن ۾ ٻه نه، پر اکين ۾ ڪجھ اٽڪي پيو. هاڻ ته ٽپالي اهو رسالو ڏئي ويو هو، جنهن ۾ سنجي جي ڪهاڻي ۽ تصوير ڇپي هئي. هن ڇپيل ڪهاڻيءَ جون ڪئين پيرائون پڙهيون. ڪهاڻي پنهنجي ٿي لکيل هوندي آهي، پر هر لکڻ واري جي اها فطرت هوندي آهي ته هو ڇپيل ڪهاڻيءَ کي پاڻ ٻه پڙهندو آهي. شايد انڪري جو ان ڏينهن هو لکڻ وارو گهٽ ۾ پڙهڻ وارو وڌيڪ ٿي ويندو آهي.

ڪهاڻيءَ جا ڪيترا حصا هن جي ذهن کي اهڙيءَ طرح لڳا جو جڏهن پنهنجي تصوير تي نظر پيس ته اها تصوير ڪنهن ستن سالن جي ٻار جي بڻجي وئي..... "راهُلَ" سنجي جي واتان ڪهرائجي نڪتو، ان تصوير واري ٻار جو نالو وٺي مخاطب ٿيندي چيو، جڏ چوندو هجي، هيءَ ڪهڙي مذاق آهي؟

"تنهنجو نالو راهُلَ آهي، ڏس....."

"صرف ڪهاڻيءَ ۾ لکيل آهي...."

"پر ڪهاڻيءَ ۾ ته گهٽو ئي ڪجھ فرضي هوندو آهي، سو، نالو ٻه...."

"نه، ڪهاڻي فرضي ناهي، صرف نالو فرضي آهي....."

"تنهنجو نالو؟ مان ڇا ڄاڻان ته تنهنجو نالو ڇاهي؟"

"تون ڄاڻين ٿو."

"نه، مون اها ڪنهن خاص ٻار تي نه لکي آهي. پر ان عام ٻار تي لکي آهي، جيڪو جائز ٻار نه ڪوٺيو ويندو آهي، جيڪو هيڪلائي ۽ اداسي برداشت ڪندوآهي....."

"ڇا ڇيڻ ۽.....؟"

"اهو ئي ته جيڪو جائز ٻار نه چوائيندو آهي....."

"تون اها ڳالهه چو نه ٿو چوين، جيڪا چوڻ گهرجي....."

"چا؟"

"ته جنهن ٻار کي حرامي چوندا آهن....."

"ساڳي ئي ڳالهه آهي."

"نه ساڳي ڳالهه ناهي."

"ڪيئن؟"

"اهو لفظ هڪ زخم آهي، رت سان پريل زخم، تو ڪهاڻيءَ ۾ زخم کي ڏيکاريو آهي، پر ڪپڙي سان ڍڪي....."

"تون ڪير آهين؟"

"اهو ئي ستن سالن جو ٻار، جنهن جو تو ڪهاڻيءَ ۾ ذڪر ڪيو آهي."

"راهُلَ!"

"نه، منهنجو نالو راهُلَ ناهي."

"اهڙا اداس ٻار ڪافي هوندا آهن. سوين، شايد هزارين....."

"هوندا."

"پر ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ هزارين نالا لکڻ گهربا هئا."

"پوءِ هڪ نالو ڪهڙو به ٿي سگهي ٿو، راهُلَ به ڪو ٻيو به....."

"گولا ڪبوتر جو ناهي؟"

"مون ڏانهن نهار!"

ٻ سنجي ويهه سال ڪن پوئتي نهار ڪئي. هو ڏيوڍيءَ جي فرش تي، ديوار سان لڳي هٿ ۾ ڪيترن رنگن جا چدا ڪنيو ٻيٺو آهي. بک وگهي وات سڪي ٽوٽ ٿي ويو اٿس..... ساجهر اسڪول وڃڻ تائين ماني تيار نه ٿي هئي. انڪري ماٿس سندس هٿ ۾ چار آنا ڏنا هئا ته هُو اسڪول ۾ نيرن جي موڪل مهل ڪجهه وٺي ڪائي. پر هن ڪجهه به نه ڪاڏو هو ٻ اسڪول جي دُڪان تان چئين آني جا چدا وٺي ٽيلهي ۾ رکي ڇڏيا هئا..... پر ان وقت ڪيس بک ياد نه هئي..... هُو بک ۾ سڪل وات هوندي به خوش هو.

"ڏٺئه!" تصوير واري ٻار جو آواز آيو.

سنجي اکيون چنيي تصوير ڏانهن نهاريو.

"تنهن جو نالو گولا ڪبوتر ڪنهن رکيو هو؟" پار پڇيو.....

شايد دائيءَ..... پر وري سڄو ڳوٺ ئي ان نالي سان سڏڻ ٺڪو هو."

"ها منهن جو وڏو پاءُ."

"هو تنهن جو وڏو پاءُ هو. پر ماڻيلو..... سندس نالو ڇا هو؟"

"پرشوتم."

"اڄ بہ هن جو نالو ٻڌائيندي تون ڊڄين ٿو؟"

"ڊپ؟"

"هن کي ڳوٺ وارا جابلو ڪانءُ چوندا هئا....."

"ها، چوندا هئا، پر اها تہ مذاق هئي، صرف ان لاءِ تہ هو ڪجهہ ٽلهو هو ڪارو بہ، ۽ ويڙهو بہ....."

ڳوناٽا اهڙيءَ نموني شڪل ۽ فطرت کي ڏسي نالو رکي ڇڏيندا هئا..... ماڻهو توهان ٻنهي کي انهن نالن سان ڪوٺيندا هئا پر توکي ياد آهي، تو ڪڏهن بہ هن کي انهيءَ نالي سان نہ سڏيو هو، نہ هن ئي توکي..... ها، مون هن کي جابلو ڪانءُ ڪڏهن بہ نہ چيو هو. نہ هن ئي مون کي ڪڏهن گولا ڪبوتر ئي ڪوٺيو.

"چو؟"

"خبر ناهي."

"توکي خبر آهي. تون هن کان ڊڄندو هئين. انڪري نہ چوندو هئين، ۽ هو صرف ان ڪري جو هو توکان نفرت ڪندو هو."

"شايد..... پر مان ڪيس هميشہ ادا پرُو چوندو هوس."

"۽ هو توکي؟"

"هو..... هو ڪجهہ بہ نہ."

"هو توکي هميشہ حرامي چوندو هو."

"ها..... پر هو تہ سيني کي گاريون ڏيندو هو. پٽيان هو پنهنجي پيءُ کي..... ڪراڙو ڪنجر چوندو هو."

"اصل ۾ هو پنهنجي پيءُ کان خفا هو، ڇو جو سندس ماءُ جي مرڻ کان پوءِ سندس پيءُ ٻي شادي ڪري ورتي هئي."

"هن جو پيءُ تنهن جو پيءُ بہ هو، پر جڏهن هُو هُن کي گار ڏيندو هو،

توکي مڙيان نہ وڻندي هئي؟"

"مون کي گاريون ڏاڍيون خراب لڳنديون آهن. پر شايد ڪاوڙ نہ ايندي هئي."

"چو؟"

"شايد انڪري جو....."

"هو صرف پنهنجي ئي پيءُ کي گاريون ڏيندو هو. ڪنهن ٻئي جي پيءُ کي نہ....."

"هان!"

"تنهنڪري تون پنهنجي ئي پيءُ کي صرف هن جو پيءُ سمجهندو هئين، پنهنجو پيءُ نہ....."

"هُو سچ پچ هن جو پيءُ وڌيڪ هو."

"پيءُ گهٽ يا وڌ ٻہ ٿيندو آهي؟"

"خبر ناهي، پر هو مون کي هُن جو ئي لڳندو هو."

"نہ. مون کي پڪي طرح ياد آهي منهن جو پيءُ منهنجي ماءُ کي ڪٽان ڪٽي يا خريد ڪري نہ آيو هو. شادي ڪري وٺي آيو هو. ۽ مان اهڙيءَ طرح گهر جو ٻار هوس، جيئن هو پهريون هو....."

"تنهن ڪري تو ان ڏينهن بکيو رهي شيشي جا چدا خريد ڪيا هن کي ڏيڻ لاءِ. پُرو ڪافي ڏينهن کان چدا وٺڻ لاءِ پئسا گهري رهيو هو، پر هن کي پئسا نہ ٿي مليا."

"تو اهي چدا ڏئي کيس خوش ڪرڻ ٻئي چاهيو....."

"ها"

"سو تون هن کي رشوت ڏيڻ چاهين پيو."

"رشوت؟ نہ. مان صرف اهو ٻئي چاهيو تہ هو مون کي پيار ڪري....."

"انڪري تون سندس پيار حاصل ڪرڻ لاءِ سڄو ڏينهن بک تي رهئين..... پوءِ هو خوش ٿيو هو."

اڄ ستاويهين سالن جي عمر ۾ ٻہ سنجي جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. ڳالهايو نہ ٿي ٿيس. هن ميز تي پيل رسالي جا ورق ورايا تہ اها تصوير لکائي ڇڏيائين، جنهن ۾ ستن سالن جو سنجي کهاڙيءَ جي ست ست مان نکري

آيو هو..... پر ستن سالن جي عمر جو اهو ٻار جهڙيءَ ريت کهائيءَ جي ستن مان نکري تصوير ۾ هليو ويو هو، تصوير مان نکري کمري ۾ هليو آيو...

سنجي بستري تي ويٺي چرکي پيو.....

"تون مون کي ڏسڻ نه ٿو گهرين؟ توکي منهن جي تصوير پسند نه آئي؟ ٻار بستري جي آڏو بيهي پڇيس."

"پر اخبار ۾ منهنجي تصوير ڇپي آهي، تنهنجي نه."

"انکري تون چاهين ٿو ته مان اتي بيٺو رهان، دروازي جي پويان، هٽ مان رنگين چدا هن کسي ورتا هٽا، جڏهن تو مٽ کولي هن کي ڏيکاري هئي. ۽ هن پيارکرڻ بدران مون کي زوردار چمات هنئين هئي."

"تون سوچي رهيو هئين، اڄ هو مون کي گولا ڪبوتر چوندو."

"پر هن چيو هو، حرامي! هي چدا ڪٿان ورتا اٿئي؟"

"۽ تون ديوار سان لڳي روئي رهيو هئين."

"مان ايجان تائين ان ديوار وٽ ئي بيٺو آهيان."

"پوء هتي منهنجي ڪمري ۾ ڪيئن اچي وئين؟"

"تنهنجي ڪهاڻي پڙهي..... منهنجو مطلب آهي پنهنجي کهائيءَ پڙهي. پر اها ته تنهنجي ڪهاڻي ناهي. اها هڪ ناجائز ٻار جي ڪهاڻي آهي. تو پنهنجو پاڻ کي ناجائز ڪيئن ڄاتو آهي؟"

"مان نه، تون ٿو سمجهين ايجان تائين."

"نه، مان نه ٿو سمجهان."

"توکي اهو ڏينهن ياد آهي جنهن ڏينهن تنهنجي ماءُ ڪنپيون پچايون هيون. تڏهن تون مشڪل سان پنجن سالن جو هوندين."

"مون کي اها ڀاڄي تمام گهٽو وٽندي هئي."

"پر ان ڏينهن ماني ڪائيندي تنهنجي پيءُ چا چيو هو؟"

"هن مون کي چيو هو ته جيڪڏهن تنهن جي ڏاڏي زندهه هجي ها ته اها پلجي به ماني نه کائي ها."

"پوء؟"

"مون پڇيو هو ڇو؟ ته هن ٻڌايو هو ته حرام جي پيداوار جيڪا به هوندي آهي، هندو ماٿهو بورچيخاني ۾ ڪٽي ئي نه ويندا آهن."

"پوءِ؟"

"مان ڪڏ ڪجُو هوس. مون چيو هو. مون کي ڏاڍيون لذيذ لڳيون آهن ۽ امان کي چيو هوم امان، تون هيءَ حرام جي سبزي روز پچائيندي ڪر."

"پوءِ؟"

"بابا ۽ ڪلڻ لڳو هو. پوءِ هن ماني کائيندي مون کان پڇيو هو. "ڪبوتر! توکي خبر آهي ته حرام چاهي؟" مون چيو هو. "نه."

انهيءَ تي هن ٻڌايو هو "ڪنهين جو ٻج ڪوبه نه پوکيندو آهي، هي پنهنجو پاڻ ئي ڦٽي پوندڙيون آهن، انڪري حرام جون سڏبيون آهن..... ٻج..... ته پيءُ هوندو آهي، هن جو ڪوبه پيءُ ناهي."

"تنهنڪري، توکي ان ڏينهن خبر پئي ته حرامي ٻار چا ٿيندو آهي؟"

"ها، ان ڏينهن، پر ماني کائڻ کان پوءِ، جڏهن بابا مون کي موڙي تان ڪٽي پنهنجي هنج ۾ ڪنيو هو ۽ پيار ڪندي هن امان کي چيو هو: هي پورو ڪنيءَ جهڙو ڇوڪرو تون ڪٽان ڪٽي آئي هئينءَ؟"

"پر تو ايان هائي چيو ته تنهنجو پيءُ صرف پنهنجي وڏي پٽ کي پيار ڪندو هو، توکي نه....."

"مون اهو نه چيو هو ته هو مون کي صرف پروءَ جو پيءُ لڳندو هو، پنهنجو نه."

"پر ڇو؟"

"ڇو جو مان پورو هوس ڪنيءَ جهڙو ۽ منهن جي ماءُ مون کي ڪنيءَ جيان ڪٽان ڪٽي آئي هئي."

پوءِ؟"

"مان ڪاوڙ مان پيءَ جي هنج مان اڇي ويو هوس ۽ ڏکي وڃي امان جي ڇنگهن سان چنبڙي پيو هوس."

"تون اڄ ۽ اهو ٿو سوچين ته اهو پيءُ تنهنجو پيءُ نه هو؟"

"نه پر تڏهن مان ننڍو هوس. مان ان مذاق کي سمجهيو ئي نه هو.

"پر تون چاڻين ٿو اهو پنجن سالن جو ڳولا ڪبوتر اڄ ۽ ماءُ جي ٽنگن سان چنبڙيو پيو آهي؟"

"اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ امان ته هاڻ زندهه ناهي."

"انهيءَ سان کهڙو فرق ٿو پوي، اهو ٻار ٻه ته هاڻ پنجن سالن جو ناهي."

سنجي رسالو وري هٿ ۾ کنيو. هن پيري سندس نظر ٻين صفحن تي پئي.

ڏٺائين ته اي. سي. مهرا جو هڪ مضمون آهي. جنهن ۾ گارين جهڙي زبان ۾ هن جي ناول تي سخت تنقيد کيل هئي.

سنجي اهو مضمون پڙهيو ۽ ايو ساهه کڻي رسالو پري رکي ڇڏيو. هو کيتري دير کمري جي خالي ديوارن کي ڏسندو رهيو، پوءِ لڳس، سڄ ڇ هو سڄي دنيا کان ڌنل، ماءُ جي ٽنگن سان چنبڙيو ٻيٺو آهي.... ۽ هڪ ٻکايل ٻار هٿ ۾ چدن جي رشوت کڻي، هڪ ديوار سان ٽيڪ ڏيو ٻيٺو آهي ۽ چدن جي بدلي هو کنهن کان ٿورو پيار گهري رهيو آهي.

سندس اکيون ٿي اندر ۾ پيهي ويون، وات مان نڪتس: "يار سنجي! توکي ٻه هي وطن، قوم، سماج پنهنجو نه ٿو لڳي، تون کنهن سان وڙهين نه ٿو، صرف چپ چاپ...."

۽ امان، سنجي جي اکين آڏو قلم بٽجي بيهي رهي. پانيائين، ڇڻ هو اڄ مهرا جي کوڙ جي آڏو کجهه نه چوندو. کڏهن کنهن ظلم جي آڏو نه ڳالهائيندو. هن کي هي پورو جهان اجنبي ٿو لڳي، هي ان سان نه وڙهندو. هو صرف ماڻ ميٽ ۽ اداس....

پانيائين، قلم جي جاءِ شايد امان والاري آهي ۽ هو ڏڃي ان جي پرسان ٻيٺو آهي.....

۽ وري محسوس ٿيس ته وقت ڇڻ ماٽيلي پاڻ پروءِ جهڙو آهي، جنهن کي خوش کرڻ جي لاءِ هو بکيو رهي ٻه ناولن ۽ کهاڻين جا چدا گڏ کري رهيو آهي ۽ هر "پرو" سندس هٿن مان چدا کسي ٿو وڃي ۽ هن کي چماٽ ٻه ٿو هڻي. محسوس ٿيس، هو وقت سان کڏهن ٻه نه وڙهندو، جڏهن کوئي "پرو" سندس کارروائي جو حق کسيندو. هو چپ رهندو. جڏهن کوئي مهرا هن جي مٿان الزام لڳائيندو هو ماڻ رهندو. جڏهن کوئي سماج هن کي گمنامي ۽ بدنامي ڏيندو، هو چپ رهندو. جڏهن کائي سرکار هن جو حق کسيندي، هو چپ رهندو.....

نظر کمري جي ديوارن ڏانهن کڃي ويس. ديوارن تي چهرا ئي چهرا هئا..... جيتر کتاب هئا اوترائي چهرا- واليک جو ٻه، کالي داس جو ٻه

۽ اوپر کان اولھ تائين پکڑيل بي شمار ڇهرا ڪتابن جي ورقن مان نڪري باهر سنجي جي ديوارن تي اچي ويا.....

۽ سنجي کي محسوس ٿيو، ته سندس ڇهرو به بي شمار ڇهرن ۾ ملي ويو آهي...

هن پاڻ کي هيڪلو محسوس نه ڪيو. نه ماڻ هو. سندس هٿ ۾ به اهو ئي هٿيار آهي جيڪو رامائڻ لکڻ مهل والميڪ جي هٿن ۾ هو.

هن اهو سمجهي ورتو حرفن جا هٿيار ڪنهن ٻئي جي نه پر پنهنجي ئي رت ۾ ٻڏل هوندا آهن.....

سنجي هڪ پيار پري نظر سڀني ڇهرن تي وڌي، پنهنجي ڇهري کي به ڏٺائين.

ڪيس محسوس ٿيو ته وقت هر ڇهري کي هر زماني ۾ ڪافر ڇيوآهي ۽ هر ڇهري رد عمل جي طور تي بلهي شاهه جيان "ها" ڪئي آهي. اها "ها" هڪ وڏي طاقت آهي. تمام وڏي بغاوت.....

ان ڏينهن جڏهن ڪريم بلهيٰ شاهه جو ڪلام ڳاتو هو. اها "ها" بلهي شاهه جي هئي.

هن صرف اُن کي ٻڌو هو. اڄ اها ها سندس چپن تي اچي وئي آهي. هن جي پنهنجي طاقت ٻڌجي، هن جي پنهنجي بغاوت ٻڌجي.....

چوڪيدار دروازو کڙڪايو نه پر ائين زور سان کڙڪايائين جڏ دروازو ڇڪندو هجي..... دروازو کولينديٰ ئي سنجي جي نرڙ ۾ گهنڊ ٻڌجي ويو.

چوڪيدار سهڪي رهيو هو، چيائين: "ساب! جلدي هيٺ ويجو..... هتي باغيچي ۾ هَوءَ مٿين منزل واري ڪري پئي آهي..... هتي باغيچي ۾ پسار ڪري رهي هئي، گهمندي گهمندي ڪري پئي....."

"ته بهادر! مٿي وڃي سندس گهروارن کي ٻڌائين ها....."

"مٿي تالو لڳو پيو آهي ساب! ڪوئي به ناهي اتي، سڄي فليٽ جا ساب ڪم تي هليا ويا آهن....."

هي صبح جو لڳ ڀڳ ساڍي ڏهين وڳي جو وقت هو. سنجي کي خيال آيو، هُو سڄ پڄ ڏينهن جي مهل، آچر کي ڇڏي، سڄي عمارت ۾ هيڪلو مدد لاءِ ئي رهجي ويندو هو ۽ اهڙيءَ مهل گهرايل چوڪيدار ٻئي ڪنهن کي ڪوئي سگهيو ٿي؟

پر تنهن هوندي بہ سنجي گهبرائجي چيو: "هن جي گهر ۾ ڪوبہ ناهي هن مهل؟"

پر گڏوگڏ ڏاڪا لهڻ لڳو.

چوڪيدار پويان پويان ڏاڪڻ لهندي چئي رهيو هو. "ساب! هوءَ اڪيلي تہ رهندي آهي، بس هن سان هڪ ناني رهندي آهي، جيڪا هر روز هن مهل ٻاهر هلي ويندي آهي، سبزي وٺڻ..... روز ڏسندوآهيان....."

سنجي تکڙا قدم ڪٽندي عمارت جي پويان پهچي سجي باغيچي ۾ نگاهہ ڊوڙائي پر ڪيس ڪٽي ہ، ڪوبہ ڪريل ڏسڻ ۾ نہ آيو. هن پويان ايندڙ چوڪيدار ڏانهن سوالیہ نگاهن سان ڏٺو.

"هو ساب..... هو....." چوڪيدار اڳتي وڌيو ۽ ڪيلن جي هڪ وڏي جهڳٽي ڏانهن وڌيو.

ڊگهن ڊگهن ڪيلن جي وٽن واري حصي ڏانهن سنجي اڳ ہ ڏٺو هو. هڪ جاءِ تي هڪ وڻ وٽ ڪجهہ ڏسڻ ۾ ہ آيو هوس، پر اڻين جيئن هڪ وڏو پن ڪريل هجي. سنجي وڏي بي هوش عورت جي نبض ڏٺي، چپن وٽ هٿ رکي هلکي هلکي ايندڙ ساهہ کي ڏٺو ۽ پوءِ چوڪيدار کي پاڻي آڻڻ لاءِ چيو.

چوڪيدار جي ڪوٺڙي باغيچي سان لڳل هئي، هو ڊوڙي هڪ لوٽو پاڻيءَ جو ڀري آيو. پاڻيءَ جا ڇنڊا پوڻ سان عورت جون ٻانهون چريون، سڄو هٿ پنهنجي منهن ڏانهن ورايائين. پنل چهري کي اگهياڻين..... ۽ چوڪيدار کي ڪتل نظرن سان ۽ سنجي کي ڏسندي وري پنهنجي آس پاس ڏسڻ لڳي، جڻ اوچتو هن جي سمجهہ ۾ نہ ايندو هجي تہ هُو ڪٽي آهي..... پر شايد چوڪيدار کي ڏسي هن جي سمجهہ واپس اچي وئي ۽ جنگهن تان گوڏ کي، جيڪا مٽي ٽي وئي هئي، هٿ سان ٺيڪ ڪندي اٽڻ لڳي پر ببهي نہ سگهي. پانيائين جڻ جسم بي ساهو هجي، هوءَ ڪيلي جي ٽڻ جو سهارو وٺي ويهي رهي.....

هن جو چهرو تمام نازڪ ۽ ڦڪو هو. جسم تي ڪچي سائي رنگ جي گوڏ هئس. سنجي کي تعجب ٿيو. هتي ڪابہ ڪرڻ جي جاءِ نہ هئي. پوءِ ڪيس ڇا ٿيو هو؟ پر ان کان وڌيڪ ڪيس پاڻ تي تعجب ٿيو تہ هن کي اتي پيل ڏسي بہ ڪيلي جي ٽڻ جو خيال ڪيئن آيو هو؟

شايد انڪري جو ڪيس هن جي گوڏ ڪيلي جي پٽن جهڙي ٿي لڳي ۽ هن جو چهرو ڪيلي جي ڦڪي ميوي جهڙو.....

عورت وري اٿڻ جي ڪوشش ڪئي. ۽ ڪجهه ڏڪندي ڪيلي جي ٽڙ جو سهارو وٺي بيهي رهي.....

"توهان شايد ڊڄي ويون هيون. مون کي لڳي ٿو. مون اوهان جي ڪيهه هڏي هئي." چوڪيدار چيو ته عورت مرڪي ڏنو ۽ چيائين:

"ها. لڳي ٿو ڊڄي وئي هئس- هاڻ ٺيڪ آهيان."

سنجي هٿ جو سهارو ڏيڻ چاهيس، پر عورت نه ورتو. هوريان هوريان هلي عمارت ڏانهن موٽڻ لڳي.

سنجي ايان تائين ڪجهه پڇيو نه هوس، هاڻ صرف ايترو پڇيائينس:

"ڈاڪڻ چڙهي سگهندين؟"

"ها." عورت جي آواز ۾ نرمي هئي. پر سندس اکين ۾ ان کان به وڌيڪ نرمي اچي وئي. شايد ڪنهن کي خواهه مخواهه زحمت ڏيڻ جي خيال کان ۽ هن ڪجهه حياءَ سان سنجي ڏانهن ڏٺو.

هيئينءَ منزل جي درين کان هڪ ٻي عورت ٻاهر ڏٺو. پر کاٻه ٻاهر نه آئي. هن ڈاڪڻ چڙهندي چوڪيدار کان پڇيو: "ناني ٻاهر وئي هئي. اچي وئي؟"

"ايان ڪٽي، مٽي ته تالو لڳو پيو آهي. تڏهن ته سنجي ساب ڪي سڏي آيو هوس" چوڪيدار چيو ته عورت چرڪي سنجي ڏانهن نهاريو.

"ڪنهن شيءِ جي ضرورت هجي.... ڊاڪٽر جي... .ياڪنهن به شيءِ جي....؟"

سنجي ڈاڪڻ چڙهندي هن کان پڇيو.

مائيءَ شايد اها ڳالهه نه ٻڌي، چيائين: "اوهان سنجي آهيو.....؟"

لفظن ۾ سوال هو، پر ائين جيئن ڪجهه پڇڻ لاءِ نه هجي..... صرف ياد مان نڪتل هڪ سڃاڻ هجي.....

پهرين منزل جي ڈاڪڻ پوري ٿي وئي، پر عورت مان ٻي منزل جي ڈاڪڻ چڙهڻ جي همت به ختم ٿي وئي هئي.

هوءَ ٻيءَ ڈاڪڻ جي سري تي بيهي سهڪڻ لڳي.

اتي ٿي ڈاڪڻ جي سري وٽ کاهي پاسي سنجي جي کوڙي هئي. سنجي

کي حيرانگي ته ٿي ته عورت نہ ڇاڻ ڪهڙيءَ سڃاڻ سا هن جو نالو ڏهرايو هو. پر هن کجهہ پڇيو کونہ صرف ايترو چيائين.

"جيڪڏهن ڏاکڻ چڑهڻ مشڪل آهي ته ٿوري دير منهنجي ڪمري ۾ ويهو." هن انڪار نہ ڪيو. انهيءَ ڪري سنجي جلدي اڳتي وڌي ڪمري جو اڌ ٻيڪڙيل دروازو کولي ڇڏيو. هُوءَ ڪمري وٽ آئي پر ٻاهر ڇائنڊ وٽ بيهي رهي، جڏ ڪمري ۾ ويهڻ لاءِ نہ صرف هڪ نظر ڪمري کي ڏسڻ لاءِ آئي هجي. چيائين: "پنهنجو کوئي ڪتاب ڏيندؤ، هڪ ڏينهن لاءِ، پنهنجو لکيل..."

سنجي حيران ٿي هن ڏانهن ڏٺو ۽ چيو: "منهنجو خيال هو، هن سڃي عمارت ۾ ڪوبہ نہ ٿو ڇاڻي ته مان کجهہ لکندو آهيان....."

سنجي رئنڪ تي پيل اهو رسالو کنيو جنهن ۾ هن جي نئين ڪهاڻي ڇپي هئي ۽ اهو ئي ڏيندي چيائين: "ڇا پڑهڻ واري ڪي صرف لکڻ واري جو نالو معلوم هجڻ گهرجي؟ لکڻ واري کي پڑهڻ واري جو نہ؟ اوهان جو نالو ڇا آهي؟"

"ميتا!" عورت چيو ۽ اوچتو هن جي چهري تي لالي ڦري وئي.

کيلي جي لڏندڙ پن جيان سنجي پنهنجي جسم ۾ هڪ لرزش محسوس ڪئي. پاڻ تي وري تعجب ٿيس ته ايجان هڪ پل پهرين، جڏهن عورت جي چهري تي لالي آئي هئي، ته مون کي وري کيلي جي ان گل جو احساس ڪيئن ٿيو جيڪو صرف ڦڪو نہ هوندو آهي ان ۾ سنهڑيون ڳاڙهيون ليڪون بہ هونديون آهن.

"مان روز ممتوءَ کي چوندي هئس، هن جمعدار چوڪري کي ته مون کي اوهان وٽان ڪو اوهان جو ڪتاب وٺي آڻي ڏئي."

ميتا چيو ته سنجي کي کل اچي وئي. پڇيائينس: "اها منهنجي لکڻ ٻکڻ جي ڳالهہ ان ٻڌائي هئو؟"

"ها، پهرين ئي ڏينهن ، جڏهن گذريل آچر تي هو هيٺان منهنجون شيون ڪٽي مٽي آيو ٿي، کجهہ ڪتاب بہ هٿا، ۽ انڪري ڪتابن کي ڏسي ئي چيو هئائين ته هتي ٻيءَ ماڑيءَ تي اهو صاحب رهندو آهي، جيڪو ڪتاب لکندو آهي. ان کان ئي مون اوهان جو نالو ٻڌو هو."

"هو منهن جو بايو گرافر آهي." سنجي اهڙي سنجيدگيءَ سان چيو جڏ ڪائي وڌي رازداريءَ واري ڳالهہ چئي هئائين. ميتا کلي ڏنو.

سنجي ان وقت تائين هن کان اهو نہ پڇيو هو تہ هيٺ باغيچي ۾ هن کي اوچتو کوئي ڏک لڳو هو يا چا ٿيو هوس. پر هاڻ هن کي کلندو ڏسي پنهنجائپ جو احساس ٿيس..... کجهہ پريشاني ظاهر کندي پڇيائين:

"ميتا هيٺ باغيچي ۾ چا ٿيو هوء؟"

ميتا هوريان کمري ۾ اچي بستري جي ڪنڊ تي ويهي رهي. کجهہ دير ماٺ رهي، پوء چيائين: "ٻئي کنهن کي شايد نہ ٻڌائي سگهان. کوبہ تہ سمجهندو، اوهان پريان کيلن طرف جتي بوگن ويليا آهي، اتي هڪ شيء ڏٺي هئي؟"

"نہ. چا هو؟"

ميتا کجهہ چوڻ ٿي چاهيو، پر شرمائجي ماٺ ٿي وئي.....

"منهنجي ڌيان ۾ ناهي تہ مون کجهہ ڏٺو هو، چا هُو اتي؟"

ميتا جو چهرو عجيب ٿي ويو. هن هڪ ٽڏو ساهہ کنيو پوء پاڻ تي ٿي کلندي چوڻ لڳي: "اتي کنهن هڪ ڪٽا مار رکيو هو..... مون کي پاڻ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ايترو زور سان مون کان چو کيهہ نڪري وئي..... صرف ايترو ياد آهي، تہ پانيو هوم کنهن گلن کي کوٽن جيان جهلڻ لاء اهو پچرو رکيو آهي...."

سنجي هن جي چهري ڏانهن ڏسندو رهجي ويو.....

"آهي نہ منهن جو پاڪليٽو....."

سنجي کان ڳالهايو نہ پڳو.

ڏاڪڻ تان کنهن جي لنگهڻ جو آواز آيو. ميتا باهر ڏٺو پوء آواز ڏنائين: "نانيءِ!."

نانيءِ مٿين ڏاڪي تي رکيل پير ورائي هيٺ رکندي آواز ڏانهن کمري طرف مڙي ۽ چوڻ لڳي: "تون ٺيڪ آهين؟ هيٺ بهادر مون کي ٻڌايو تہ تون...."

"هاڻ ٺيڪ آهيان." ميتا چيو ۽ بستري تان اٿي ڪڙي ٿي.....

نيٺ سنجي جي خاموشي پنهنجي آواز سان ملي وئي. سندس وات مان نڪتو: "يار خليل جبران! تو هڪ ڏينهن چيو هو تہ مان پنهنجي روح جي پکل ميوي سان ايترو ڳورو ٿي ويو آهيان جو دل ٿي چوي تہ ڪوئي اچي،

هي ميوو پٽي ۽ مون کي ان ٻوجھ کان هلکو ڪري. "ڏس! مان ٻ اڄ تو جيان روح جي پکل ميوي کي ڪنيو ائين ٻيئو آهيان جو من ٿو چاهي ته ڪوئي اچي....." ۽ سنجي محسوس ڪيوتہ اڄ ڪوئي ڪريم ئي اچي سگھي ٿو.

هن عمارت ۾ صرف هڪ ئي گھر هو، هيٺين ماڙي ۽ تي، مسٽر چوپڑا جو، جنهن وٽ ٽيليفون هو. سنجي جي دل چاهيو، اڄ هو ڪريم واري پريس ۾ فون ڪري ڪريم کي گھرائي وٺي.

انهن ڏينهن ۾ پروفن جو ڪم نہ هو، هُو ڪافي ڏينهن کان پريس نہ ويو هو. اڄ ٻ ويڻ تي دل نہ ٿي ٿيس.

ٽيليفون واري گھر جي فون هن صرف هڪ ڀيرو استعمال ڪئي هئي. سا ٻ گھر ڏٺي ۽ جي موجودگي ۽ ۾. اڄ سنڊس عدم موجودگي ۽ ۾ دروازو کڙڪائي، گھر جي ڪنهن عورت کان اجازت وٺڻ هن کي ڏکيو لڳو. ۾ روح جي پکل ميوي جو وزن شايد ڪيس ڳورو لڳي رهيو هو. هن هيٺ ويجي نوڙندي دروازو کڙڪايو.

سنجي جڏهن ڪريم کي شام جو چهين وڳي اچڻ لاء چيو: تہ ڪريم چيو:

"ڇھ وڳا ڪنهن ڏٺا آهن، هاڻ ئي ٿو اچان....."

سنجي کيسي ۾ هٿ وڌو، کليل پنجاھ پٽسانہ هٿس. انکري هن پورو رپيو فون وٽ رکي ڇڏيو.

ڪريم جي هاڻ اچڻ واري ڳالھ جي ڪري هڪ رپيو ٻ ٿورو ٿي لڳس، ان ڪري ڪمري مان ٻاهر ايندي هُن ويل گھر ڏياڻي ۽ جو سڻن لفظن ۾ شڪريو ادا ڪيو.

"هڪ منٽ." مسز چوپڑا هن کي بيهاريو.

سنجي ڪمري کان ٻاهر رکيل پير وري ڪمري ڏانهن ورايو.

"هڪ منٽ لاء اندر اچو. مون کي اوهان سان هڪ ڳالھ ڪرڻي هئي، سوچيندي هٿس تہ شام جو چوپڑا صاحب کي چوندس، هُو اوهان کي چوندو، پر هاڻ اوهان اچي ئي ويا آهيو....."

سنجي ماٽ ميٽ ۾ ڪمري ۾ اچي هڪ ڪرسي ۽ جي ۾رسان بيهي رهيو.

"ويهو." مسز چوپڑا چيو ۽ پاڻ ٻي ڪرسي ۽ تي ويهي چوڻ لڳي: "اوهان

متين ماڙيءَ واريءَ مسز پوريءَ کي سڃاڻندا آهيون؟"

"مسز پوري؟ نہ. مان نہ سڃاڻان."

"هوءَ، جيڪا سويل باغيچي ۾ ڪري پئي هئي."

"هُوءَ؟"

"مون اوهان کي ٻڌائڻ پئي گهريو تہ ڪيس نہ ڇاڻ ڪهڙي بيماري آهي، پر جيڪا بہ اٿس، سڀ نہ اٿس. انڪري سندس مڙد ڪيس پنهنجي گهر ۾ نہ رکيس، هتي الگ ڪمرو مسواڙ تي ونڊي ڏنو اٿس، نہ تہ سندس گهر تہ ڪافي وڏو آهي، ماڻهو لڪا پتي آهي. مشهور آهي، لوهہ وارو "پوري."

"مان نہ سڃاڻانس."

"وڏي عمر جو آهي. ڏاڍي شوق مان ان نوجوان ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي هٿائين، هاڻ ائين ٿي تہ نہ هتي مسواڙ جي ڪمري ۾ رهايو اٿائينس. نہ ڪوئي نوڪر نہ ڇاڪر هن جي نانيٽي ٻوٽ مان آئي آهي، هن سان رهڻ لاءِ. ايجان اٽ ڏهہ ڏينهن تہ ٿيا آهن هن کي آئي، هڪ پيرو ڊاڪٽر بہ اچي چڪو آهي..... مان صرف اوهانکي خبردار ڪرڻ پئي گهريو، بيماريءَ طرفان..."

سنجي کي اڳندي مسز چوپڙا جو هڪ رسمي شڪريو ادا ڪرڻو هو، پر چپن کان اها رسم ادا نہ ٿي سگهي. هن صرف ڪنڌ لوڏيو. ڇڻ ٻڌڻ جي تصديق ڪري ڇڏ ياڻين ۽ پنهنجي ڪمري ڏانهن موٽي ويو.

ڪمري ۾ اچي ڪيس محسوس ٿيو تہ فون ڪرڻ کان اڳ ڪريہ جي ضرورت ڪنهن ٻئي نموني ۾ هئي ۽ هاڻ فون ڪرڻ کان پوء ٻئي نموني جي آهي.

پانيائين روح جو پکنل ميوو پنهنجو پاڻ ٽپڪڻ لڳو آهي. ڦڙي ڦڙي، ۽ هاڻ روح ۾ ڪجهہ خال اچي ويو آهي.....

ٿوري دير ۾ ڪريہ اچي ويو، پر هن جي ڪِل ڇڻ هن کان بہ اڳ ڏاڪڻ چڙهي آئي هئي. هُو دروازي وٽ اچي ڪليل دروازي سان لڳي بيهي رهيو. ڪريہ چائنٽ تي پير رکندي چيو: "يا الله! سنجي جي ڇهري تي ڳوڙها....." سنجي ڇهري تي هٿ ڦيريو تہ هٿ آلو ٿي ويو. جهڙو ڪيس پتو ئي نہ هو تہ ڪيس ڪهڙيءَ ويل روئڻ آيو هو، پر هن مرڪندي ڪريہ ڏانهن ڏٺو.

"اڄ تنهن جي ڪم جو نقصان ڪرائي ڇڏيہ، ڪريہ ميان!"

"ڪيئن، مان تہ روزانو اڏ ڏينهن ڪم ڪندو آهيان، اٽ ڏينهن ٿي ويا آهن."

"چو؟"

"ڪيترن ئي ڏينهن کان هي گوڏا ڏکي رهيا آهن..... مان ٽاريندو وهيس....."

"تو ڪڏهن ٻڌايو ئي نہ."

"ٻڌايان ڇا ها. سوچيم زال هڪ هجي ها تہ هڪ گوڏو ڇڄي ها. پر هو ہ آهن، تنهن ڪري ٻئي گوڏا ڇڄا هٹا."

سنجي ڪلڻ لڳو. "ڪريم ميان! چو هن ويچارين کي هر وقت ڳالهائيندو ٿو رهين. ٻنهي گوڏن کي ٽڪور ہ تہ اهي ٿي ٻئي ڪندیون هوندءِ."

ڪريم ہ ڪلي ڏنو. چيائين: "هڪ ڳالهہ تہ چگي ٿي. مون کي ہ گوڏن جي سور جي ڪري هڪ ڏور هٹ اچي وئي آهي."

"ڪهڙي؟"

"هڪ ڏينهن سور وڌيڪ هو. مون کي ڪنهن اسپتال جو ڏس ڏنو ءِ اتي مون کي هر روز بجليءِ جي سيڪائي ڪرائٹي پوندي آهي. تڏهن تہ ائن ڏينهن کان اڌ ڏينهن جي موڪل ڪري ويندو آهيان. بس سائين، اتان ئي ڏور هٹ چڙهي وئي." ءِ وري ڪريم ڪلندي ڪلندي چوڻ لڳو: "اتي جنهن مشين سان تار ملائي سيڪ ڏيندا آهن، ان ہ گهنٹي وڄندي آهي، ان جو مطلب هوندو آهي تہ هاڻ سيڪائي بند ڪريو."

"ها، فزيوٿراپي ائين ئي ٿيندي آهي."

"پهرين ڏينهن جو گهر ويندو هوس، پهچندي ئي ٻنهي جي ويڑهہ تيار هوندي هئي. پوءِ نہ ڇاڻ ڪيتري دير وڙهندیون ءِ ڪڏهن چپ ڪندیون آهن. مون ہ هڪ ڏينهن گهنٹيءِ واري گهڑي آڻي گهنٹي لڳائي ڇڏي، ءِ ماڻ ڪري ڪٹ تي ليٹي پيس.هن ٻنهي پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏنو. پوءِ سائين ويهن منٹن کان پوءِ جڏهن گهنٹي وڄي تہ مون چيو ان جو مطلب آهي تہ هاڻ ٻئي ماڻ ٿي ويجو."

"تہ هاڻ صرف ويهہ منٹ لڙائي ٿي آهي؟"

"بس ائين ئي ڇاٽو تہ اڇكلهہ اسپتال ہ ويهہ منٹ گوڏن جي ٽڪور ٿيندي آهي ءِ گهر ہ ويهہ منٹ ڪن جي ٽڪور ٿيندي آهي."

سنجي جي چپن تي درد جي هڪ ليڪ نڪري آئي. چيائين:" يار ٻڌاءِ!

جيڪڏهن اڄ تو وٽ تنهنجي هوءَ هجي ها....."

"اوهان ممتاز جي لاءِ ٿا چئو؟"

"تو نالو تہ ڪڏهن ٻڌايو ئي ناهي. صرف شيءَ سڏي هجڻ جي ڳالهہ ٻڌائي هئءِ."

"اها ئي....."

"پلا تصور تہ ڪر، تون جڏهن گهر ويندو آهين تہ اتي هُوءَ ملئي ها، پوءِ تہ سائين هن جو آواز الله جي آواز جيان ڪنن ۾ اچئي ها....."

"ڪريم ميان! اهو جيڪو فرق آهي، تو ۽ مون جهڙن ماڻهن جو، سڄو ڏڪ ان جي ڪري ئي آهي."

ڪريم ڪجهہ گهڙين لاءِ ماڻ ٿي ويو. صرف سنجي جي چهري ڏانهن ڏسندو رهيو. پوءِ چوڻ لڳو: "مون تہ اهو فرق پنهنجي سيني جي اندر محسوس ڪيو آهي، پر اوهان کي ان جو درد ڪيئن معلوم ٿيو؟"

"سوچيو هوم. جاڻن ۾ ورهيہ لڳي ويندا، پر خبر پئي تہ هڪ ئي ڏينهن جي ٿورين گهڙين ۾ ڪيترن زمانن جو فاصلو ڪيئن طئ ڪري ورتو اٿم."

هُو ڪٽي بيهڻ پيو گهري ۽بيهي غور سان سڄي رستي جو جائزو وٺڻ پيو گهري، پر هن جا پنهنجا ئي پير پنهنجي وس ۾ نہ ٿي آيا. انڪري هن ٿوري دير لاءِ ڪريم جي ڪلهي تي هٿ رکڻ لاءِ ڪيس گهرايو هو.

"ڪاڏي جو وقت ٿي ويو آهي، ڪريم ميان! جيڪڏهن توکي وڃڻ لاءِ تڪڙ نہ هجي تہ ماني گهرايان." سنجي کي اوچتو وقت جو خيال اچي ويو.

"هن دؤر تہ ماني ٻہ ڪسي ورتي آهي. هڪ ئي ويلو کائيندو آهيان. اهو ٻہ اوهاريل ساڳ پاڄيءَ سان.....لوڻ بنا. پر اوهان کائو. مون کي چانهہ جو هڪ گلاس گهرائي ڏيو."

سنجي استوو تي چانهہ رکي. "منهنجي دل ٻہ چانهہ پيئڻ تي ٿي پئي."

چانهہ پيئندي ڪريم چيو: "اوهان جي ڪهاڻي ڇپيل ڏٺي هئم."

"پڙهيءَ نہ؟"

"ڪافرن جي زبان جو تہ هڪ ٻہ حرف سڃاڻپ ۾ نہ ٿو اچي پڙهان ڪيئن ها؟"

ڪريم ڪلندي چيو: "پر ڏسو سائين، اسانَ جنهن کي ڪافرن جي زبان

چوندا آهيون، اها ڪڏهن اسان جي پڙ ڏاڏن جي زبان هئي."

"ڏس! اهو به هڪ پيرو آهي....."

"چا سائين؟"

"هڪ ڪافر هڻ جو پيرو، هڪ مومن هڻ جو پيرو. پلا هڪ ماڻهوءَ کي هڪ مان ڪيڏي ٻئي پيري ۽ وجهي ڇڏبو ته چا ثواب ملي ويندو؟"

"اوهان اها ئي ڪهاڻي لکو نه.....؟"

"نه يار! اڄ ته لڳي ٿو، اسان، من جون ڳالهيون به فضول ئي ڪهاڻين جي پيرن ۽ آڻيندا آهيون."

"اڄ اوهان ڏاڍا اداس پيا لڳو؟"

سنجي ڪلي ڏنو.

"ايشور، انسان کي وٺڻ لاءِ اداسيءَ جو به هڪ پيرو ٺاهيو آهي....."

"ته سائين اها اوهان کي اڄ خبر پئي آهي..... هاڻ اوهان چيو هو نه، ان درد جي خبر پئي ته هڪ ئي ڏينهن ۾ پڄي وئي."

"ڪريم ڏس! تو ڪولمبس جو نالو ٻڌوآهي؟ ان ماڻهوءَ زمين جو خطو ڳوليو هو جنهن کي اڄ آمريڪا چوندا آهن."

"اڇا، هڪ ئي ماڻهوءَ ڳوليو هو؟"

"ها، هڪ ئي ماڻهوءَ. ڳولڻ ڪجهه ويو هو، ملي ڪجهه ويس ۽..... نئين زمين جڏهن لڌي ته هڪ ئي ڏينهن ۾ لپي وئي."

"۽ اوهان کي؟"

سنجي هڪ سگريٽ ڪڍيو ۽ چيو: "مون کي به هڪ ڏرتي ملي وئي آهي. شايد اداسيءَ جي..... زمين به ته پيرو هوندي آهي....."

"سمجهي ويس."

سنجي ڪلڻ لڳو ته ڪريم چيس: "ته اوهان هي رنگ به ڏسي ورتو. پيري ۾ ڦاسڻ جو..... پر سائين..... ٻئي پيري مان ماڻهو نڪري به اچي..... هي ته دل جو پيرو ٿيندو آهي....."

"نه ڪريم ميان! هڪ اهو پيرو نه هوندو آهي. باقي سڀ پيرا هوندا آهن."

"نه سائين- عشق تَ سڀ کان وڏو پيرو هوندو آهي، ماڻهوءَ جي سڄي حياتي پيري ۾ پڄي ويندي آهي....."

"توکان وسري ويوڪريم ميان! هاڻ هاڻ تو ڇا چيو هو تہ گهر پهچڻ تي جيڪڏهن توکي ممتاز جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ها تہ ان جو آواز الله جي آواز جيان ڪنن تي پوي ها، جيڪڏهن تنهنجو نڪاح ممتاز سان ٿيل هجي ها تہ اها تنهنجو پيرو هجي ها يا تنهن جي لاءِ ٻانگ هجي ها....."

"هُوءَ..... هُوءَ سائين، هڪ ڏينهن هن مون کي چيو هو تون منهنجو قرآن شريف آهين..... ۽ سائين، هن منهنجي بدن تي ائين هٿ رکيو جيئن ڪوئي قران شريف تي رکندو آهي ۽ چيائين: قرآن تي هٿ رکي ٿي چوان تہ روح هميشہ تنهن جو رهندو."

ممتاز جي ڳالهہ ڪرڻ مهل ڪريم تي وجد طاري ٿي ويو تہ سنجي هن جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو: "هاڻ ٻڌاءِ محبت پيرو هوندي آهي يا اڈام..... هن تہ توکي هڪ منٽ ۾ ماڻهوءَ جي زندگيءَ مان ڪڍي..... قران شريف ٻٽائي ڇڏيو."

"اهو تہ سائين سچ ۾ ڪئي ڪرامتون هوندیون آهن....."

"تہ ميان تنهنجو عشق پيرو نہ هو. پيرو تہ ماڻهوءَ جو شيما سني هجڻ هو. جيئن برهمڻ يا ڪتري هجڻ هڪ پيرو هوندو آهي، يا امير يا غريب ٿيڻ آهي... يا..."

"اوهان ڇا ٿي چوڻ چاهيو؟"

سنجي جواب ڏيڻ بدران هڪ سگريٽ ڪڍايو ۽ ان جي دونهين ۾ پنهنجو پاڻ کي لڪائيندي چيائين: "قانون ۾ هڪ پيرو هوندو آهي."

"اهو تہ هوندو آهي." ڪريم صرف ايترو چئي ماٺ ٿي ويو.

پر سنجي جي روح جو پڪل ميوو ٽپو ٽپو ٿي ڳڙندو سندس چپن تي اچي ويو. "ڪريم ميان! رسمون ۾ ڪٿا مار هوندیون آهن. روحن کي ڦاسائڻ لاءِ....." ڪريم جي سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ سنجي ڪهڙي رسم ۾ ڦاسڻ کان ڊڄندي اها ڳالهہ ڪري رهيوآهي يا ڪنهن کي ڦاٽل ڏسي چئي رهيوآهي، انڪري هو ماٺ رهيو.

سنجي جي چهري تي هڪ اداسي نرڙ تي رڳ جيان ڏيکاري ڏيڻ لڳي، تہ ڪريم ڳالهہ پاڻ ڏانهن ڦيرائي. چيائين: "اوهان کي هڪ ٻي ڪراماتي ڳالهہ ٻڌايان، ممتاز جڏهن مون کي قرآن شريف چيو تہ مون ۾ ڪلي چيو مانس، چگو اسان جي گهر ۾ جيڪي ۾ چوڪريون ٽيندیون، انهن جو نالو اسان

آيتون رکنداسون. اڄ منهنجي گهر ۾ ڏيئر آهن، هر پيري سوچيو اٿم ته چوکريءَ جو نالو آيت رکان، پر رکي نه سگهيس....."

سنجي کلي ڏنو. "ڏسي وٺ کريم ميان! عشق جو سوچيل نالو به کنهن چهري جي قيد ۾ نه ٿو ڦاسي."

کريم به کلي ڏنو. "ها سائين! ڏيئر ته هي به پنهنجون ئي آهن. پر منهنجي قرآن جي آيتن کي ته ممتاز ئي جنم ڏئي ٿي سگهي."

اڄ به ساجهر اهو ئي وقت هو. کالهه وارو جڏهن چوکيدار زور سان دروازو کڙکايو هو، ۽ سنجي جي نراڙ تي غصو نمايان ٿي پيو هو. پر هڪ راز جيڪو سنجي کي کالهه معلوم نه هئو، اڄ معلوم ٿي ويو. کالهه چوکيدار جي ويس ۾ قسمت دروازو کڙکايو هو ۽ هن جي نراڙ تي غصي جي نه پر قسمت جي ليک ايري آئي هئي.

اڄ سويل ئي هيٺ پويان ٿي آيو هو پر ميتا کٽي به نه هئي. صرف اهو ڪوٺا مار ايان تائين اتي پيل هو، جنهن کي کالهه هن ڏٺو هو ۽ اڄ ان کي ڏسي کيس به وحشت محسوس ٿي، جنهنجو احساس کالهه صرف ميتا کي ٿيو هو ۽ هن چوکيدار کي سڏي اهو پيرو اتان کٽائي ڇڏيو هو.

اوچتو ڇت جي طرفان هڪ آواز اچڻ لڳو جڏ مٽيءَ ماڙ تي ڪوئي هوريان هوريان گهمندو هجي.

ڪمري جي هڪ ڇيڙي کان ٻئي ڇيڙي تائين. وري هُن پرئين ڇيڙي کان هن ڇيڙي تائين.

سنجي کي خيال آيو. مٽين ماڙ تي به شايد هيٺين ماڙ جيان چار حصا هوندا. نه ڄاڻ ڪير ڪهڙي حصي ۾ رهندو آهي..... يا شايد اتي هڪ به ئي ٽهيل هجن. باقي جڳهه خالي آهي.

سنجي کڏهن مٽي ويچي نه ڏنو هو. پر محسوس ڪيائين، مٽي، هن ڇت جي مٽان، هن وقت هوءَ ئي آهي.

پيرن جو هلڪو هلڪو آواز، هڪ چال ۾ ٻڌل مال جيان سنجي جي ڪنن مان گذري هڪ ئي ليک جيان هن جي پٺيءَ ۾ پکڙجي ويو. جڏهن هن هڪ ڪوئي جيان گلن کي جهلڻ وارو دنيا جو پيانڪ راز ڄاڻي ورتو هو.

سنجي کي پنهنجو ساهه به پنهنجي ڪنن ۾ ٻڌڻ ۾ پئي آيو.

پيرن جا آواز ايان جاري هئا. پورن چوڏهن فوٽن جي مفاصلي ۾ پکڙيل ۽ سنجي کي محسوس ٿيو، شايد پندرهين فوٽ جي لاءِ پيرن وٽ کابه ڏرتي کانهي. نه انهن پيرن وٽ جيڪي مٽين ماڙ تي آهن ۽ نه هن جي پيرن وٽ..... پندرهون فوٽ؟

سنجي تصور کرڻ گهريو، پر پندرهون فوٽ تصور کان ٻه پري ٿي ويو.

پانيائين، هو اڄ ڏينهن تائين جو کجهه لکندو آيو آهي، ڏرتيءَ تي پندرهون فوٽ حاصل کرڻ لاءِ لکندو رهيو آهي.

نه..... سنجي کي لڳو، دنيا ۾ اڄ تائين جيترا ٻه کتاب لکيا ويا آهن، اهي ڏرتيءَ جي پندرهين فوٽ کي حاصل کرڻ لاءِ لکيا ويا آهن.

سنجي جا پير پاڻ مرادو دروازي ڏانهن هليا ويا. محسوس کيائين، چوڏهن فوٽن ۾ هلندڙ پيرن کي اڄ کنهن ٻين چوڏهن فوٽن ۾ هلڻ وارن پيرن ڏانهن ضرور وڃڻ گهرجي. هن اڳتي وڌي نانيءَ جي هٿن مان ٻڌي ٽوکريون ورتيون ۽ چيائين: "مان پهچائي ٿو اچان."

هوا ۾ کجهه حرف پکڙجي ويا. شايد نانيءَ کا دعا ڏني هئي، ۽ سنجي جي کنن ۾ صرف انهن پيرن جو کڙکو هو، جيڪي مٽين ماڙيءَ تي چوڏهن فوٽن جي گهيري ۾ هلي رهيا هئا.

مٽئين کمري جو دروازو کليل هو، سنجي هٿن ۾ جهليل چپيون دروازي جي اندران پيل ميز تي رکيون ته ڏنائين ته ميتا جا پير جتي هئا اتي ٽي ڇمي ويا. شايد ميتا جي پيرن هيٺان صرف پيرن جيتري ٽي زمين بچي هئي.

"اوهه-!" ميتا جو آواز ٻه چپن وٽ اچي بيهي رهيو. هوريان هوريان ڏاکا چڙهندي نانيءَ آئي ته کمري جو بيٽل ساهه معمول تي اچي ويو.

کمري ۾ ٻه بسترا هئا. شايد اهي ڏينهن جو ويهڻ جي لاءِ ۽ رات جو سمهڻ لاءِ هئا. نانيءَ سنجي جي ويهڻ لاءِ پنهنجي بستري تي نئين چادر وڇائي ۽ چيائين: "ٻه منٽ ويهه پٽ! چانهه پي پوءِ وڃج."

کمري ۾ هڪ بند کٻٽ هو. شايد کپڑن جو، ٻه کليل جارا هئا. جن مان هڪ کتابن سان ڀريل هو، ٻيو دوائن سان. سنجي انهن ٻنهي کٻٽن ڏانهن نهاري کلي ڏنو. "ايترين دوائن جي ضرورت پئجي ويئءِ؟ مان کتابن کي دوائن جيان پيئندو آهيان."

سنجي جي اڇڻ کري جيڪا اوچتو حيرانگي ۽ خوشي ميتا جي چهري تي آئي هئي، ايان تائين انهن جذبن تي غالب اچي وئي هئي. پنهنجي بستري تي ويهندي هن چيو: "نہ، ڪتابن جا جزا جڏهن منهن جي اندر گهٽا ٿي ويندا آهن، تڏهن دوائون پيٽيون پونديون آهن."

"دنيا جي قلمڪارن تي ايڏو وڏو الزام؟"

جواب ۾ ميتا ڪالهوڪو سنجي جي ڪهاڻيءَ وارو رسالو واپس ڪندي چيو: "ها، هن ڪهاڻيءَ جي ڪهاڻيڪار تي به، چو ته ان کي پڙهڻ ڪانپوءِ شام جو زوردار بخار ٿي پيو هو..... انڪري اڄ سويل....."

ميتا ٿورو ڇرڪي سنجي ڏانهن ڏٺو. چيائين: "انڪري سوير مان هيٺ نہ ويس. جو جيڪڏهن اڄ بيهوش ٿي ويس ته روز روز سنيالڻ لاءِ ڪوبہ نہ ايندو."

سنجي ڪلي ڏنو: "به چار ڏينهن ته بيهوش ٿي ڏسين ها."

ميتا جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. محسوس ٿيس ته سنجي جو چهرو ان پاڻيءَ ۾ تري رهيو آهي. انڪري پري دريءَ ڏانهن نهارڻ لڳي.

"سجو ڏينهن هتي هڪ ئي ڪمري ۾....."

ميتا جلدي وراٽيو: "سجو ڏينهن مشغول رهندي آهيان، ڪڏهن هن ڪم ۾ ڪڏهن هُن ڪم ۾....."

"ڪم؟" سنجي چٽني پاسن ڏي نظر ڦيرائي، ڪنهن به ڪم جو ڪو نشان نہ هو. ميتا ڪلي ڏنو. "اول ڪوئي ڪتاب پڙهندي آهيان، ۽ جيوڙا گڏ ڪندي آهيان، وري انهن کي مارڻ لاءِ دوا پيئندي آهيان. جڏهن اهي مري ويندا آهن ته نوان حاصل ڪرڻ لاءِ وري ڪوئي ڪتاب پڙهندي آهيان."

ميتا پنهنجي اکين جي پاڻيءَ کان ڊني نہ هئي، پر سنجي جي اکين جي پاڻيءَ کان ڊجي وئي. انڪري هن کي اکين جي پاڻيءَ کان بچائڻ لاءِ چيائين: "دنياداريءَ ۾، ڏاڍي سياڻي عورت آهيان..... عمر وڏي ناهي، پر ننڍيءَ وهيءَ ۾ ئي تمام وڏو ڏنگ سکي ورتو هوم..... جلد ئي هڪ امير ماڻهوءَ سان شادي ڪري ڇڏيم، جيئن هو منهن جي دوائن جي رقم ادا ڪندو رهي، مان آرام سان ويٺي رهان..... ۽ هو مون کي ڪاڏو، ڪپڙا، ميوو، دوائون سڀ ڪجهہ ڏيندو رهي."

نانيءَ به اها ڳالهہ ٻڌي. هوءَ ٽپائيءَ تي چانهہ رکندي چانهہ جيان ٿهڪي

وئي. "هن جون ڳالهيون ڏس..... نئين ڦندڙ گونج جهڙي پرٿي هئي. هن پوڪ، پوڙهي جهور سان..... من ته هن جو ماريو ويو..... هُن جو ڇا ويو؟ چار ڏينهن بخار ٿيس ته مڪ جيان هڪلي گهر مان باهر ڪڍيائينس..... دوائن جا پئسا ٿو پري ته وڏو احسان ٿو ڪري....."

نانيءَ جو ڪجهه چيو. سنجي اهو سڀ ڪجهه ٻڌي ورتو هو. پر جڏهن ان ڳالهه کي جيئن ميتا چيو هو، سنجي کان برداشت نه ٿيو. هن چيو: "اها ڳالهه تو ڪالهه به ٻڌائي هئي."

"ڪالهه صبح؟"

"جڏهن ٻڌايو هوءَ ڪنهن گلن کي ڪوئن جيان جهلڻ لاءِ پيرو ڏاهي رکيو آهي."

ميتا انهيءَ احساس جي شديد درد کان اکيون ٻوٽيون..... هوريان هن جي واتان نڪتو؟ "اوهان سمجهي ويا هئا؟"

اڄ سنجي جي وات تي ميتا جي لاءِ "تون" ڇا لاءِ آيو هو، سنجي کي به خبر نه پئي. ميتا کي به کڙڪ نه پئي.

○

"قسمت جا ياڳ! اڄ تہ دروازو بہ کڙکائڻو نہ پيو."

دروازي جي طرفان اهو آواز آيو. سنجي مينڪا ڏانهن نهاريو.

هو بستري تي آهلي ڪتاب پڙهي رهيو هو. ڪتاب کي پاسي تي رکندي هو بستري تان اٿيو. وات مان نڪتس: "اوهہ مسز چوڌري!"

مينڪا کي محسوس ٿيو جڻ هن کي اندر اچي ويهڻ جي لاءِ نہ پر اٿڻ لاءِ چيو هجي. پر هن سنجي جي آواز کي ڪنن پر ايندي بہ ڪنن مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ بستري تي ويهندي چوڻ لڳي: "سرڪار! غير حاضريءَ جي معافي گهرڻ آئي آهيان."

سنجي چوڻ گهريو: "غير حاضريءَ جي يا حاضريءَ جي؟" پر نہ چيائين.

مينڪا ئي چيو: "چوڌري صاحب جي ماءُ جو آپريشن ٿيٽو هو. انڪري مجبوراً ايترا مهينا اتي وڃي رهڻو پيو. پر هاڻ غير حاضريءَ جو وڏو ڏنڊ ادا ڪنديس..... تمام اونچي ترڪيب سوچي اٿر. ٻڌايانءِ؟"

"ٻڌاءِ؟"

"مان هڪ اخبار شروع ڪرڻ ٿي گهران."

"اخبار!"

"روزانہ اخبار نہ، هفتيوار يا پندرنهن روزا..... مسٽر چوڌريءَ مڃيو آهي، هوئي پئسا لڳائيندو..... ۽ سائينءَ جن ان جا ايڊيٽر هوندا....."

"مان ..... ڇو؟"

"سائين جن کي ڪر نہ ڪپي؟"

"سو اهو ڏنڊ آهي! پر ڏنڊ مون کي تہ نہ پرٽو هو؟"

"نہ سائين! ڏنڊ مان ڏئي رهي آهيان." مينڪا ڪلي ڏنو. پر وري سنجيده

ٽي چيائين: "ڏس سنجي! مان ڄاڻان ٿي ته توکي منهن جي گهر اچي مون سان ملڻ پسند ناهي، اتي مان توکي هر وقت مسز چوڌري لڳندي آهيان ۽ هتي ايترو ڏکيو آهي. هي اخبار وارو بهانو هوندو ته اسان کنهن هوٽل ۾ به وڃي سگهنداسون..... به به چار چار ڏينهن شهر کان ٻاهر به....."

"مهربان مسز چوڌري!"

سنجي کي خبر نه هئي ته هن جو آواز ڪڍهن ايترو به زومائتو ٿي سگهي ٿو. مينڪا حيران ٿي هن ڏانهن نهارڻ لڳي.

سنجي جي چپن مان ٽڏو شوکارو نڪتو. "منهن جو خيال هو، مون زندگيءَ ۾ ڪوئي ڏوهه نه ڪيو آهي..... پرلڳي ٿو هڪ تمام وڏو ڏوهه ڪيو اٿم؟"

"ڪهڙو ڏوهه سنجي؟"

مينڪا ڪلي ڏنو "هڪ ٻيو گناهه هوندو آهي، جيڪو سڀ کندا آهن." سنجي هرندڙ اکين سان مينڪا ڏانهن ڏٺو. شايد پاڻ ڏانهن به. پوءِ چيائين: "سن آف اگنورنس!" (اڻڄاڻائيءَ جو پٽ)

۽ سنجي ڪمري جي چاپي هٿ ۾ ڪٽندي چيو: "مون کي ڪر آهي، مون کي ٻاهر وڃڻو آهي."

"ان جو مطلب آهي ته مان وڃان....."

سنجي جيئن ئي جن ڪپڙن ۾ هو ٻاهر وڃڻ لاءِ وڌيو، ته مينڪا ڪمري کان ٻاهر ايندي صرف ايترو چيو: "تون حرامي" ۽ پوءِ ڏاڪڻ لهي وئي.

سنجي ڪيترين پريسن ۾ پروف ڏسڻ جو ڪر ڪندو هو. هاڻ مارچ وارو پروفن جي ڳهڻائيءَ وارو زمانو گذري ويو هو، پوءِ به مٽي جون ۾ ڇپجڻ وارن نصابي ڪتابن جي پروف پڙهڻ جو ڪر هن جي مانيءَ جي سهاري لاءِ ٺهيو پيو هو.

هو سائيڪل کڻي ڪر واري پريس ڏانهن روانو ٿيو. هيءَ پريس ٻين کان وڏي هئي. هن ۾ سيلنڈر مشين هئي، جنهن ڪري هن کي وڏين آفيسن جو ڪر به ملي ويندو هو. گڏوگڏ اهو ڪر به جيڪو ڪيترائي سفارتخانا ترجمو ڪرائڻ جي ذميداريءَ سان گڏ هن پريس کي ڇاپڻ جي لاءِ ڏئي ڇڏيندا هئا.

"پروفن جو ڪر ته اڇڪلهه ڪونه هوندو؟" سنجي وڃي پريس جي مالڪ کان پڇيو..

"اهو ئي ٿورو گهٽو جيڪو اسان اوهان کي ڏيندا آهيون."

"ترجمي جو؟"

"اهو اوهان کندا ناهيو."

"کندس-؟"

"پر اوهان چاٽو ٿا.....؟"

"چاٽان ٿو اهو اوهان انهن کي ڏيندا آهيو جيڪي مڇيلن جي قطار ۾ هوندا آهن. پر اهي پاڻ ته ترجمو کندا ناهن."

"سپ ئي ٻين کان ڪرائيندا آهن، ٿورا پئسا ڏئي....."

"مون اها ئي ٻين کان ترجمو ڪرائڻ واري ڳالهه ڪئي آهي....."

"پر انهن جا پئسا..... مشڪل سان هڪ رپيو صفحو....."

"ٺيڪ آهي....."

"ڀ ڪتابن تي به اوهان جو نالو نه هوندو، سائين....."

"عمارت تي ڪڏهن به ڪنهن مزدور جو نالو نه هوندو آهي....."

سنجي ڪلي ڏنو.

پريس جي مالڪ انگريزيءَ جو هڪ ڪتاب سنجي کي ڏيندي چيو: "هي ڪر ته مون آڳ به اوهان کي چيو هو....."

جواب ۾ سنجي صرف ڪتاب جا صفحا ڏٺا. ٽي سؤ پنجويهه هٿا. ڀ دل ۾ حساب لڳايائين ته ڏينهن ۾ اٺ يا ڏهه صفحا ڪري ٿا سگهجن.

"ڏرا لڪائي صاف هجي..... پر ڪا ڳالهه ناهي. پروف به اوهان پاڻ ڏسندا."

پريس جي مالڪ هوريان سنجي کي چيو..... ڀ پوءِ مشين مين کي سڏڻ لاءِ پٽيوالي کي موڪليائين.

سنجي ورانڊي مان لنگهندي ڪريم جي حصي ڏانهن نظر وڌي. هو پٽيوالي سان گڏ..... هيڏانهن آيو ٿي.

"سلام ميان" جواب ۾ ڪريم، سنجي جي هٿ ۾ هڪ انگريزي ڪتاب ڏٺو، ڀ هوريان چيائين: "سنجي صاحب! اڪين جو خدا کان ويمو ڪرائي چڪا آهيو يا هاڻ ڪرائڻو اٿو؟"

سنجي ڪلي ڏنو. چيائين: "ڪريم ميان! ڪنهن ڏينهن ويمي جي انهيءَ ايجنٽ کي وٺي اچجانءِ. ويمو ڪرائي وٺندس."

○

سنجي کي اڄ اهو ئي محسوس ٿيو. جيڪو اڄ کان ٽي سال اڳ تڏهن ٿيو هوس جڏهن پٽسن جي سخت ضرورت پوڻ تي هن ڪجهه ڏينهن سرڪاري لکڻين جو ترجمو ڪيو هو. تڏهن به ٿورن صفحن لکڻ تي روز هن جي آنگرين ۾ سور پوندو هو. اڄ به ائين ئي ٿيو. بس ڪي ڏهه صفحا ئي لکيا هٿائين ته سڄي هٿ جون آنگريون ائين ڪڙجي پيس جو هٿ مان قلم ڪرڻ لڳس.

سنجي کي پنهنجو ناول يا ڪهاڻي لکڻ مهل ڪڏهن ائين محسوس نه ٿيو هو. هن هڪ ڏينهن ۾ ويهه ويهه صفحا به لکياهٿا. ڪڏهن به آنگرين ۾ قلم جو ساٿ ڇڏندو نه محسوس ٿيو هوس.

اڄ وري آنگرين ۾ سور پيس، ته اڌ رات مهل من ۾ چڙهيل اُس جهڙو خيال آيس. ڇا صرف سرڪاري لکڻين ۽ تقريرن جو ترجمو ڪرڻ سان ئي سور ٿيندو آهي؟

اڇوڪو ڪتاب پنهنجي وطن جي سرڪاري اشتهار بازي نه هُئي، ڪنهن ٻُئي ملڪ جي هُئي، پر هن کي محسوس ٿيو، ملڪ چاهي ڪهڙو به هجي، هر سرڪار جي سوچڻ ۽ ڪم ڪرڻ جو ڍنگ ساڳيو ئي آهي، انهن جي ٻولين ۾ ڪوئي گهرو لاڳاپو آهي. هر لکڻي جڻ لفظن جو واپار هجي. ماڻهو، ماڻهوءَ جي روح کي خريد به ڪندو آهي ۽ وڪڻندو به آهي.....

نه، سنجي کي لڳو، روح کي نه صرف جسم کي..... ۽ جسم جي ذريعي انسان جي حال ۽ مستقبل کي به وڪڻندو ۽ خريد ڪندو آهي.....!

تنهنڪري، اڇوڪو ڪتاب، حرفن جو واپار، هڪ پاسي رکي سنجي هڪ

كاغذ تي پنهنجي نئين كهاڻيءَ جا كجهه ٽپ لكڻ لڳو. جيڪي كيترن ئي ڏينهن كان، هڪ ڪڪر جيان هن جي ذهن ۾ گهڙي رهيا هئا.

نڇاڻ ڪڏهن كاغذ هٿ مان ڇڏائيجي ويس ۽ ميز كان هيٺ ڪري پيو. هن نوڙي كاغذ كنيو، پر ڏٺائين كاغذ خالي هو.

سنجي وري ميز هيٺان ليٽو پاتو ته شايد هي اهو كاغذ نه هجي جنهن تي هو كهاڻيءَ جا ٽپ لكي رهيو هو، پر ميز جي هيٺان ٻيو كوبه كاغذ نه ملیس.

هن وري هٿ ۾ كنيل كاغذ كي ڏٺو ته ان تي جيكو كجهه لكيو هئائين، كاڏي ويو؟ كا خبر نه ٿي پيس، انكري هن ميز تان بجليءَ جي بتي كڻي وري ميز جي هيٺان ڳوليو.

پاڻ مرادو جسم مان دهرڙي نڪري ويس. هيٺ، هن جي آڏو سڀ حرف فرش تي پيا هئا، ائين پانيائين، هو آنگرين سان هڪ هڪ حرف ميڙي ٿو سگهي.

ميز جي هيٺان هٿ ڊگهيري هو حرفن كي كٹڻ لڳو. نندا، گول ۽ كارا، ٻجن جهڙا حرف.....

تريءَ كي روشنيءَ ۾ آڻي ڏٺائين. سڀ حرف هكجهڙا هئا. نندن نندن داڻن جيان.....

سڃيءَ تريءَ تي ركيل حرفن كي هِن كاهي هٿ جي آنگرين سان اٽلائي. پٽلائي ڏٺو، پر محسوس ٿيس ته سڃي هٿ جي تري جنهن تي اهي حرف ركيل هئا، اهو آلو، نرم ۽ كوكلو ٿي ويو آهي.

هن كاهي هٿ سان سڃي هٿ جي تريءَ كي زور ڏئي ڏٺو. هٿ سڄ پڄ مٽيءَ جيان نرم ۽ آلو هو، ايترو جو ان تي پيل حرف تريءَ ۾ گهڙي ويا. هن ڇرڪي ساڃي هٿ جي آنگوٺي سان پنهنجي كاهي هٿ جي تريءَ كي هٿ لاتو ته انگوٺي كي محسوس ٿيس كهي هٿ جي تري ۾ اهڙي ٿي آلي ۽ نرم آهي..... جهڙي ڦيڦي.....

سنجي حيران ٿي سڃي هٿ جي تريءَ تي جيكي حرف هئا اهي كهي هٿ جي تريءَ تي لاهي ڇڏيا ۽ جڏهن سڃي آنگوٺي سان زور ڏئي ڏٺائين ته اهي سڀ حرف تريءَ ۾ گهڙي ويا.

ساهه مان پنل مٽيءَ جي خوشبوءِ آيس ته هن ٻئي هٿ سنگهي ڏنا..... ٻئي هٿ مٽيءَ مان بٽيل هئا.

هاڻ هٽن تي ڪوبہ حرف ڏسڻ ۾ نہ ٿي آيو. ٻئي تريون خالي هيون.

سيني مان هڪ ڊپ اٿي هن جي ذهن ۾ پکڙجي ويو. هاڻ بنا هٽن جي مان ڪيئن لکندس؟

سنجي جي سڄي بدن ۾ زندهہ بدن واري چرپر هئي. هو سوچي رهيو هو. اکين سان ڏسي رهيو هو. گهرائجي بستري تي ٻہ ويٺو، وري بستري تان اٿيو ٻہ، ٽنگون، پير، ٻانهون ۽ مٿو..... سڀ ڪجهہ ائين ئي هوس..... پر هٽ؟

محسوس ڪيائين تہ جيڪڏهن هن هٽ لوڏيا تہ ٻئي هٽ سندس جسم مان منڍ جيان ڪري پوندا.

هو ڪيتري ئي دير تائين، ائين ئي هيسيو رهيو..... پوءِ هن هڪ ٻانهن چنڊي، اهو ڏسڻ لاءِ تہ ٻانهن سان لڳل هٽ ڪري ٽو يا نہ. پر هٽ اڳ جيان ٻانهن ۾ لڳو پيو هو. هن ٻي ٻانهن کي ٻہ چنڊي ڏٺو. ان ٻانهن جو هٽ ٻہ ائين ئي ڪرائي، سان ڳنڍيل رهيو.....

هو وري حيران ٿي هٽن ڏانهن ڏسڻ لڳو پر هن پيري سندس اکيون ڏسندیون ئي رهجي ويون..... هٽن ۾ ننڍا ننڍا گل ٽڙي رهيا هئا..... يقين نہ آيس.....

اکيون ڇنيي وري ڏنائين. هٽن تي سڄ پڄ ڏاڍا ڪومل ۽ ڳاڙهي رنگ جا گل ٽڙيا ٻيٺا آهن.....

سڄون تريون گلن سان ڀريون پيون هيون.....

هن وري هٽن کي سنگهي ڏٺو. هن جي هٽن مان منڍ جي نہ گلن جي مهڪ اچي رهي هئي.

وقت جي خبر سنجي کي نہ پئي، پر سڄ نڪري آيو. انڪري وڏندڙ روشني جڏهن سنجي جي دريءَ مان اندر اچي سڄي ڪمري ۾ پکڙجي وئي، تہ سنجي ڇرڪي اٿي ويٺو.....

ڏنائين، هو بستري تي اونڌي منهن ستو پيو هو.

اٿي ڏنائين، آڏو ڪمري جون اهي ئي ديوارون هيون. هڪ ديوار جي ڪنڊ ۾ اها ئي سندس لکڻ واري ميز آهي، ۽ ميز تي ايان تائين راتوڪي بتي ٻري رهي هئي.....

هن تکڙ ۾ پنهنجي هٽن ڏي ڏٺو. پر اهي ٻہ سڄي جسم جيان هن جا

هٽ آهن، مٽيءَ جا نہ.....

هن ميز تي پيل رات وارن ڪاغذن ڏانهن نهاريو. جنهن تي هو پنهنجي ڪهاڻيءَ لاءِ ٽپ لکي رهيو هو. ڪاغذ ۾ ائين لفظن سان پريل ڏسڻ ۾ آيس.

سنجي ڪيتري ئي دير حيرت مان ڪمري ۾ بيٺو رهيو. پوءِ هن ڪان بيٺو نہ ٽي پگو ءِ هو ائين ئي ڪمري کي ڪليل ڇڏي، جلدي مٽي وڃڻ واري ڏاڪڻ چڑهڻ لڳو.

مٽي ميتا جو ڪمرو خالي پيو هو. خيال آيس تہ شايد نانيِ بازار هلي وئي هجي ءِ ميتا هيٺ باغيچي ۾ هجي..... هو تکڑو ورڻ وارو هو تہ ڪمري جي پرينءَ دريءَ وٽان آواز آيو: "اچو!"

"ميتا!" سنجي ڪمري ۾ اندر هليو ويو. پر هن جي حيرت سندس چهري تي ائين ئي لکيل هئي، ويجهو ايندي ميتا گهبرائجي هن ڏانهن ڏٺو.

"ميتا! توکي ڪجهہ نہ ٿيندو، ڪجهہ نہ..... تون بلڪل ٺيڪ ٿي ويندينءَ." سنجي حوصلو وڌائيندي ميتا ڏانهن ڏٺو.

هن مرڪيو ءِ چيائين: "لکڻ وارن جي لاءِ ڪهاڻيون تہ شايد آسمان مان لهنديون آهن، اهو ۽ الهام ئي ٿيندو آهي."

"ڪهڙو؟"

"صرف اهو تہ جڏ ڪيلي جي وڻ جو هڪ وڏو پن گل سميت هيٺ گاهم تي ڪريو پيو آهي."

"سچ؟"

"سچ تنهنجا ڪپڑا ڪيلي جي وڏن وڏن پنن جيان ڏسڻ ۾ ٿي آيا. ءِ..."

"ءِ؟"

"تنهنجو چهرو ڪيلي جي پيلي گلن جيان....." سنجي جوش ۾ هو پر ميتا جي اکين ۾ پاڻي تري آيو.

"سمجهيو؟"

"ها، سچ پچ پن جيان ٺٽي پئي آهيان."

"پر نہ....."

"نہ سنجي! وڻ مان ڇنل پن وري ڌرتيءَ ۾ نہ لڳندو آهي....."

"لڳندو آهي....."

ميتا بستري جي ويجهو اچي، بستري تي ٻانهن رکي فرش تي ويهي رهي.

"رات مون کي عجيب خواب ڏسڻ ۾ آيو. سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته هي خواب چاهي، پر مون پاڻ ئي فرائڊ جيان خواب جو تجزيو ڪري ورتو آهي..... تعبير ڪولي ورتو اٿم."

"ڪيئن؟"

"رات جو ٻان هڪ ڏاڍو ٽڪائيندڙ ڪم ڪندو رهيس. پوءِ ان مان ڪک ٿي پيس ته پنهنجي ڪهاڻيءَ جا ٽپ ولندو رهيس..... نه ڄاڻ ڪڏهن منهن جي اڪ لڳي وئي..... خواب ۾ ڏٺم..... ڪاغذ تان لهي سڀ حرف منهنجي هٿ ۾ اچي ويا آهن..... منهنجا..... منهنجا ٻئي هٿ متيءَ جا ٿي ويا آهن، ۽ ..... سڀ حرف ڇج جيان پاڻ ئي هٿن تي ڦٽي پيا....."

"ٻڌي رهي آهين؟"

شايد ميتا جو ڳلو ڀرجي آيو هو. هُوءَ ڳالهائي نه سگهي. هن صرف "ها" ۾ ڪنڌ لوڏيو.

"۽ وري منهن جي ڏسندي ڏسندي اهي سڀ ڇج ڦٽي پيا ۽ منهنجا ٻئي هٿ تمام سهڻن گلن سان ڀرجي ويا."

ميتا هٿ ڏڪهيري سنجي جي هٿ کي هٿ لاتو. وري سنئون ڪري هن جي تريءَ کي ڏسڻ لڳي.

ميتا جنهن ڏينهن بيهوش ٿي هئي، ان ڏينهن سنجي هن کي پنهنجي هٿ جو سهارو ڏيڻ چاهيو هو، پر ميتا ورتو نه هو.

اڄ پهريون ڀيرو هو، جو ميتا هن جي هٿ کي هٿ لاتو هو. سنجي جي پوري بدن ۾ هڪ حرارت ڊوڙي وئي.....

ڀانيائين، هيءَ ان طرح جي لرزش آهي، جهڙي رات جو گلن سان ڀريل هٿ کي سنگهي محسوس ڪئي هئي.

سنجي ٻيو هٿ به اڳتي وڌايو. چيائين: "گل پنهي ترين ۾ ڦٽا هٿا."

ميتا ڀريل اکين سان سنجي ڏانهن نهاريو ته سنجي ميتا جو هٿ پنهي ترين تي رکندي چيو: "ڏس، خواب ساڀيان ٿي ويو."

"ڪيئن؟"

"منهنجي پنهي ترين تي تنهنجو هٿ هڪ اچي گل جيان ڦٽو پيو آهي...."

ميتا کان پنهنجي اکين جو پاڻي جهيلو نہ ٿيو، انڪري هن پنهنجو مٿو ڪٽ جي ٻانهين ۾ تي رکي ڇڏيو.

"هتي ترين تي گل جو ڦٽڻ ڪيلي جي ننڍ پن جو واپس لڳڻ جو نشان آهي."

ميتا ڪلي ڏنو.

"اهو ئي فرائڊ جو تجزيو آهي؟ اهو ئي خواب جو تعبير آهي.؟"

سنجي ڪلي ڏنو.

"سڄ ڀڄ فرائڊ زندهه هجي ها تہ اهو به ائين چوي ها."

ميتا جو ساهه اينگهجي ويو. چيائين: "هاڻ مان فرائڊ بڻجي ڏيکاريان؟"

"ڪيئن؟"

"مان ان خواب جو تجزيو ڪريان؟"

"ان جو صرف اهو تجزيو آهي جيڪو مون ڪيو آهي....."

ميتا ڪلي ويئي.

"تہ فرائڊ ڪي اهو منظور ناهي تہ دنيا ۾ ڪو ٻيو به فرائڊ ٿي ٿو سگهي."

"نہ..... مون ائين نہ چيو....."

"چڱو، چئ....."

"ان خواب جو مطلب آهي تہ اسان جي زبان جا حرف ترين مان ڪهاڻيون ۽ ناول بڻجي ڦٽندا....."

"نہ....."

سنجي ميتاجي هٿ جي هيڻان هٿ ڪيي ورتو. چيائين: "مون ڪي اها برابري نہ ڪهرجي....."

ميتا هٿ اڇتي وڌائي، وري سنجي جي هٿ ڪي هٿ لائي چيو: "وڏا گل ڦڙندا..... پر مان نہ هوندیس..... مون ڪي هاڻ ڏسڻ ڏي....."

سنجي ميتا جو هٿ مٿي ڪٽي چپن سان لڳايو ۽ چيائين:

"ٻيو ڪوبہ گل نہ ڪهرجي..... صرف هن هٿ جو گل..... تنهن جي هٿ جو گل..... ميتا!"

○

هڪ ڏينهن منجهند جو نانيِ هيٺ آئي. سنجي جي ڪمري ۾ ڇيائين:

"تنهن جي لائق هڪ ڪم آهي پٽ! ڏڇندي ڏڇندي آئي آهيان."

سنجي اهو ئي ترجمي وارو ڪم ڪري رهيو هو. قلم جنهن لفظ تي هوس، ان کي اتي ئي ڇڏي اٿي ويٺو.

"نانيِ! مون ۾ ڪوبہ ڪم هجي، چئي ڏيندیون ڪريو. ڪهڙيءَ بہ مهل..... وچ ۾ اها ڏڇڻ واري ڳالهہ نہ چوندیون ڪريو."

"نہ پٽ! تو کان نہ ميتا کان ڏڇندي آهيان. هوءَ پڙهندي پڙهندي هاڻ ستي آهي تہ مان لکي آئي آهيان."

"چئو!"

"مون کي ٽيليفون ڪرڻ ايندي ناهي..... هي ڏس! هن ڪاغذ تي نمبر لکيل آهي." سنجي نانيءَ جي هٿ مان ڪاغذ ورتو. ڏنائين، مسٽر پوريءَ جو ليٽر فارم هو، جنهن تي گهر جو، ڪارخاني جو، ٻئي نمبر لکيل هئا.

"تون مون سان بازار هل تہ اتي ڪيترن ئي دوڪانن تي ٽيليفون لڳل آهن. بس تون نمبر ملائجانءِ، ڳالهائيندس مان پاڻ ئي."

سنجي کي فڪر ٿيو تہ ميتا شايد اڳ ڪان وڌيڪ بيمار ٿي آهي. پڇيائينس:

"اتان ڪنهن کي گهرائڻو آهي؟"

"نہ پٽ! جيڪو پاڻ اچي خير خبر نہ ٿو وٺي، ان کي سڏي ڇا ڪبو..... تو ڪڏهن ڏٺو آهي؟ ڪڏهن ڪنهن ڳالهہ پڇڻ لاءِ ڪوڙ سوڙ مان ئي هيڏانهن نہ لڙيو. نہ تہ ماڻهو دنياداريءَ جي ناتي ئي سهي...."

سنجي کي محسوس ٿيو ته هن نانيءَ جي ڪنهن ڏکندڙ رڳ تي هٿ رکيو آهي، هوءَ نه ڄاڻ ڇا پٽي چوڻ چاهي..... جيڪا ميتا کان به لکائي چوڻ ٿي چاهي. "آهي ته مري مٽي ٿيڻ واري ڳالهه، پر ڇا ڪريان.....؟" نانيءَ چيو ته سنجي هن کي ويهڻ لاءِ چئي، پڇيائين: "پوءِ مون کي ٻڌاءِ جيڪو چوٽو هو، مان وڃي ٿو چئي اچان، اوهان هتي ئي ويهو....."

"نه پٽ! تون پنهنجي واتان ڇا چوندين..... هو ڏهن قسمن جا سوال پڇندءِ..... ته تون ڪير آهين؟"

سنجي کي ان ڳالهه جو خيال نه هو، پانيائين نانيءَ ٽيڪ ٿي چوي.

"تو وٽ سائيڪل آهي نه..... مون کي پويان ويهارينديين؟ پنڌ هلڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ويندو ۽ اسان جي پويان جيڪڏهن هُوءَ جاڳي پئي...."

نانيءَ کي ميتا کان چوريءَ چوٽو آهي. سنجي کي اهو اندازو ٿيو ته چيائين: "جيڪا ڳالهه ميتا نه ٿي چاهي نانيءَ! اها نه چوڻ گهرجي."

"پر ڪريان ڇا پٽ؟ جيڪڏهن منهن جي هڏ ۾ ڪجهه هجي...." نانيءَ مٽي تي ويڙهيل رئي کي ڏکندڙ هٿن سان وٽ کان کولي چيو: "هن پلوءَ ۾ بدقسمتيءَ ٽنگ ڪري وڌا آهن، نه ته اڄ چوڪريءَ کي جيئن هن ڏکو ڏئي ڇڏيو آهي، مان پنهنجي گهر نه وڃي وڃان ها؟"

سنجي نانيءَ کي ٻانهن کان وٺي بستري تي جڙ زوريءَ ويهاريو، چيائين: "وڃي پُسن لاءِ چوٽو آهي؟"

"ها پٽ! وات سڙندو آهي اهڙي ڳالهه ڪندي..... پر هوڏانهن ڊاڪٽر ٿو چوي، روز هيترن ميون جي رس ڏيوس..... ڪٽان آڻيان.....؟ ديوار تي ٻارڻ جون ڦٽيلون رکڻ سان ڇت نه جڙي پوندي. نانيءَ جو آواز ٽٽڻ لڳو. هُوءَ جڏ سنجي جي آڏو نه قسمت جي اڳيان دانهيندي هجي. "باهه لڳي هن جي لکن کي، منهنجي ڏيءَ لاءِ ڪجهه نه رهيو آهي هن وٽ. چوندو هو، هر پهرين تاريخ مان پاڻ ئي اوڏانهن موڪلي ڏيندس..... اڄ پندرنهن ڏينهن گذري ويا آهن."

سنجي جنهن ڏينهن ترجمي وارو ڪم وٺڻ ويو هو، هن کي پاڻ ۾ ڪجهه محسوس ٿيو هو، اهو جيڪو هن پنهنجي ڇپن سان به ڪٽن کي چوڻ نه ٿي چاهيو. پر هن مهل پانيائين ته ڪن نانيءَ جي واتان اهوئي ٻڌي رهيا آهن.

"هل پٽ! اڻ، پر اڄي ڇوڪريءَ کي ڪجهه نه ٻڌائج. هُوءَ مون تي ڪاوڙيي. ٻانهن ۾ سون جون ٻہ چوڙيون اڃس چوي تي اهي وڪڻي ڇڏ..."

نائي بستري تان اٿي تہ سنجي هن کي ڪلهي تي هٿ رکي ڪيس وڃڻ کان جهيلو ۽ چيائين: "پوءِ ماءُ پٽ هڪ واعدو ڪن."

نائي هن جي منهن ڏانهن ڏسڻ لڳي. سنجي چيو: "هاڻ اوهان ڇيو تہ مان اوهان جي ڳالهہ ميتا کي نہ ٻڌايان، چيو هوءِ نہ؟"

نائيءَ اثبات ۾ ڪنڌ لوڏيو. سنجي چيو: "نہ مان اوهان جي ڳالهہ ميتا کي ٻڌائيندس نہ ئي توهان ميتا کي ڪنهن جي ڳالهہ ٻڌائيندیون." ۽ سنجي ڪٻٽ مان ٽي سؤ ڪڍي نائيءَ جي اڳيان رکندي چيو: "اهو اسان جو ماءُ پٽ جو واعدو ٿيو آهي."

"پر پٽ!" نائيءَ جو آواز نڙيءَ مان هيٺ لهي ويو. شايد نڙيءَ ۾ نہ هن جي سيني ۾..... هُوءَ سيني مان نڪرندڙ باهہ جيان چوڻ لڳي: "ڏس! منهنجي قسمت! منهن جي اڪيلي ڏيءَ هئي، اها بہ پنهنجي مڙس جي هٿان چيچلائي چيچلائي مري وئي، مون هن ڇوڪري کي سيني لاتو. مُور ڪان وڌيڪ وياج پيارو هوندو آهي ۽ ڏس اڄ اهو بہ....."

سنجي ڪڏهن ڪڏهن محسوس ڪندو هو تہ ڪوبہ پٽ پنهنجي ماءُ جي جواني سڪي ڪري نہ سگهندو. سندس حصي ۾ صرف ماءُ جو ٻڍاپو ايندو آهي، جنهن کي هو چاهي تہ جيءُ ڀري سڪي ڪري ٿو سگهي ۽ هن جي سيني ۾ هڪ حسرت ڪر ڪٽندي هئي تہ اهو وقت هن جي زندگيءَ ۾ ڇو نہ آيو؟ اڄ سامهون نائيءَ ڏانهن ڏٺائين تہ سندس ان حسرت ۾ ڇڻ ساهہ پُڄي ويو.

چيائين: "نہ، نائي، روئبو ناهي."

○

پوياڙيءَ مهل، ترجمو ڪري ٽڪجي سنجي سپ ڪاغذ هڪ پاسي رکيا ۽ هيڪلو ويهي وهسڪي پيئڻ لڳو.

ڪن ۾ ميتا جو آواز ٻڌڻ ۾ آيس. پانيائين، وهسڪي سچ پچ هڪ ڪرامت هوندي آهي. پرآواز وهسڪيءَ جي ڪرامت نہ هئي، سچ پچ ميتا چائنٽ کان اندر اچي بلڪل پرسان بيٺي.

"ڊاڪٽر ڏانهن وئي هئس." ميتا چيو.

سنجي بستري تان اٿي ميتا کي ويهڻ لاءِ چيو، پر هُوءَ ڪانہ ويٺي، وهسڪيءَ جي گلاس ڏانهن نهارڻ لڳي.

"ڊاڪٽر چا چيو.....؟"

"اهو ئي تہ وهسڪي نہ پيئجانءِ."

سنجي ڪلي ڏنو. "چگو ٽيو، ڊاڪٽر اڄ تنهنجي بدران مون کي مريض بڻايو....."

ميتا جي چهري مان نہ ڄاڻ ڪهڙيون پريشانيون جهلڪي پيون. چيائين: "سچ ٽي چوان مان پيدائش کان ئي وهسڪيءَ کان واقف آهيان....."

"هان، وهسڪيءَ جي چسڪي ورتي هيءِ؟" سنجي ڪلڻ لڳو.

"وهسڪيءَ جي نہ، پر ان جي انجام جي چسڪي ورتي هئي."

ميتا بستري تي ويهي رهي، چوڻ لڳي: "اها ئي وهسڪي هئي، جنهن جي ڪري منهن جي پيءُ منهن جي ماءُ جي زندگي گروي رکي هئي."

سنجي اڄ تائين ميتا کان ڪجهہ نہ پڇيو هو. هاڻ ميتا پاڻ ڪجهہ ٻڌائي رهي هئي تہ سنجي اوچتو پڇيس: "سچ ميتا! تون جو ڪجهہ آهين، جو

کجھ ھئيءَ، اھو کيئن ٿي وئيءَ. منھنجو مطلب آھي.... تون...."

"سمجھي ورتم تہ پٽسن لاءِ ڇو وکجي ويس؟"

"مان اھا ٻالھ ڇڻي نہ ٿو سگھان....."

"پر اھو سچ آھي....."

"جيکڏھن سچ آھي تہ ڇو؟..... ڇو.....؟"

"ٻڌائي تہ رھي آھيان..... منھن جي پيءُ منھنجي ماءُ جي زندگي اھڙين پريشانين وٽ گروي رکي ھئي جو ھو وري کڏھن ڇڏائي نہ سگھيو..... امان سچ پچ فکرن وٽ گروي رکي وئي ھئي."

سنجي کي کجھ ڇوڙ ڏاڍو مشکل لڳو. ھو صرف ميتا ڏانھن ڏسندو رھيو..... ميتا ئي اڳتي چيو:

"انکري امان کان پوءِ منھنجو وارو ھو..... پر شادي تہ کنھن بہ شيءِ کي گروي نہ رکندي آھي جنھن کي کڏھن ڇڏايو وڃي..... تنھن کري ھن مون کي وڪڻي ڇڏيو..... ھي سڀ کجھ وھسکيءَ جو نتيجو آھي سنجي! انکري ٿي چوان....."

"وعدو کريو، نہ پيئندؤ."

"ھک شرط تي."

"کھڙو؟"

"تہ ھک پيرو اھا ٻالھ مون سان ھر روز کندي کر..... ھميشہ....."

"ءِ جيکڏھن ھر روز نہ چوان؟"

"جنھن ڏينھن نہ چوندينءَ ان ڏينھن پيئندس."

ميتا، سنجي جي چيل شرط ۾ ھک التجا ڏسي ورتي. اکيون ھيٺ کيائين. ڇڙ زندگيءَ سان گلا کري رھي ھجي، ان معصوم ٻالھ جي چوڙ لاءِ تون مون کي مھلت ڇو نہ ٿي ڏين.

"ڏس!"

ميتا سنجي ڏانھن ڏٺو پر ھاريل اکين سان.....

"تو چيو ھو نہ تہ جيکو کجھ شاديءَ جھڙي شيءِ جي آڏو گروي رکبو آھي..... اھو ڇڏائي نہ سگھبو آھي..... مان اقرار ٿو کريان، اھو ڇڏيندس.

کنهن بہ قیمت تي....."

۽ سنجي نوڙي بستري تي ويڻل ميتا جا چپ چمي ورتا.

اهو اوچتو ٿي ويو هو، انڪري ميتا ڪهرائجي سنجي ڏانهن ڏٺو، چيائين:

"وري ائين ڪڏهن نہ ڪجان."

سنجي کي محسوس ٿيو، ميتا جي لفظن سان دل کي ڪٿي زخم رسيو آهي، ان جاءِ تي جتي نہ لڳڻ گهربو هو.

"مون کان وسري ويو هو." سنجي جي واتان اڏورو جملو نڪتو ۽ هو ماڻ ٿي ويو.

"بيماري بہ ڪا وسارڻ جي شيءِ هوندي آهي؟"

ميتا چيو تہ سنجي هن ڏانهن عجيب تسليءَ سان نهاريو.

"اوهان غلط سمجهيو منهنجي وفا قانوني ناهي، دل سان آهي..... زندگيءَ سان هئي، پر هن ڀيڙي....."

"ميتا!" سنجي جو آواز زندگيءَ جي لونءَ لونءَ ۾ شامل ٿي ويو. "تو ڇو سمجهي ورتو آهي تہ تون ڇڏي نہ ڏئي سگهين..... توکي جيئڻو پوندو....."

"هيمشہ چاهيندي هئس تہ ڪوئي ائين چوي."

"مان چوانءِ ٿو."

"پر هاڻ ڏاڍي دير ٿي وئي آهي."

"نہ..... نہ..... نہ....."

"هاڻ ٻيو ڪجهہ نہ، هڪ ئي شيءِ جي گهرڻ جو وقت آهي."

"ڇا؟"

"ڇئي ڏيان؟ من ٿو چاهي."

"ڇڏ ميتا! منهنجي جان بہ گهري وڃ."

"جيڪڏهن پنهنجي جان پاڻ وڃ سلامت هجي ها تہ ضرور اها گهران ها، اها گهري سگهان ها تہ مون کي..... دنيا کان ٻيو ڪجهہ نہ گهرجي ها."

"ميتا.....؟"

"پر هاڻ بہ هڪ شيءِ گهرڻ جو وقت آهي.... منهنجي دل ٿي چاهي..... منهنجو ڪفن ٻئي ڪنهن جي هٿ ۾ نہ هجي صرف تنهنجي هٿ جو..... سنجي-!"

اڄ پهريون پيرو ميتا جي وات مان سنجي جي لاءِ "تون" نڪتو. شايد وات مان نہ روح مان..... جهڙو هڪ روح کي پرسان ويهاري ٻئي روح ڳالهايو هجي. سنجي کي پهريون پيرو هڪ درياءَ کي ٻئي درياءَ سان ملڻ جهڙو احساس ٿيو. گذريل ڏينهن جي پنهنجي اڄ ياد اچي ويس ۽ اها تڙپ جڏهن هڪ پيري هن کافڪا کي مخاطب ٿي چيو هو: "يار کافڪا! تون ڄاڻين ٿو تہ هڪ درياءَ کي جيڪا اڄ لڳندي آهي اها ٻئي درياءَ جي هوندي آهي. راهگير جي ملڻ سان ڇا ٿيندو. جيسين درياءَ کي درياءَ نہ ملي....."

۽ سنجي اڄ کافڪا جي جاءِ تي اها ڳالهہ ميتا کي ٻڌائي.

ميتا کافي دير تائين ماٺ رهي، پوءِ چوڻ لڳي: "پر سنجي! هي ريگستان آهي جيڪو منهنجي ڇٹي پاسي پکڙيو پيو آهي ۽ مان ان کان لکي هڪ کمري ۾ ٻئي آهيان..... نہ ڄاڻ کهڙي ڏينهن صبح، شام، کهڙيءَ ۾ مهل هو منهنجي کمري ۾ گهڙي ايندو."

شام جو پنجين وڳي جڏهن سنجي ترجمي واري ڪم جي آخري پيرا پوري ڪئي، اٿي هڪ نظر لکيل ڪاغذن جي ڍير ڏانهن ڏنائين تہ محسوس ٿيس، اڄ هن جو ڪمرو هنن لفظن جي فريب کان آجو ٿي سمهڻ ٿو گهري. سنجي جي هٿ مان سگريٽ جي دونهين مان اوچتو هڪ ٻيو دونهون بہ نڪتو.

"خدايا! ڪڏهن اسان جي ڏرتي بہ انهن ٻولين جي فريب مان آزاد ٿيندي؟" ان ئي شام جو سنجي سڄي محنت وڃي پريس جي مالڪ کي سونپي. معاوضو نہ ورتائين، وقفو ڏنائين، ۽ جڏهن اٿڻ لڳو، پريس جي مالڪ ويهڻ لاءِ چيس.

"ٻيو ڪم ملي ٿو سگهي؟"

"ڪافي گهٽو.... جيڪڏهن ڪرين تہ.....؟"

"ڪندس....."

"پر ترجمي جو ناهي.. اهو بہ ملي ٿو سگهي. پر ان کان بہ وڏو ڪم آهي هزارن جو ....."

هزارن جي نانءَ تي سنجي جي دل ۾ شڪ پيدا ٿيو، پانيائين، جنهن ڏينهن محنت جو معاوضو پيٽ ڀرڻ جيتري ماني ڏيندو، اهو وقت ايندا نہ آيو آهي. هي ضرور ڪو ٻيو وقت آهي. پر چيائين ڪجهہ نہ....

"هڪ ڪم ڏياري ٿو سگهان، پٽسا بہ اوهان جي مرضيءَ مطابق، جيترا گهرو..."

پريس مالڪ جو لهجو ايترو مهربان لڳس جو سنجي جي نرڙ جي رڳ ان مهرباني ڪري ڇڪجي وئي.

"هڪ ڪتاب لکي ڏي....!"

هن چيو ٿي تہ سنجي پانيو تہ ان مهل سندس نالو ڪنهن نقلي نالي جي قبر ۾ وڌو وڃڻ وارو آهي. ان ڪري هن جي چپن تي هڪ ڪلندڙ گهپ پئجي ويو. واتان نڪري ويس "پر اهو ڇپبو ڪنهن ٻئي جي نالي سان؟"

"نہ، نہ، اوهان جي نالي سان ڇپبو.... سنجي ڪمار جي نالي سان...."

"مون ٻڌون ناول لکي ورتو آهي... اهو...."

"نہ، نہ، ناول نہ....."

"تہ پوءِ....؟"

"هڪ مذهبي جماعت آهي، انهن وٽ گهڻو ڪجهہ آهي.... سندن گروءَ وٽ لکين رپيا آهن.... هو چاهي ٿو تہ هن تي ڪتاب لکيو وڃي...."

سنجي ڪلي ڏنو. "ڇا لکان؟ هن جي ڪرشمن تي....؟"

"ٻيو نہ تہ .... ڇا لاش ڏسڻ ايندا تہ سچ چاهي ۽ ڪوڙ چاهي؟"

"اهو مون کي بہ ناهي ڏسڻو...."

"اوهان ڏسي ڇا ڪندؤ، بس ڏهہ هزار وٺ ۽ اکيون بند ڪري لکي ڏينِ. ڏهہ نہ چاهين تہ ويهہ هزار ئي وٺ."

سنجي کي محسوس ٿيو، نہ ڪڏهن اهڙو روئڻ آيو آهي، نہ ڪڏهن ان جهڙي ڪل. چيائين، "پر اکيون ٻوٽي صرف ڪيئن ڏسي سگهندس؟"

پريس جو مالڪ ڪجهہ دير تائين سنجي کي ڏسندو رهيو، پوءِ چوڻ لڳو:

"اوهان کي هڪ ڳالهہ ٻڌايان سنجي صاحب! ڪيترا ڪم اکيون ٻوٽي ئي ٿيندا آهن.... هي مشينون جيڪي هلي رهيون آهن، رات ٿيڻ کان اڳ ئي ٻيهي وڃن، جيڪڏهن ڪيترائي ڪم اسان اکيون بند ڪري نہ ڪريون ..... ڪيترائي بيڪار ڪتاب ڇاپيندا آهيون آفيسرن جا، نہ تہ هو خاڪ ليکڪ آهن؟"

بس، سؤ پنجاهہ جيترا هو گهرندا آهن، ڏئي باقي کهاڙيءَ کان کٽائي

چڏيندا آهيون. ڪيترا تريءَ تي پئسا ونندا آهن، ڪي اونڌي تريءَ تي، اسان کي ڇاهي.... جيئن ڪجھ ڪندا آهيون..."

پريس جي مالڪ اڳ سنجي سان پنهنجون ڳالهيون نہ ڪيون هيون. اڄ ڪجھ ڪيائين تہ سنجي کي محسوس ٿيو: انسان ڪجھ ڪري، هو پل ڪيڏو ئي وڏو واپاري ڇو نہ هجي. هن کان بہ ڪڏهن ڪڏهن من جو ٻوجھ ڪنيو نہ ويندو آهي.

هن کي پريس جي مالڪ سان ڪجھ همدردي ٿي وئي، هن جي روزگار جي ڪري نہ پر انڪري تہ صحيح ءِ غلط جي ڇاڻ ڪٽي بچائي ٿورو ئي رکي سگھيو آهي. هو ٻڌائي رهيو هو...."ءِ جن جي هلندي آهي، اهي پنهنجا ڪتاب، ماٿهن کي زوريءَ تہ نہ پڙهائي سگھندا، پر اسڪولن ڪالیجن ۾ ڪٽائي پڙهائي چڏيندا آهن. زوريءَ هنن جي نڑيءَ مان لهرائي چڏيندا آهن."

ڪجھ گهڙين جي لاءِ سنجي جي من جو درد پريس جي مالڪ کان واقف ٿي ويو. وات مان نڪتس: "پر ٻارن جو مستقبل ....."

"ڪڏ ۾ پوي ٻارن جو مستقبل.... ان جو ڪنهن کي فڪر آهي..."

سنجي جي ذهن ۾ ميتا جا لفظ گهمي ويا. منهنجي ٻيءَ منهنجي ماءُ جي زندگي پريشانين وٺ گروي رکي هئي... من ئي من ۾ ان مهل ميتا کي چيائين: "ڏس ميتا! .... ڪنهن ڪنهن، ڪنهن ڪنهن جو ڇاڇا گروي رکي چڏيو آهي... ڏس! اسان جي دنيا ۾ ماٿهو ايندڙ نسلن جو آئيندو بہ گروي رکي چڏيندا آهن...."

"ڇا سوچي رهيا آهيو؟" اوچتو پريس جي مالڪ پڇيو.

"ڪجھ نہ...."

"پوءِ ڪتاب لکندؤ؟"

"لکي نہ سگھندس!"

"سوچي ونو....."

"ترجمي جو ڪم هجي تہ ڪري ڏيندس."

پريس جي مالڪ هڪ نندڙو ڪتاب ڏيڻ ساڻ ئي چيو: "اها تہ گذارو ڪرڻ واري ڳالھ آهي."

سنجي ڪلي ڏنو. ڪتاب ونڊي ءِ ٻاهر اچي مشين واري حصي ۾ ڪريم کي

ڏسڻ ويو. ڪريم ٻاهر نل تي هٿ منهن ڌوئي رهيو هو. هن پري کان ئي سنجي کي سڏيو ۽ ويجهو اچي سندس هٿ ۾ نئون ڪتاب ڏسي پرائي ڳالهه ڏهرائي.

"سنجي صاحب! خدا کان اکين جو ويمو ڪرائي چڪا آهيو يا هاڻ ڪرائڻو اٿو؟"

سنجي ڪريم سان هٿ ملائيندي چيو: "مون ته ڪريم ميان توکي چيو هو ته هڪ ڏيهن ويمي جي ان ايجنٽ کي وٺي اچج.... مان ويمو ڪرائي وٺندس."

تون آئين ئي ڪونہ...."

"هاڻ ڪيڏانهن، گهر ڏانهن ٿا هلو يا.....؟"

ڪريم دروازي جي پويان ٽنگيل ڪپڑا کڻندي ۽ بدن تان مشين جي تيل ۾ ٽپيل ڪپڑا لاهيندي چيو.

"سڏو گهر...."

"پوء مان اوهان سان گڏ هلان ٿو."

"مان توکي چوڻ وارو ئي هوس."

"توهان وات کي ڳالهين جي نلڪي جو لڳائي ڇڏي آهي، ڪجهه ڏينهن ٿي ويندا آهن اوهان سان ڳالهائڻ کي ته ايمان سان نشو ٽٽي پوندو آهي."

ڪريم به پنهنجي سائيڪل ڪٽي ورتي ۽ سنجي به. رستي ۾ سنجي ڪريم کي چيو: "ميان! تون جيڪڏهن وراڻي تي ٿورو ترسين ته مان ڪجهه دارو وٺي اچان."

"مون کي ته سائين اسپتال وارن پرهيز گار بڻائي ڇڏيو آهي، اوهان پيئو چاهيو ته اوهان جي مرضي." ڪريم چيو.

سنجي سائيڪل نہ بيهاري، چيائين: "هونء ته مون کي به ڪنهن پرهيزگار بنائي ڇڏيو آهي."

"هلو، پوء هلي چانهه ٿا پيئون." رستي ۾ ڪريم پنهنجي دل جو غبار ڪڍيو. "سنجي صاحب! ماڻهو پرهيز گارن جي ڏاڍي عزت ڪندا آهن. پر سائين جيڪڏهن ڪنهن ڏک ۾ ڏک ٻي ورتا، ته ماڻهن کي ايترو فڪر ڇو ٿي پوندو آهي؟ جن ڳالهين لاء پرهيز گار هٿ گهرجي، انهن کان ته ڪوبہ نہ ٿيندو آهي....."

ڪريم ٻي ڳالهه ٻڌائي: "پريس جي مالڪ جو سرڪاري دربار ۾ ڇگو اثر رسوخ آهي. ڪيس مشين جي لاءِ آساني سان لائسنس ملي ويندو آهي ۽ پل ڪيس نئين مشين جي ضرورت نه به هجي، هو لائسنس ولي اچي وڪڻي ڇڏيندو آهي." وري هن اداس ٿي چيو:

"محنت جو ملهه ته ٻڌو هوسون. پر هاڻ ته چوٽيون به ڪوڙيون ٿي ويون آهن. هاڻ ته رسوخ جو ملهه ٿيندو آهي... آنگر لوڏ جو...." سنجي ڪلي ڏنو ته ڪريم ڏڪ مان وراٽيو:

"سرڪار به انڌي هوندي آهي سائين! اڪ پٽي ڪڏهن به نه ڏسندي آهي ته ڪاغذ ڪنهن کي ڏنا آهن ۽ مشين ڪٽي پهچي وئي آهي. هن صرف صحيءَ لاءِ آنگر لوڏي ۽ هزارن جا نوٽ ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيا."

"ڪريم ميان! اها ڳالهه ته خدا تعالي پاڻ شروع ڪئي آهي، پوءِ ماٺهو ويچارو ڇا ڪري." سنجي چيو ۽ ڪلڻ لڳو.

ڪريم ڏاڍو پريشان ٿيو ته سنجي وري ڳالهايو: "ڏس ميان! الله کي به لائسنس مليو هو ماٺهو ٺاهڻ جو پر هن به لائسنس وڪڻي ڇڏيو. ڪنهن ڪاريگر کي وڪڻي ها ته ڪا ڳالهه ٿئي ها، هو ماٺهو گهڙي گهڙي ٺاهي ها، پر هن ان ۾ تميز نه ڪي، نه ڄاڻ گهڙي سيڪڙات کي ڏئي ڇڏيائين ۽ روز ٽيڪي تي ماٺهو ٺاهڻ لڳو...."

ڪريم کي جيئن ئي کل اچڻ لڳي ته سامهون سڙڪ تان هن جو ڏيان لهي ويو. اتفاق سان سنجي جي سائيڪل نه اڪتي هئي نه پوئتي، بلڪل گڏ هئي.... هن پنهنجي سائيڪل جي بريڪ تي هٿ رکندي ڪريم جي سائيڪل جي هينڊل کي به هٿ سان جهلي ورتو. ته ڪريم جا حواس جاءِ تي آيا.

سامهون سائيڪل سان لڳندي هڪ ٻار نڪري ويو ته ڪريم هن جي بچي وڃڻ تي سک جو ساهه ڪنيو. چيائين: "بچي وياسون، سائين! ورنه الله جي مال جي گهٽتائي ٿي وڃي ها....."

سنجي ڪمري ۾ اچي چانهه ٺاهي.

صبح واري چانهه جا گلاس اڃا نه ڏوتا هائين، ان ڪري ڪريم گلاس ڏوئڻ لڳو.... گڏوگڏ ٻڌائڻ لڳو: "اڄ ته سائين مون به هٿن کي ٻه ٻيرا صابڻ سان ڏوتو هو.... وڏو ڏوهه ڪيو اٿم اڄ هنن هٿن سان..."

"مان نہ ٿو مڃان."

"ڇو سائين؟"

"تون ميان! انهن هٿن سان ڏوهہ نہ ٿو ڪري سگهين."

"پر مس تہ ٿاهي هٿر."

پوءِ ڪريم سنجي ڪي ٻڌايو تہ اڄ هڪ نئون رسالو پريس ۾ ڇپجڻ آيو آهي. جنهن ۾ ڪيترا ئي صفحا سنجي ڪي گارين سان ڀريل هئا.

سنجي ڇانهہ پيئندي پيئندي ڪلڻ لڳو. "پوءِ تہ لڳي ٿو. مان سچ پچ ڪوئي وڏو ليکڪ آهيان. ورنہ ڪريم ميان ڪنهن ڪي ڪهڙي مصيبت پئي هئي جو ڪاغذ جا پئسا ۽ خرچ ڪندو ۽ پنهنجي پاران پئسا خرچ ڪري گاريون ڏيندو."

"اهي آهن گهٽن پئسن وارا! پر اهو سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي، تہ جيڪڏهن پئسو آهي تہ ڪي سٺا سٺا ڪتاب ڇپرايو. ڪاغذ ۽ اوتروئي لڳندو ۽ خرچ ۽ اوترو ايندو.... خوامخواهہ ٻڏو وڪڙ ۾ لڳا پيا آهن.... ڪريم ميان! جيڪڏهن تو وٽ پئسو هجي ها تہ بس مزو اچي وڃي ها...."

"الله جو قسم! اوهان منهنجي دل جي ڳالهہ چئي ڇڏي. بابا مرحوم زنده هو، تڏهن مون کي چيو هئائن، مان اردوءَ جا چند حرف پڙهي ٿو ونان مون کي ڪتابن جو هڪ دڪان کولائي ڏي.... دل چاهيو ٿي، قصن کي خوبصورت ڍنگ سان ڇاپيندس ۽ وڪڻندس ۽... واهہ واهہ وارث شاهہ جي هير هئي، پيلوءَ جو مرزا، بلهي شاهہ، جون ڪافيون، شاهہ حسين جون ڪافيون.... سلطان باهوءَ جا دوهڙا...."

"پوءِ تہ ميان! مان ۽ پنهنجو ناول ڪٿي تو وٽ ئي اچان ها...."

"بس سائين! پوءِ تہ موج ئي ٿي وڃي ها، اوهان ۽ ملي ويو ها تہ منهن جو ڪر ٿوري پڙهائيءَ مان هلي وڃي ها...."

"پر اڄ ميان! تو اهو ڪيئن پڙهي ورتو، جيڪو منهنجي خلاف لکيل هو....؟"

"هي لڳائڻ وسائڻ وارا ڪمپوزيٽر جو آهن...."

"ها، سچ؟"

"منهن جي دل ۾ ٿو اچي تہ ان اميرزادي ڪان پڇان تہ تو موٽر هلائڻ تہ

سکي ورتي آهي، پر لکڻ نہ سکيو اٿئي؟"

"ڪنهن کان....؟"

"اهائي، جيڪا ان رسالي جي مالڪ آهي سائين! هڪ ڀيري آئي هئي پريس ۾، گهٽو ڪري تہ هن جو پڇ ئي ايندو آهي. اهوئي مهرا، جنهن کي هن رسالي جو ايڊيٽر بڻايو آهي....."

"اي. سي. مهرا؟ اهو رسالي جو ايڊيٽر آهي؟"

"نڇاڻ خاڪ جو ايڊيٽر آهي.... هن کي لکڻ تہ اچي نہ ٿو."

"ڀ رسالي جي مالڪياڻي...."

"ڪا چوڏي چوڏري آهي."

سنجي کان ٿڪ نڪري ويو، ايڏو جو ڪريم بہ حيران ٿي ويو.

پڇيائينس: "اوهان کيس ڇاڻندا آهيون؟"

"ها ميان! سڃاڻانس."

"پوءِ هن کي اوهان سان ڪهڙي دشمني آهي؟"

"دشمني اها تہ هن ايڊيٽر ٿيڻ لاءِ مون کي چيو هو ۽ مون انڪار ڪيو هو."

"پر سنجي صاحب! هن وٽ پئسو تہ ڏاڍو ٿو محسوس ٿئي، اوهان مڃي ويو ها تہ رسالو بہ سٺو هلي ها ۽ روزگار بہ جڙي پوي ها."

"نہ ڪريم! تون ان عورت کي نہ ٿو ڄاڻين."

"سمجهي ويس سائين!"

پوءِ سنجي ڪريم کي اڇوکي پريس واري ڳالهہ ٻڌائي، تہ ڪنهن گروءَ جي ڪرشمن تي هڪ ڪتاب لکڻ واري.

تہ ڏهہ هزار، ويهہ هزارن جي ڳالهہ ٻڌي ڪريم چيو: "پر هڪ ڳالهہ آهي سائين! جيڪڏهن هڪ ڀيرو اوهان ڪڙو ڏڪ ڀري وٺو تہ، پوءِ تہ پل سڄي عمر پنهنجي مرضيءَ جو آرام سان لکلندا رهو."

"ڪريم ميان! ڪوڙو ڏڪ ڀرڻ لڳندو آهي تہ ماٺهو ان سان ڀرڻ لڳندو آهي."

"ڀري تہ پوندو آهي."

"سچ پچ ٻڌاءِ تہ توکي سڄو سنجي نہ گهرجي؟ توجيان کو ٻيو بہ آهي. جنهن کي پگهل نہ، ثابت سنجي گهرجي....."

"ٻيو ڪير؟" ڪريم اڄ پهريون ڀيرو اچرج ۾ پئجي ويو.

"ان سان ملندين؟"

"جيڪڏهن توهان ملائيندؤ تہ...."

"پوءِ اتي!" سنجي ڪريم کي مٿي ميتا جي ڪمري ۾ وٺي آيو. پوين ڏينهن ۾ ميتا سنجي جو ڇپيل ناول پڙهي ورتو هو ۽ ٿيو ڏينهن کان هُوءَ نئون لکيل ناول پڙهي رهي هئي، جيڪو اڃا ڇپيو نہ هو. انڪري اوچتو سنجي کي ڪمري ۾ آيل ڏسي هن جي واتان ناول جي ڪردار جو نالو نڪري ويو. "اقبال.....!"

هُوءَ ڪجهہ وڌيڪ چوڻ واري هئي، پر سنجي سان گڏ ڪنهن ٻئي کي ڏسي ماڻ ميڙ ۾ بستري تان اٿي ڪڙي ٿي.

"هي منهنجو دوست آهي، ڪريم قادر...." سنجي، ميتا سان تعارف ڪرايو ۽ ڪريم کي چيائين: "هيءَ منهنجي ممتاز آهي، ڪريم ميان!"

"سبحان الله!"

ڪريم وڌي ادب سان ميتا کي سلام ڪيو ۽ سنجي ڏانهن نهارندي چيائين:

"اهڙي صورت خدا پنهنجي هٿن سان ٺاهيندو آهي."

ميتا، ممتاز نالي جو مطلب سمجهڻ لاءِ سنجي ڏانهن ڏٺو.

سنجي هن ڏانهن نہ ۾ رڙڻي ڏانهن ڏسندي آواز ڏنو. "نانيءَ! چانهہ پياريو.... تمام سٺي، ڏوڻن واري."

نانيءَ هڪ منٽ ۾ رڙڻي مان ٻاهر آئي.

ڪريم بستري تان اٿي دعا سلام ڪيس.

نانيءَ سنجي کي وڏي شفقت سان ڏٺو ۽ چيائين: "هاڻ ٿي آڻيان، پٽ!"

"ادا ڪريم! اوهان جو نئون ناول پڙهيو آهي؟" ميتا ٻيهر بستري تي ويهندي پڇيو.

ڪريم کي زندگيءَ ۾ ڦريون پيرو پنهنجي اڻ پڙهيل هجڻ تي پڇتاءُ ٿيو.

هن ڪلندي چيو: "اسان تہ صرف پنهنجي يار کي پڙهيو آهي، ٻيو ڪجهہ بہ نہ پڙهيو آهي."

"جيڪو ڪريم پڙهيو آهي ميتا، اهو ڪنهن ٻئي نہ پڙهيو آهي.... جيڪڏهن تون ڪريم جي واتان ڪجهہ بلهي شاهہ کي ٻڌين...."

سنجي چيو تہ ميتا جي چهري تي چمڪ اچي وئي، چيائين: "پوءِ نانيءَ

کي سڏيو. اها تہ ديواني ٿي پوندي. منهنجو نانو تمام سئيون ڪافيون ڳائيندو هو. هُو تہ مريد هو بلهي شاهہ جو..... سلطان باهو بہ ڳائيندو هو.... جنهن جي هڪ ٿي هوڪ سان سڄو ڳوٺ گونجي ويندو هو."

"ڪهڙي ڳالهہ ڪيي سائين، حضرت باهوءَ جي....."

ڪريم جي من چلانگ ڏنو واتان نڪتس: "پوءِ تہ سائين اوهان سڀ روح وارا ماڻهو آهيو."

ناني چانهہ ڪٽي آڻي ءِ، رکي وڃڻ لڳي تہ ڪيس ميتا وڃڻ نہ ڏنو.

چيائين: "اڄ ياڻو ڪريم اسان جي مراد پوري ڪرڻ آيو آهي. هي سلطان باهُوءَ جو ڪلام ڳائيندو آهي."

"تنهن جو نانو ڳائيندو هو." نانيءَ پرجي آيل من سان چيو. پر هڪ حسرت سان ڪريم ڏانهن ڏٺائين.

چانهہ پي ڪريم ٻول ڪنيو،

"الف الله چنبي دي بوٹي، مرشد من وچ لائي هُو،
نفي اثبات دا پاني ملیا، هر رنگ هرجائي هُو،
اندر بوٹي مُشک رچایا، جان قلن پر آئي هُو،
مرشد باهو هردم جيوي، جس ايهہ بوٹي لائي هُو.

(الله چنبيليءَ جو ٻوٽو آهي، جيڪو مرشد من ۾ لڳايو آهي،
هر رنگ هر جڳهہ، نفي ءِ اثبات جو پاڻي ملیس،
ٻوٽو جڏهن ٻوريو تہ منهنجو اندر مهڪ سان پرجي ويو،
باهو چوي ٿو منهنجو مرشد هردم جيئي، جنهن هي ٻوٽو لڳايو آهي)

نانيءَ جي اکين مان ٽپ ٽپ ڪري ڳوڙها ڪرڻ لڳا ءِ سنجي، اڄ پهريون پيرو ميتا جي چهري تي اهڙو وجد ڏٺو جو هاڻ ميتا جي عمر جي ورهين کي بہ وساري ويٺو.

ڪريم ميان من جي لهر ۾ ان سان ٻيون مصراعون بہ ڳنڊي ڇڏيون:

رانجهن نون مين ڈوندِ چلي، مينون رانجهن ملیا ناهين،
رب ملیا مينون رانجهن نہ ملیا، رب رانجهن ورگا ناهين،
(مان رانجهڙ کي ڳولڻ نڪتس، مون کي رانجهڙ ملیو ناهي،
رب ملیو، مون کي رانجهڙ نہ ملیو، رب رانجهي جيهو ناهي.)

ميتا کان نانيءَ جي، ڪريم جي ءِ شايد پنهنجي موجودگي ۾ وسري وئي. هن سنجي کي ڏسندي نہ ڇاڻ ڪهڙو من جو عالم اکين ۾ اوتي ڇڏيو سنجي کي لڳو: "جڏهن ايشور ۾ ڪنهن جي هستيءَ جي آڏو نندو ٿي ويندو آهي، هن اها گهڙي جي ورتو."

ڪريم کي وقت جو خيال آيو ءِ هو ميتا کي سلام ڪندي، بستري تان اٿي ڪڙو ٿيو.

"اڄ خبر ناهي، ڪريم پائو! اوهان مون کي ڇا ڏيو ٿا وجو." ميتا پريل اکين سان ڪريم ڏانهن ڏسي چيو. "ائين ٿو لڳي تہ ڇڻ مون کي پنهنجو پاڻ ڳولي ڏيو ٿو وجين."

سنجي، ڪريم کي وٺي، هيٺ پنهنجي ڪمري ۾ آيو، هن جي من جا بند ٻڌي ٻيا.

ڪريم کي بستري تي ويهاري ءِ اوڪڙو فرش تي ويهندي ڪريم جي هنج ۾ متو رکي روئي ويٺو. سڏڪندي چيائين:

"هي جو ڪجهہ مليو اٿم ڪريم ميان! جلد وڃائجي ويندو..... جيڪا ۾ ممتاز هوندي آهي، اها دنيا جي شيءِ نہ هوندي آهي....."

ڪريم سمورو دک ڇاتو، سمجهيو ءِ چيائين:

"خدا وند! ڏس، پنهنجي آدم جا آنسو، جيڪي تون ۾ نہ ٿو اکهي سگهين."

○

سنجي ڪيتري دير تائين دريءَ مان نظر ايندڙ آسمان جي ان ٽڪريءَ ڏانهن ڏسندو رهيو. جتي ٿوري دير اڳ ميتا اشارو ڪيو هو!

"سنجي يقين ڪندين؟" هن پڇيو.

"ها، ڪندس ميتا!" سنجي چيو هو. هن نہ ٿي ڄاتو تہ ڪهڙي ڳالهہ جو ءِ ڇو؟ پر يقين نہ ڪرڻ کان يقين ڪرڻ ئي ڪيس آسان لڳو. ان سان ميتا جي چهري تي بہ هڪ اطمينان جي جهلڪ اچي وئي هئي ءِ هن چيو هو: "هتي نيري بادل ۾ مان هوندسِ....."

ءِ سنجي ڏٺو، سامهون هڪ ڪڪري آهي ءِ آسمان ۾ هڪ سفيد ڪي ان ڪڪريءَ ڏانهن اڏامي رهيو آهي.

وري محسوس ٿيس. اهو اڏامندڙ ڪي ڪڪريءَ جي وچ ۾ وڃي بيهي رهيو آهي.

هڪ ئي جاءِ تي، اڇين ئي سفيد پر پکيڙي، ءِ ڪڪريءَ جي نيري رنگ ۾ پکيءَ جي ڪير کان بہ سفيد پرن جو رنگ ايان بہ نکري پيو. پکي ان ئي نموني هڪ ئي جاءِ تي جمي ويو آهي..... وري لهندڙ سج جي لالييءَ سان بادل جو اهو ٽڪرو بہ ريٽو ٿي ويو، پکيءَ جا پر بہ....

نانيءَ کان دانهن نڪري وئي..... پر سنجي جي هنج ۾ هڪ خاموشي همیشہ جي لاءِ پئجي وئي..... جيئن ان مهل ميتا جو مٿو هنج ۾ پيو هو. نيٺ رات جي اوندهہ آسمان جي ڳاڙهاڻ ٻنهي هٿن سان اگهڙ لڳي.

○

پڄاڻي:

ڪجھ آواز شايد صدين کان هوا ۾ ترسيل هئا. سي سنجي جي ڪن ۾ ٻُريا.....

"اي پٽ! جيڪڏھن تون ھن مھا ٻڌ کي ڏسڻ گھرين تہ توکي دوئي درشتي ڏئي ٿو سگھان....."

"اي برھم ديو! ديد باس! انھيءَ ٻڌ ۾ منھنجي ئي سپ جو خاتمو ٿيندو. انکري ئي کيس اکين سان ڏسڻ نہ ٿو گھران. مان ڏرت راشٽر انڌو ئي رھڻ ٿو گھران. مان صرف ٻڌ جو حال ٻڌي سگھان، اھڙي کا مھرباني ڪريو....."

سنجي جا ڪن ٻڌي ڇرڪي پيا. ھڪ آواز ڪن ۾ آيس. "سنجي! تون جھڳڙي جو پورو حال، ظاھر، غيبي يا من جو..... سپ ڇاڻي ويندين. مان توکي غيب ڏسڻ جي نظر ٿو ڏيان. تون ئي ڏرت راشٽر کي سڄو ٻڌ جو اکين ڈٺو احوال ٻڌائيندو رھجانءِ."

ڪن ۾ وري آواز گونجيس. ھن ڀيري نظر وياس جي ڏرت راشٽر جي آھي. "سنجي! ھن مقدس ڏرتيءَ کي روکيشتر جي ميدان ۾ گڏيل ڪوروئن ۽ پانڊوئن ڪيئن ٻڌڻ شروع ڪيو؟"

ھڪ الست جو عالم طاري ٿي ويو. گھگھ اوندھ جو راڄ مڙھجي ويو..... ماحول ۾ خاموشي ڇانئجي وئي. نہ ڪوئي آواز، نہ ڪائي صورت شڪل..... وقت جو احساس بہ گم ٿي ويو..... سنجي کي ڪابہ خبر نہ ٿي پئي تہ ھو ڪھڙي جاءِ تي آھي؟ ۽ڪھڙي دؤر ۾؟

اوچتو هڪ رٿ جي ڦيٿن جو آواز ڪنن ۾ آيس. ان سان گڏ هڪ آواز.
"اچو سارٿي! رٿ هلايو!"
اوندهه ۾ خبر نه پئي، انڪري سنجي حيران ٿي پڇيو: "راجن! اوهان پاڻ ڪيئن رٿ ڪاهي آيا؟"
جواب مليس: "هي ڏرت راشٽر جو رٿ ناهي. تاريخ جو رٿ آهي، ويهين صديءَ جي تاريخ جو. اڄ سنجي، منهن جا فنڪار رٿ هلاءِ ٿو مون کي ٻڌاءِ ته من جي مقدس ڏرتيءَ تي هن ويل ڇا ٿي رهيو آهي؟ جيڪو به زندگيءَ جو خواب قلم ۾ پري ٿو، ان جي من جو حال ٻڌاءِ."
سنجي رٿ جي واڳ ورتي ۽ چيائين: "جو حڪم!"
آواز آيو: "ٻڌاءِ! قلم جي طاقت ڪيئن آهي؟"
"رتو ڇاڻ حرفن ۾ ٻڌل." سنجي چيو ۽ پنهنجي من جي ورق ورق جو حرف حرف کولي ڇڏيائين.
سنجي شعوري ۽ لاشعوري طور تي، جيڪو ڪجهه زندهه رهيو، پوڳيائين، اهو ٻڌايو، هي ڪتاب حرف بحرف اهو ئي آهي.

OOOOOOOOO

۽ تاريخ ڪنڌ هيٺ ڪري ٻڌندي رهي. صرف هڪ پيرو هن ڪنڌ مٿي ڪنيو. سنجي ڏانهن ڏٺائين ۽ چيائين: "پراڻن ۽ سمرتين ۾ ڏارا ڏار مهين جي لاءِ الڳ الڳ سڄ جو تصور آهي. تنهن ڪري ٻارنهن سڄ ڳٽايا ويا آهن. اندر، ڏاتا، ڳچ، پوشا، متر، وَرن، اريما، انشو، وِڊ سوت، تستر، سويتا ۽ دشنو، ۾ انسان جي تفڪر ۾ دروئي درشٽي غيبي نظر مجيندو آهيان. انڪري منهن جا سارٿي! تنهن جو هي سڄو دڪ، سڀ سوچون، تنهن جي دماغ جي روشني آهن. انهيءَ روشنيءَ کي مان تيرهون سڄ، ٿو ڪوٺيان ۽ نسلِ انسانيءَ کي وردان ٿو ڏيان: "سندس تيرهون سڄ هميشه جي لاءِ آسمان تي اپريو رهندو."

ناول مان کنيل

- تصور انسان جي بغاوت جو سڀ کان وڏو ذريعو هوندو آهي.
- درياءَ جي وهڻ جهڙي عام کيفيت جيکا جيت ۽ هار جي کنارن وٽان بي نيازيءَ سان وهندي اڳتي هلندي ٿي وڃي.
- درياءَ مان کوئي بہ دل ۾ري پاڻي پي ٿو سگهي، درياءَ کي کوئي اعتراض نہ هوندو آهي. پيئڻ واري جي اڄ تي کا جهل پل کائي بندش نہ هوندي آهي.
- کيئن درياءَ! کنهن آجاري هڪ ڏڪ ۾ري ورتو تہ توهان جي کجهہ گهٽيون تہ نہ؟
- ماڻهو ماني خريد ڪري يا چهرا، گهٽ ۾ گهٽ ايئن تہ ٿيندو تہ چهرا خيرات ۾ ونڊا نہ پوندا.
- بعاوت تہ نڙين ۾ گهٽي پئي آهي. اتي صرف مانيءَ جي صحي هجڻ گهرجي.
- جڏهن کان دنيا جڙي آهي، تڏهن کان کجهہ ماڻهو لڳاتار حرفن کي قتل ڪندا آيا آهن ۽ کجهہ ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جيکي پنهنجو پاڻ کي حرفن ۾ وڃائي ڇڏيندا آهن.
- منهنجو ساهہ انهن ڪاغذن ۾ آهي، اهي رهندا تہ مان مري نہ سگهندس.

□ امرتا پريتم

پڑھندڙ نَسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين " اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندَڙ نَسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ جڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڑا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَڳهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڑھندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيe-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڑھندڙ نسل کي وَڌَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڑھندڙ نسل (پَـنَ) کا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو کو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن کو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن کو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ جاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وٽن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙهـا، نيـرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڑھندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَـنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَڻُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَـن پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن کو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَـنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پڑھندڙ نَسُل . پ ن The Reading Generation

پَڻ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمتائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽ کي نه مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻَ، سمجهَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهه ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهَ هُيا جي سُرخ ڪُلن جيئن، اڄڪلهه نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن.....

... ...

هي بيتُ اَڄي، هي بَم- گولو،

جيڪي به ڪٽين، جيڪي به ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ به بَمَ جو ساڻي آ،

جنهن رِڙَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏُ ۽ چَمَ جو ساڻي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته "هاڻي ويڙهه ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وجايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪجي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڀاڻن ۾ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَڻ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽنر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون پاکي پائي چيو تہ ”منهنجا پاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ“.
- ايار (ڪلهي پاتم ڪينرو)

پڙهندڙ نَسُل - پ ن **The Reading Generation**